
اخلاق انصاري
اڏوهي

اخلاق انصاري

# اڏوهي

COMPILIED IN E-BOOK
BY


**JUNAID JAMSHAID**

I.T.SCHOLARS GROUP OF PUBLICATIONS
LARKANA, SINDH,
PAKISTAN.

www.itsgrouplrk.com

xara_junaid@yahoo.com

Ph.#. 074-4046864-4058075


هن ناول جا سمورا ڪردار فرضي آهن، هڪ جهڙائي اتفاقي هوندي .

# نـالــــي

- **مشتاق شورو**

جنھن نئين دنيا جو در کوليو.

- **مدد علي سنڌي**

جنھن جي ڪري نئين دنيا جي لقائن ۾ احساس کي محسوس ڪيو ۽ سمجھيو.

- **ماٹڪ**

جنھن جي ڪري احساس ۽ لقائن ۽ سمجھ ۾ پختگي آئي.

# اداري پاران

اسانجي اداري پاران ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ ناول جي حوالي سان، هي سنڌي ٻوليءَ جو پهريون اليڪٽرانڪ ٻوڪ (e-book) آهي. سنڌ ۾ ڪيترائي ادارا سنڌي ادب جي واڌ ويجهه لاءِ پنهنجو ڪردار نڀائي رهيا آهن. پبليڪيشن جي اهڙي ڏگهي قطار ۾ جيجل پبليڪيشن پنهنجو معيار مقرر ڪندي اخلاق انصاريءَ جو هي ناول ”اڌوهي“ اوهان پڙهندڙن تائين ڪتاب جي صورت ۾ پهچايو. جڏهن ته ڇپيل ڪتابن جي به پنهنجي اهميت آهي ۽ ٻئي لحاظ کان وري اسان کي جديد دنيا جي مقابلن سان به منهن ڏيڻو ٿو پوي.



www.itsgrouplrk.com

اسان جي اداري جي هميشہ اها ڪوشش هوندي آهي تہ سنڌ جي ناليوارن ليکڪن جون امر لکڻيون اوهان تائين پهچائڻ ۾ پنهنجي ذميواري نڀائيندي اخلاق انصاريءَ جو تازرو لکيل ناول "اڏوهي" اوهان جي سامهون E-Book جي صورت ۾ پبلش ڪندي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. جڏهن تہ اها ذميواري اسان جهڙن ننڍڙن ماڻهن جي ناهي پر اها ذميواري انهن نالي ڪنين ادبي ادارن جي آهي جيڪي ٻوليءَ ، ادب ۽ ثقافت جي نالي تي قائم آهن.

اخلاق انصاري جي لکڻ جو پنهنجو انداز آهي هن جا ڪردار داخلي ڪيفيتن جي پيچ ڏاهہ ڪان وٺي خارجي حالتن جي پيچ ڏاهہ سبب پيدا ٿيندڙ احساسن جي عڪاسي ڪن ٿا ڪيس سنڌ جو پهريون Surrealist ڪهاڻيڪار بہ چيو ۽ مڃيو وڃي ٿو، هن ناول جو ڪردار بہ سندس ڪهاڻين جي ڪردارن جيان زندگي ۾ پيش ايندڙ عذابن جي ڪرب مان گذرندڙ هڪ شخص آهي. سچ تہ اهڙن ڪردارن تي لکڻ جو ڪمال صرف اخلاق انصاري وٽ ئي آهي.

اخلاق انصاري جنهن جا هن ناول ”اڏوهي“ کان اڳ ٻه ڪهاڻين جا مجموعا ”رڃ ۾ رابيل“ 1986عيسوي ۾ ۽ ”مان ڪائنات آهيان“ 2003 عيسوي ۾ اچي چڪا آهن. جيڪي عنقريب E-Book جي صورت ۾ سائيٽ تي پبلش ڪبا.

جنيد احمد فاروقي
٢٠ اپريل ٢٠٠٧


www.itsgrouplrk.com

# مهاڳ

ڪهاڻي/آکاڻي/ڪٿا جي تاريخ ايتري ئي پراڻي آهي جيترو پراڻو اتهاس انساني شعور جو آهي ۽ ان جي ڀيٽ ۾ ناول جو اتهاس گذريل ڪجهه صدين تائين ئي محدود آهي. يورپ جي نئين جڳ Modern Era جي شروعات ئي ناول جي شروعات آهي. يا ائين ڪٿي چئجي ته Modern Era جو اتهاس ۽ ناول گڏو گڏ اسريا ۽ وڌيا ويجها آهن ته ڪو وڌاءُ نه ٿئي شايد!

ناول بنيادي طور تي، بنيادي نه پر لازمي طور تي يورپ جي ئي تخليق آهي. ان جون پاڙون يورپ جي سڀيتا، جيون، شعور ۽ وايو منڊل ۾ ايتريون ته سگهاريون ڪتل آهن جو اڄ به ناول يورپين صنف ئي آهي. باقي دنيا ۾ وڃي ان

جو ٻڪشن بدليو ضرور آهي، پر ان جو اسٽرڪچر يورپين ئي رهيو آهي.

يورپ کان ٻاهر نڪري ناول بيٺل پاڻي جو بدبودار ڍبو بڻيو آهي، ڪٿي نہ ڪٿي پر پنهنجي جنم ڀومي يورپ ۾ اهو بدلجندڙ ثقافتي، سياسي، معاشي، هنري، سماجي ۽ شعوري حالتن/لاهن چاڙهن ۾ قدرن سان وکَ ۾ وک ملائيندو، پنهنجو رنگ روپ، فارميٽ ۾ اظهار جو طريقو مٽائيندو رهيو آهي. يورپي شعور جي اظهار جو ميڊيم/وسيلو اڄ بہ ناول کان وڌيڪ سگهارو وسيلو ٻيو ڪو بہ نہ آهي، اليڪٽرانڪ ميڊيا بہ ناول اڳيان لاچار نظر پئي اچي.

يورپي ناول جي Continuity جو مثال اسان کي ساهت جي ٻي ڪنهن صنف ۾ ڳوليو بہ نہ ٿو لڀي. Modern Era جي ابتدا ڪندڙ Cervantes جو Don Quixote ٽن سئو سالن جي لاڳيتي سفر کان پوءِ ويس مٽائي Castle جي Land surveyor جي روپ ۾ ڪئسل جي هيٺان وسنديءَ ۾ نظر ٿو اچي، جتي ڪيس ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ سائنس هي سڀ ڪجهہ ڇو ٿي رهيو آهي؟ ٽي سئو ورهيہ اڳ هو پنهنجي مرضيءَ سان، پنهنجي لاءِ چونڊيل ايڊوينچر تي نڪتو هو ۽ ان ۾ ڪو ٻاهريون عمل دخل نہ هو پر هاڻ Castle جي هيٺان وسنديءَ ۾ هن وٽ چونڊ ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچيو آهي. هن

جي فائيل ۾ ٿيل هڪ معمولي چڪ جي نتيجي ۾ اهو ايڊوينچر هن مثان مڙهيو ويو آهي، اتي هن جي پنهنجي مرضي/ارادو، لاچاري/بيوسيءَ جي ور چڙهيل آهي.

Modern Era جي ابتدا کان وٺي هيل تائين ناول، وساريل هستيءَ واري وايو منڊل ۾ بنا ڪنهن رنڊڪ جي، ايمانداريءَ سان جذبن/احساسن/ڀاونائن جي ڳجهي جيون کي بي نقاب ڪندو، شخص جو بي پاڙو هجڻ جي کوج ڪندو، انساني ورتاءُ ۾ فيصلن ۾ ڊاڪ جمائي ويٺل Irrational کي وائکو ڪندو، پراچين دور جي ڏند ڪٿائن تي انسان جي اڻچوڪن actions جو جائزو وٺندو رهيو آهي.

اوائلي يورپي ناول بظاهر غير محدود دنيا وسيلي سفر ڪندا نظر اچن ٿا. Jacques Les Fatalist جا ٻه هيرو اسان کي وچ سفر ۾ ملن ٿا. اسان کي اها خبر نه ٿي پوي ته اهي ڪٿان آيا آهن ۽ ڪيڏانهن وڃن پيا. هو ان ٿائيم ۾ موجود آهن، جنهن جي ڪا شروعات ڪانهي، ان Space ۾ رهن ٿا جنهن جي ڪا حد ڪونهي. اتي ٻاهرين وڇايل لامحدوديت جي جاءِ روح جي لامحدوديت ٿي والاري. پر اهو Illusion جٿاءُ نه ڪري سگهيو، ڊگهي عرصي تائين، روح جي Infinity جيڪو اوائلي يورپي ناول جو پرم هو، سو پنهجو جادوئي

اثر تڏهن وچائي ويٺو، جڏهن هڪ ٽري/يڪ طرفي نوعيت جي سائنس ۽ ٽيڪنالوجي فرد/شخص جي مٿالپٽي کي ٽيڪنالاجيڪل ۽ مئٿاميٽيڪل ڪوجنائي object ۾ سڪوڙي/محدود ڪري ڇڏيو. نتيجي طور خدا ان تخت/هنڌ تان Disappear ٿي ويو، جتان ويهي هو ڪائنات ۽ ان جي Values واري سرشتي/نظام کي هلائيندو هو ۽ نيڪي ۽ بديءَ جي وچ ۾ فرق محسوس ڪرائيندو هو، هر شيءِ کي معنيٰ ڏيندو هو، پيو ته پيو انساني ڏکن، اهنجن جو تدارڪ ڪندو هو ۽ ظالمن کي سزائون ڏيندو هو. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن Don Quixote پنهنجي عام رواجي سڪون واري گهر کان ٻاهر نڪتو ته ٻاهر جي غير معمولي دنيا کي سڃاڻي ئي نه سگهيو.

دنيا جي واڳ سنڀاليندڙ اعليٰ جج ۽ مقدس انصاف ڪندڙ جي اچانڪ غير موجودگيءَ ۾ دنيا ڀوائتي مونجهاري جي ور چڙهي ويئي. واحد مقدس سچ Final Divine Truth ننڍن ننڍن ٽڪرن ۾ ورهائجي اڪيچار Relative Truths جي شڪل ۾ نروار ٿيو. ايئن جديد يورپي ناول ۾ غير يقيني جي ڏاهپ Wisdom of uncertainty ظاهر ٿي، جنهن ۾ ٽرائل جو .K بي ڏوهي هو جنهن کي فطري طور تي نا انصافيءَ تي ٻڌل

ڪورٽ چيپياٽيو هو يا وري ڪورٽ Divine Justice جي نمائندگي ٿي ڪئي ۽ .K ڏوهاري هو.

غير يقينيءَ جي ڏاهپ واري ڪوڙڪي شخص لاءِ مشهوري يا بهتر تقدير جي اميد نه ٿي ڏياري، اها ته مشڪل سان Land surveyor's جي جاب جي غير يقيني واري اميد ڏياري ٿي. ڪورٽ يا ڪئسل واري حالت ۾ .K وٽ چونڊ لاءِ ڇا آهي؟ هن ڪان ته Bovary Emma وارا سپنا به ڪسجي ويا آهن. صورتحال جي ڪوڙڪي انتهائي خطرناڪ آهي، اها ويڪيوم ڪلينر جيان هن جا ويچار، جذبا ۽ احساس به ڇڙڪائي ٿي وٺي. هن وٽ هن جي ٽرائل ۽ Surveying واري جاب ڪان سواءِ ويچارڻ لاءِ ٻيو ڪجهه به ناهي. روح جي لامحدوديت، جيڪڏهن ان جو ڪو وجود آهي ته، اها هڪ بيڪار appendage جڙيل شيءِ آهي. ڪورٽ کي .K جي قتل سان ڪجهه به هڙ حاصل ٿيڻو ناهي ۽ نه ئي لئينڊ سرويئر کي اذيت ڏيڻ سان Castle جو ڪو فائدو آهي. هتي ته رڳو انساني concerns ڪان بي نياز اگهاڙي طاقت پنهنجو ڪم ڪري ٿي.

جڏهن Amalia ڪئسل جي عملدار طرفان لکيل Obscence letter کي غضبناڪ غصي ۾ اچي ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري اڇلائي ٿي ڇڏي ته ڪئسل Amalia جي ان

Rash behavior ڪي نندڻ جي ضرورت تہ نڻو سمجهي پر ٻپ پاڻ مرادو حرڪت ۾ اچي ٿو وڃي. جڏهن تہ Castle پاران ڪوبہ آرڊر اشو ناهي ٿيو ۽ نہ ئي وري Amalia بابت Castle پاران ڪنهن ڪاروائي جو ڪو اهڃاڻ ٿو نظر اچي. پر پوءِ بہ هرڪو Amalia جي ڪٽنب کان ايئن پري ڀڄي جيئن ماڻهو پليگ کان ڀڄندا آهن.

Amalia جو پيءُ پنهنجي ڪٽنب کي Defend ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري ٿو پر اتي مسئلو اهو آهي تہ نہ رڳو فيصلي جو Source ڳولڻ ناممڪن آهي پر خود فيصلو ئي موجود ڪونهي. اپيل ڪرڻ يا معافيءَ جي درخواست لاءِ ضروري آهي تہ پهرين سزا ٻڌائي وڃي پر هن معاملي۾ سزا جو وجود ئي ڪونهي، ان ڪري پيءُ Castle کي التجا ٿو ڪري تہ سزا صادر ڪئي وڃي پر هن کي ڪو ٻڌڻ واروئي ڪونهي.

هي اها KafKan world آهي جنهن ۾ اسان سڀ جيئون پيا، ساهہ پيا کڻون، جتي هر قدر Value۾ اميد تباهہ ۽ برباد ٿيل آهي ۽ Victim/شخص هر آئت/ڀرم کان محروم آهي، صرف ٽرئجڊيءَ۾ ئي آئت آهي. ڇا جي ڪري هٽلر/جرمني اڳ۾ ، ۽ آمريڪا هاڻي دنيا کي زيردست/محڪوم رکڻ ٿي چاهي، ڇا اهو وڏيڪ امير بڻجڻ يا ذهني خوشي ماڻڻ لاءِ

آهي؟ نـ اهـو ايئـن نـاهـي، اهـا رڳـو خـواهـش جـي پـورائـي جـي خواهـش آهـي. اڳرائـي واري طـاقت دولت ۽ خـوشـيءَ ۾ عدم دلچسپي رکندڙ ۽ Unmotivated هـوندي آهـي، ان جي عملن ۾ سواءِ Irrationality جي ٻيو ڪجهه بـ نـ هـوندو آهـي، اهـو ئـي مـاڊرن ايج جو Paradox آهـي. ان ئي Paradox کي Hermann Brochد سليپ واڪر (The Sleep Walker) ۾ چٽـي ريت وائـکو ڪيو آهـي.

Monster ٻـاهـر جي صـورتـحـال آهـي، جنهن جو نـالـو تـاريخ /اتـهـاس آهـي، جيـڪـا شـخـص جـي نجي اندروني دنيا ۾ داخل ٿـي مـانـداڻ مچـائـي ٿـي.

يورپ مان نـڪري جتـي نـاول بـاقـي دنيا ۾ جنهن انداز ۾ اسريو آهـي، اتـان جي رهڻـي ڪـهڻـي، ورتـاءُ، هلت ۽ ڪـلچر جي رنگ ۾ رنگيو آهـي. اتـي بـدقسمتـي سـان سنڌ ۾ نـالـي مـاتـر لکجندڙ سنڌي نـاول انـهن چوٽـين کي ڇـهي نـ سگهيو آهـي جتي بـاقـي دنيـا جو نـاول هـن وقت موجود آهـي. ان جو ڪـارڻ Totalitarian ۽ ٿـيوڪـريٽـڪ وايومنڊل آهـي.

سنڌ ۾ شـوڪـت شـورو، مـاڻـڪ ، علي بـابـا، نسيم کرل، طـارق عـالم، مدد سنڌي، آغا سليم ۽ خيرالنسا جعفري سنڌي ڪـهاڻي کي تـ جيئـنـدان ڏيڻ ۾ ڪـامـيـاب ٿـيا پـر نـاول سنڌ ۾ ايـترو خوش نصيب نـ رهيو آهـي. هـونـئـن بـ ٿـيو ڪـريسـي ۽

Totalitarian Universe سان ناول جو ٺهڪي هلڻ لڳ ڀڳ نا ممڪن ٿي آهي. ماڻڪ جو "لڙهندڙ نسل" ۽ "ساهه مٿي"، ان گهٽ ٻوسٽ جي عذاب ۾ رهڻ جي اذيت جي عڪاسي ڪن ٿا ۽ اهو سڀ ڪجهه لکڻ جو ساهس ماڻڪ ئي ساري سگهيو.

اهو ئي ساڳيو تسلسل ۽ اظهار اخلاق انصاريءَ جي هن ناول ۾ آهي. جڏهن ناول جو مکيه ڪردار ان نتيجي تي پهچي ٿو ته هن جي اذيت اڳ ۾ ئي طئه ٿيل آهي ۽ ان کان بچڻ جون سموريون واٽون بند آهن ۽ جيون جي سچي ڊوڙ اجائي آهي، اها اميد ئي آهي، جيڪا خوف پيدا ڪري سهڪائي، ذهني سڪون تباهه ڪري ٿي.

اخلاق انصاري جي ناول ۾ آس پاس جي صورتحال ايتري ته Terrible ايتري ته گهٽ ۽ ٻوسٽ واري آهي، جو ڪردار ان Paradox جي آمهون سامهون اچي بيٺو آهي، جتي سڀ ڪجهه بي معنيٰ ۽ بيڪار هر شيءِ غير منطقي بنجي وڃي ٿي. جن رشتن ۽ لاڳاپن لاءِ هو سخت پريشان ۽ فڪرمند ٿو رهي سي بہ مئڪينيڪل بنجي ٿا وڃن. هو ان Totalitarian truth ۾ جيئڻ ٿو لڳي جتي Relativity، شڪ ، سوال جي لاءِ ڪا گنجائش ناهي.

خواب ۽ حقيقت جي Fusion واري صورتحال ۾ رهندڙ اخلاق جي ناول جو ڪردار هڪ اهڙي مقصد لاءِ پنهنجي زال جو قتل پنهنجي ئي پائيتي هٿان ڪرائي ٿو، جنهن جو ڪو مقصد ئي ڪونهي. قتل ٿيڻ کان پوءِ بہ هو ڪنهن، جذبي/احساس/پڇتاءَ کان خالي رهي ٿو جيڪو اخلاق جي ناول جو Intellectual Synthesis آهي. ناول جي ڪردار جي ان روش سان هن جي سموري حياتي، سموري جستجو، رشتن جو بوجھ هڪ واحد گھڙي Single moment۾ تبديل ٿيندو ٿو نظر اچي ۽ زندگي پيار ۽ رشتن جي ڪوڪلائپ چٽيءَ ريت پڌري ٿي ٿي پوي. اخلاق جي ناول۾ اهو سچ چٽو نظر ٿو اچي تہ اسان جي آس پاس جي دنيا هڪ اهڙو Mechanism آهي. جيڪو پنهنجن ئي قانونن پٽاندڙ هلي ٿو ۽ ڪوبہ نٿو ڄاڻي تہ انهن قانونن کي ڪنهن ۽ ڪڏهن پروگرام ڪيو. اهي قانون انساني فڪر/ڄاڻيءَ کان بي نياز پنهنجو ڪم ڪندا ٿا رهن، بلڪل ايئن جيئن Castle جي چوٿين Chapter ۾ ڳوٺ جو ميئر .K کي سندس فائيل جي هسٽري جا تفصيل ٻڌائيندي چوي ٿو تہ ”ڪجھ سال اڳ Castle مان تجويز آئي هئي تہ ڳوٺ لاءِ ليند سرويئر مقرر ڪيو وڃي. “ پر ميئر ان تجويز جي ناڪاري موٽ ڏيندي لکيو هو تہ ”ڳوٺ کي ليند سرويئر جي ضرورت

آهي ئي ڪونه. " پر اهو جواب ڦرندو گهرندو ڪنهن غلط فائيل ۾ هليو ويو ۽ ڪيترن ئي سالن تائين ڪامورا شاهي جي مونجهائيندڙ غلط فهمين جي هڪ ڏکي سلسلي ڪان پوءِ جڏهن سموريون واسطيدار آفيسون، ان پراڻي مدي خارج تجويز کي رد ڪرڻ واريون هيون ته فائيل جي چڪ وچان K. کي جاب آفر اشو ٿي ويئي. ان غلطي جو ڪارڻ K. هڪ ڏکي سفر کان پوءِ Castle جي هيٺان ان وسنديءَ ۾ اچي نڪتو، هتي صرف يڪ طرفي طاقت ئي پنهنجي ڪم ۾ رڌل هئي ۽ K. لاءِ Castle جي ان جي هيٺان وسنديءَ ڪان سواءِ ٻي ڪا دنيا ممڪن ئي ڪونه هئي، ۽ هن کي فائيل جي غلطي بدران خود پنهنجو ئي وجود غلطي لڳو. اهو ئي حقيقي Relative سچ هو، اتي سموري لاجڪ Reverse ٿيندي نظر اچي ٿي. سزا پاتل شخص کي سزا جي ڪارڻ جي خبر ئي ڪونهي، اهائي Continuity آهي ماٺڪ جي ساهه مٿ ۾ ۽ اخلاق انصاري جي هن ناول جي.

مشتاق احمد شورو

# اڏ

هرو ڀرو ايئن بہ تہ نہ آهي نہ، جيئن مان سوچيان ٿو، اهو صحيح آهي، يا ايئن هجي بہ ۽ نہ بہ هجي تہ، مان اهو سڀ ڪجهہ امڪاني حدن۾ رهي وڏيڪ سوچيو هجي، وڏيڪ سوچ ئي الائي ڪيترا گمان پيدا ڪيا آهن ۽ اصل ۾ گمان جو نتيجو اهو هجي ئي نہ، جيڪو مان اڳواٽ طئي ڪيان ٿو.

پر

ٿيڻ لاءِ تہ ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو. ڀل ان پٺيان ڪا مطلق سوچ هجي، يا لمحاتي فڪر ڀلا، سوچ جي بغير بہ تہ عمل پنهنجا نتيجا آڻين ٿا ۽ مون وٽ سوچ جو اهو انداز بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ، تہ .... سڀ ڪجهہ پاڻيءَ۾لهرن پيدا ٿيڻ کان پوءِ ..... لهرون وڏي، وڏيون ٿي، سڏيون ٿي ويندي ون آهن، چڻ ڪجهہ بہ نہ ٿيو هجي.

بلڪل ايئن جيئن........

۽

سچ جڏهن ڪجهہ بہ نہ ٿيو تہ مان زندگي۾سڪون پيدا ڪرڻ لاءِ، هتان ئي هليو ويندس.

زندگي گذارڻ لاءِ چا ان کان بهتر ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي.

آهي تہ......

ايئن بہ تہ ڪري سگھجي ٿو، تہ ڳوٺ ۾ پرسان، ٻن ايڪڙن ۾ ، گلن جي نرسري رکي، ان کي بزنس ٻڌايان ۽ مختلف جانورن ۽ پکين جي آنن کي، انڪيوبيٽر ۾ رکي مارڪيٽ ڪيان.

يا اڪواريم ۾ تازي پاڻيءَ جون مڇيون رکي بريڊنگ ڪرايان.

ڇا انهن ۾ بهتر انڪم ۽ بنا ڪنهن نقصان جي زندگي، گذري نہ سگھندي !

"گذري ويندي."

گذريل ڇئن ڏينهن کان هو اذيت ۾ آهي. هڪ عذاب ۾ آهي، جنهن ڪري ڪنهن ڪنهن وقت، هن جي جسم مان سيءَ جي ڌرڙي ٿي نڪريس ۽ نڪتل ڌرڙي ۾ هڪ وڏو ٻپ ۽ اهڙوئي ٻپ جڏهن ڳوٺ ۾ ، هو ڪنهن مائٽ جي مرتئي تي، قبرستان ۾ بيٺو هو ۽ هيٺ قبر کوٽيندڙ مزدور کي قبر سڌي ڪرڻ جو چوندو رهيو.

"سمهي ڏس!"

"سمهي ڏس!"

پر مزدور هن کي ٻڌڻ بنا، قبر جي تري کي سڌو ڪندو رهيو. پوءِ هيٺ پاڻ ئي لهي، ماپ لاءِ جيئن قبر ۾ سمهيو، تہ قبر جون پيتيون ڏگهيون ۽ هزارين ميل ڏگهيون، جن اندر پاڻ کي پيل ڏٺائين ۽ مٿان بيٺل ماڻهن جا قد انتهائي ڏگها. آواز وڏا. قبر ۾ هوا جي آوازن ۽ ماڻهن جي مليل آوازن هڪ عجيب Resonance پيدا پئي ڪئي. سخت گرمي هوندي بہ سخت سيءَ جي لهر هن جي جسم ۾ ڊوڙي وئي ۽ هو نستو ٿي اٿي، ٻاهر آيو تہ بيٺل وڻ ۽ روڊ ڏانهن هلندڙ ٽريفڪ ۽ آواز هن کي رنگين لڳا.

۽

هاڻ ڪيس ڪمري ۾ لڳي ٿو ته هو سمهي نه سگهندو، سمهيو ته ٻگها قد ۽ مختلف آواز ٻڌڻ ۾ ايندس. اهو تصور ڪندي هن جي جسم ۾ سيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. هن اٿي اچي، ڪبٽ کولي ڪتاب ڪڍيو ۽ ان جي اندر ڏٺو..... چيڪ پيو هو.

"پيو آ .... پيو آ...."

"ڪم ته نه ٿيندو؟ ڪيئن ٿيندو، متان ٻه .... متان ٻه...."

"ڪم واري مائي يا ٻار؟ ڪير ڪڍندو؟ ڪير ٻه نه. ڪير ٻه نه ڪڍندو."

وري ڪتاب کولي ڏٺائين.....

"پيو آ....." اطمينان ٿيس..."پيو آ....." ڪبٽ بند ڪري، هن ڏٺو ته ٻار انتهائي ٿڪل، اطمينان سان ستل هئا. انهن مان ننڍي پٽ هنس ننڊ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو... "يار تيز!.... تيز نه .... تيز نه ...."

هن سوچيو.... "ننڊ ۾ ڪرڪيٽ کيڏندو هوندو. يا وري .. وڙهندو هوندو."

ننڍو پٽ پاسو بدلائي سمهي رهيو ۽ هو وري اچي سمهي، وري اٿي اچي آئيني آڏو بيٺو. هن کي پنهنجو چهرو بي نور، ڏاڙهي ٻن ڏينهن جي وڌيل هئڻ ڪري منهن تي تازگي ڪونه ... اکين هيٺان هلڪا ڪارا داغ ظاهر ٿيڻ ڪري عجيب نه وڻندڙ لڳو. هن پاڻ کي ويچارو ويچارو محسوس ڪيو..... آئيني ۾ اچان ٻه پاڻ کي وڌيڪ ڏسي ها ته روئي پوي ها. بي وسيءَ ڪري ڏک هن جي نڙيءَ ۾ بيٺل هيو.ڪبي اک هنيائين.... اک هڻڻ سان سيءَ جي ڏرڙي خوف جي لهر ڊوڙائي ڇڏيس.

اک....ايئن ئي بند ٿي کلي جيئن ڪنٽرولر اک هڻندي چيو هيس.

"سر.... رکي ڇڏيو"

"پر.... "

"پر سائين..... ايئن ٿيندو آهي."

”منهنجي تہ ڪا اسائنمينٽ ئي نہ آهي.“
”نہ..... سائين ڪڏهن ڪڏهن“.... اڪ هٽندي.
”ايئن بہ ٿيندو آهي..... ڪير پڇڻ وارو آهي!“
”پر منهنجا تہ، ڪنهن بہ اسائنمينٽ جا پئسا رهيل ئي نہ آهن.“
”سر....ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو آهي.... تہ پيسا اڳواٽ ملن ۽ اسائنمينٽ پوءِ.“

ٱ

هن سڌو.... وي سي سان ڳالهايو....
”مليو اٿو تہ ٺيڪ آ.“
”پر.... سر....“
”ڏسو نہ ، سڄي جڳہ الائي ڇاڇا ٿو ٿئي. هي تہ ويهہ هزار آهن.... توهان پلا يونيورسٽيءَ جي خدمت نٿا ڪيو....“
اٿيو.
”ويهہ هزار “
اک کليل.
”ويهہ هزار“
اک بند.
”ويهہ هزار“
اک کليل.
”ويهہ هزار“
اک بند.

هن اڪيون ڪوليون. چڻ ڪمرو قبر هجي. ڪنٽرول، وي سي ۽ ٻيا....
جن جا قد ڊگها ۽ نڪتل آوازن جا Resonance. هن ڪيٽ کي ڏٺو،
جنهن کي تالو هو ۽ شيشيءَ ۾ رکيل ڪتاب، جنهن ۾ پيل چيڪ.
”پرکھڙي اسائمينٽ ؟ “
”ڪا بہ نہ !؟ “
”ڪا تہ ؟ “
”ڪا تہ ؟؟؟ “
ايئن تہ نہ آهي ... تہ ... ڪڏهن ڪنهن Development ڪاميٽي ۾ رکي
... ڪنهن بلڊنگ ۾ ڪم چاٽائي صحيح وٺن ... هان ....يا .... سپورٽس
ڪاميٽيءَ جي چارج آهي ..... سامان ڪاغذن ۾ خريد ٿيل ڏيکارجي .....
۽ خريد نہ ڪجي.... پر شيئر ڪجن؟
”ايئن بہ هجي.... اجان ڪا وڏي اسائنمينٽ ..... وڌيڪ خطرناڪ .....
جيڪا ..... مان سمجهي نہ ٿو سگهان ......“
”پر اهو بہ تہ ممڪن آهي، تہ ڪنهن پارٽيءَ جي شاگرد کي....
مارائي..... ڪوڙي شاهدي ڏيارين ..... ۽ پوءِ ..... ايئن بہ تہ ٿي سگهي
ٿو..... ايئن بہ تہ ٿي سگهي ٿو ..... ان ڪان پوءِ مون کي بہ......“
”مون کي بہ .... مون کي .....“
هن کان آواز نڪري ويو. پاڻ سنڀالي.... وري....
”نہ ، مارينڊا تہ نہ .... انڪوائري ٿيندي .... ۽ انڪوائري ۾ پگهار تہ
بند تہ نہ ڪندا !؟“
”پوءِ ٻارڙن جي اسڪولن جي فيس ..... ڪائينداسين چا؟.“
”بجلي جو بل .... “
”گئس“....

”نہ شايد انڪوائري.... معطلي دوران پگھار چالو ٿي رهندي يا ..... پگھار بند“

”ها.... پوءِ بہ تہ ، وقت گذري ويندو.... ڏکيو ....سکيو“

”بس...... “

”پر جي .... انڪوائري ثابت بيهاري ڇڏين تہ پوءِ ....! “

”نوڪري تہ نہ رهندي.... پوءِ ڇا ڪندس.... ڏنڌو. “

”ڏنڌو؟ “

”ڪهڙو؟ “

”هلڪو سلڪو تہ نہ ڪري سگھندس. ڪا ڪيبن بہ تہ کولي نہ سگھندس. وڏي ڏنڌي لاءِ پئسا ڪٿان ايندا؟ يا ڪنهن پرائيويٽ فرم ۾ نوڪري ڪندس..... ملندي؟؟ “

”يا.... ايئن بہ تہ ٿي سگھي ٿو تہ جيل ۾ وڃهن. “

هن کي لڳو.... هرويرو وڌيڪ سوچي ٿو. اٿي اڱڻ ۾ آيو، سٺ واري بلب جي روشني ڇموڻ جي وڻ تي پئجي رهي هئي. هن بہ گلاس پاڻي جا پيتا. اندر ۾ فيصلو ڪيائين تہ.....

”اهو سڀ ڪجھ ايئن نہ آهي، جيئن مان سوچيان ٿو.... هرويرو ٿو سوچيان. بهتر اهو آهي تہ .....“

”بس .... ڪنهن وڪيل سان صلاح ڪيان. پر.... ڪهڙي بنياد تي ڳالهايان؟ اڱواٽ ڪهڙو ڳالهايان. ڪو ڪيس تہ ڪونہ آهي.... رهندو، بئي ماڻهو کي خبر پئجي وڃي.... ايئن بہ تہ ٿي سگھي ٿو.... اها ڳالھ ايئن اتي جو اتي خاموشيءَ ۾ ختم ٿي وڃي ..... ايسيتائين محدود هجي.... ها.... ڪا تڪليف اچي، تہ پوءِ وڪيل سان

ڳالهائجي. پر وڪيل بہ تہ ڪورٽ ۾ مدد ڪري سگھندو. ڊپارٽمينٽل انڪوائريءَ ۾ تہ نہ.... پر جي ڪورٽ ۾ ڪيس وڃي تہ پوءِ؟"

"ڪورٽ؟ ڇا منهنجي ٻارڙن کي تحفظ ڏيندي؟ مان اهو تحفظ گھرندس!؟؟"

"ايئن.... ڇو نہ ڪجي ....چيڪ اڪائونٽ ۾ جمع ڪرايان؟"

"ضرورت مهل پئسا ڪڍائي واپس ڪيان."

بس.... ٺيڪ آ.... پر .... جمع تہ منهنجي اڪائونٽ ۾ ٿيندو نہ...... پوءِ تہ مان ڏوهي ٿيندس..... ۽ پڪ سان سزا بہ تہ اچي سگھي ٿي..... پوءِ ٻارن جو ....."

هرويرو جي اهڙي ڪا حالت ٿي تہ ٻارڙن کي وڏي پاءُ ڏي موڪلي ڇڏيندس .... پر، اتي هو ٻارن کي اهڙي نموني رکي سگھندو، جيئن مون وٽ آهن..... جيئن مان انهن کي انتهائي ٽائيم ٽيبل سان هلايان ٿو. اسڪول وڃڻ کان پوءِ .... گھر ۾ موٽي اچڻ مهل انتهائي گرم لفظن ۾ "ويلڪم" ڪرڻ. مانيءَ تي منجهند جو اسڪول جو حال احوال ..... ۽ شام جو ڪڏهن باسڪيٽ بال ۽ بيڊ منٽن تي ڪمپني ڏيڻ .... ۽ واڪ تي ڪنهن نہ ڪنهن موضوع تي ڳالهائڻ.

جڏهن تہ ادا وٽ تہ زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ٽائيم ٽيبل رهيو ئي نہ آهي.

هن کي تہ اسان جو بہ ڪڏهن اونو نہ رهيو ، بابا جي گذاري وڃڻ کان پوءِ هو جيڪڏهن اسان کي پنهنجو حصو ڏئي ها، تہ گھٽ ۾ گھٽ پندرهن ويهہ جريب زمين جا ملي وڃن ها ..... پر هن تہ الٽو اهو چئي ڏنو،

"توکي يونيورسٽيءَ جي پڙهائڻ دوران ۽ شادي ڪرائڻ تائين ئي منهنجو گھڻو خرچ ٿيو آ، ۽ ممڪن آ، ان کان مٿي بہ آيو هجي."

۾ هاڻ، هو منهنجي ٻارڙن کي ڇا ڏيندو؟..... منهنجي وڏي پٽ ٻڌايو هو تہ،" بابا، چاچا جي گهر مان وڊيو گيم کنيم کيڏڻ لاءِ، تہ چاچيءَ چيو، "پٽ رک .... رک. خراب ٿي پوندي."

پر....

"پر.... هن جا پنهنجا ٻار بہ کهڙا سڌريل آهن. دير سان اٿن. سڄو وقت سيٽ لائيٽ تي فلمون.... اجايو سجايو فيشن .... هنن جي زندگي رڳو اداڪارن جون ڳالهيون ۽ فلم ڪيريئر جي ڇاڻ رکڻ، ڇڻ زندگي جو ڪارج .... نڪو ڪم جو شيڊول ۽ نہ ئي ڪو ٽارگيٽ ..... صرف.... صرف.... اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري ئي، جو ادا ڪي ڌيءُ نہ آهي. جي انهن کي پنهنجي ڀيڻ هجي ها، تہ شايد زندگي ۾ گهر کي هاسٽل نہ ڪن ها ..... ايئن نہ گذارين ها.... حقيقت ۾ ڌيءُ ئي .... گهر جي unit کي مضبوط ڪري ٿي، جيئن اسان کي ڀيڻ نہ آهي .... منهنجي ٻارن لاءِ ڀيڻ جو هجڻ ضروري آهي."

۽ پوءِ هن جي نظر وري ٻارڙن تي پئي، جيڪي ننڊ ۾ اڃان وڌيڪ معصوم لڳس.

هو سوچڻ لڳو....

نندي ياءُ ڏي ئي هليا وڃن.

"پر.... ان ياءُ تہ ڪڏهن بہ امڙ ۽ ابي جي قبرن تي نہ گل رکيا، نہ ڪڏهن اگربتي ٻاري.... ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ ان کي ايئن ئي سمجهہ۾آيو هجي، تہ گل رکڻ ۽ اگربتي ٻارڻ سان، نہ انهن جي اهميت وڌندي، نہ ئي اهي قبر۾ محسوس ڪندا؟.... پر ايئن بہ نہ آهي .... بابا جي هوندي، هو ان جي منهن سامهون بہ ڪافي دفعا ٿيو. ڪيس بابا کان شڪايت هئي.... تہ سڄي زندگي بابا.... اسان ٻارڙن لاءِ

وڏن جي چڏيل پنجاهہ سٺ جريبن کان وڌيڪ ڪجھ نہ ٿاھيو.....
جڏھن تہ ھو سٺي عھدي تي بہ ھو ..... ان ھوندي بہ ھن اسان لاءِ
ڪجھ نہ ڪيو. صرف ايمانداريءَ جي اصولن کي ذھن ۾ رکي، ٻارڙن
جي زندگيءَ سان ڪيڏيو.... ھن کي زماني سان ھلڻ کپندو ھو..... پر
پنھنجي اصولن کي قائم رکڻ لاءِ ..... ٻارن کي ان جو ٻارڻ
ڪيائين ...."
"يا شايد ھن پاڻ کي گل نہ رکڻ جو اھوئي سبب ھجي، تہ ان تي بہ
پئسا خرچ ٿيندا .... ھونءَ بہ ان جي سوچ اھائي آھي تہ .... پئسو
رڳو ويندو آھي .... ايندو نہ آھي .... يا جلدي ويندو آھي ۽ آھستي
آھستي ايندو آھي .... اھو پنھنجي ٻارڙن کي بہ ڳٽيل مانيون ۽ حساب
سان ٻوڙ ڏيندو آھي ..... ۽ منھنجا ٻار....؟"
ھن روئڻ چاھيو، پر روئي نہ سگھيو. اٿيو. اٿي ڪمري ۾ ھرويرو گھمي
سوچڻ لڳو.
"پر...."
پر..... ڪان پوءِ ھو اجان ايئن سوچي پيو تہ زالھنس جي اک کلي.
"چو، ننڊ نہ ٿي اچيو؟."
"نہ"
"چو؟"
"ايئن ئي."
"پڙھو."
"چا؟"
زالھنس ھن ڏي غور سان ڏٺو.
ھن سوچيو.....

”هن کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيان .... ٻڌايانس پر.....
پر..... نه، اڃان ڪجهه ڏينهن ڇڏيس.“
”توهان ڪجهه ڏينهن کان صحيح ننڊ نه ٿا ڪيو؟.“
”ها.“
”ڇو؟“
”اصل ۾.... هاءِ وي تي ڪار ۽ ٽرڪ جي حادثي ۾ ڇڇريل ماڻهو ۽ ٻار ڏٺم. سمهان ٿو، ته اهي ذهن ۾ اچن ٿا .... ننڊ ڪرڻ نٿا ڏين!!“
هن جي ايئن چوڻ تي، زالهنس پاسو ورائي سمهي پئي. هن غور سان ڪتاب ڏي ڏٺو ته سيءَ جي لهر جسم مان نڪري ويس ..... ڪتاب ..... هن اٿي وري کولي ڏٺو ..... جنهن ۾ چيڪ پيو هو.
”پيو آ ....“
”ڦاڙي ڇو نه ڇڏجي .... پر .... فائدو؟ .... انهن جي ته لاڳ ٻڪ ۾..... ڏيڪاريل هوندو ته ڪنهن کي ڏنو ويو آهي.....
مون کي.... منهنجو نالو.... مان.... سڀ ڪجهه سازش آهي .... هو چاهن ٿا....ته مان....ڪنهن ٻه حوالي سان.... نه نه .... مان ڪهڙي ٻه حوالي سان .... انهن جي ڪنهن ٻه ڪاميٽيءَ ۾ نه ايندس.... بلڪ.... بلڪ .... ڇا ٿيندو.... بس ايئن ته وڌ ۾ وڌ جيل ۾ .....“
”پر اتي ٻه ته .... پيٽيون آهن... ڇتيون آهن.... ماڻهو آهن.... ۽ صرف.... فرق اهو هوندو ته اتي ٻين جي مرضيءَ سان هڪ محدود حد ۾ اٿڻو ويهڻو پوندو.... پر هت وري ڪهڙي.... پنهنجي.... مرضي سان اٿڻو ويهڻو ٿو پوي....“
”پر.. رڳو خراب... ٿيڻو ٿو پوي... سماج ۾.. سماج کي ٻه ڇڏجي.. پر ٻارن آڏو؟... انهن کي ڇا جواب ڏبو؟... ڪيئن سمجهائبو؟... ڇا هو

سمجهي سگهندا ... تہ مان، ڏوهہ نہ ڪيو آهي... پر هو تہ اهو سوچيندا تہ ... بي ڏوهي تہ جيل۾ نہ ويندا آهن.....

”چا ڪجي .... ڪيئن ڪجي .....“

هو اٿيو.

پنهنجي ننڍڙي ڪي نرڙ تي چمي ڏنائين تہ ٻہ ڳوڙها ڳڙي هن جي منهن تي ڪريا. پر هو گهري ننڊ۾ هو.

هو ٻارڙن جي مٿان ٻيهي، آهستي آهستي پيٽڪڻ لڳو.

”نہ بابا..... منهنجا ٻچڙو، مان ڏوهي نہ آهيان.... مان ڏوهہ نہ ڪيو آهي ....“

هو سڏڪن۾ پيئجي ويو، هن کي اڄ پهريون دفعو رات جي خاموشي نہ وڻي. هن چاهيو..... ڪو ايترو وڏو ٺڪاءُ ٿئي .... جيئن سڄو شهر جاڳي اٿي.... هن جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي. پاڻ کي بخار۾ محسوس ڪيائين ۽ ميز جي خاني مان بخار ۽ ننڊ جي گوري ڪڍي پاڻيءَ سان اڳري چڙهيائين.

”سڄي ..... سڄي جسم کي .....“

”۽ منهن تي نيري دوا هنيائون.....“

”ڏس....ڏس....تون؟“

”ها....ها....اهائي تہ توکي بچائيندي.“

”يار مون کي ڪجهہ بہ نہ آهي.“

”ها ڪجهہ بہ نہ آهي....“

”۽ ڊاڪٽر چون ٿا.... اهو علاج آهي.“

”يار سڄو بدن ٽٽي ٿو.... پڇي ٿو.... منهنجي چنگهن تي چڙهي ٻيهو.... چڙهي ٻيهو.... چڙهي ٻيهو.“

”اڙي پهرين پيرن ۾ گوڏن وٽ تيز چڪي پٽي ٻڌو..... هينئن ڪيو. ٻانهون ٻـ سٽرن وٽ ٻڌوس. جيئن ڦٽڪندو تيئن تڪليف وڌندس.“

ها

هاڻ سچو نيرو ٿي ويو آهي.

ڪجهه سور گهٽيو آهي!؟

چار پنج آهن ڊاڪٽر..... حڪم ٿا هلائن..... مريض کي اس ۾ نـ رکڻو آهي.... اس لڳس تـ مري ويندو.

ٺيڪ آ.

هو مڙي ڪمري کان ٻاهر نڪرن ٿا..... اوچتي رڙ تي سڀ ڪنڌ ورائي ڏسن ٿا.... تـ اس.... روشن دان مان ٽپي مريض جي جسم تي ڪري ۽ ان جو سچو نيرو بدن سڙو هو.... ۽.... اڇيون اکيون ٻاهر نڪري ڳلن تي پيون هيون.

هو اٿيو تـ ست نـ هيس.... ٻار اسڪول هليا ويا هئا.... ۽ جوڙس ڪچن۾ هئي.

”چانهه؟“

”ها.“

”پر جلد جلدي.....“

هو بستري تي پيو رهيو. پوءِ چانهه پي تيار ٿيو.

ٻاهر مارڪيٽ ۾ هن کي ڪجهه شاگرد مليا. جن سان ڳالهائيندو پئي هليو.

”ها پٽ ... هر شئي بيلنس آهي. ڪائنات ۾ هر شئي ٻي شئي سان واسطو رکي ٿي ۽ اهو واسطو ئي اصل سهارو آهي.... ڪا جڳهه

ٿاھڻ.... يا ملڪيت گڏ ڪرڻ، ڪو مسئلو نہ آھي.... پر مسئلو رڳو زندگيءَ ۾ سھارو ۽ رشتو ٿاھڻ آھي .... ايئن ھر لمحي .... ھر گھڙي .... ڪائنات ڦھلجي ٿي .... ۽ ڦھلجڻ ۾ بگاڙ بہ ٿئي ٿو. پر آھستي آھستي.... ان کي ڪير روڪي بہ نٿو سگھي. .... اھوئي الميو آھي.... ڏسو، ڪڏھن ذرتي باھہ جو گولو ھئي.... ٿڌي ٿي تہ برف ٿي پئي.... ۽ اھا ڳري تہ پاڻي ٿيو ۽ پاڻي بہ آھستي آھستي اڏامندو ٿو وڃي.... ان پاڻي کي.. روڪي نٿو سگھجي.... ان جي روڪڻ تي ئي ھاڻ جھيڙا ھلن ٿا... ھا.... وڏا ڊيم ئي اصل ۾ اسان جي موت جو ڪارڻ آھن. ڊيمن جي ڪريEco System تباھہ ٿيندو... وڻ ۽ ٻيلا سڪي ويندا....سڪل وڻن ۾ نہ ميوا رھندا نہ پکي .... نہ ڪو گاھہ، نہ جيت جڻيا..... پوري Wild lifeختم ٿي ويندي.... حقيقت ۾ پکين، جانورن ۽ جيتن جا آواز ئي ھن ماحول کي ترتيب ۾ آڻن ٿا.... ۽ ھو اسان کي Noise pollutionکان بچائن ٿا.... ۽ نوائيز پوليوشن اصل ۾ اسان جي بيمارين جو ڪارڻ ٿيندو.... اھي وڻ نہ ھئڻ ڪري ٽيمپريچر وڌندو، تہ آواز بہ وڌندو..... آواز جو وڌڻ ئي اسان جي ذھن ۾ بگاڙ ڪندو..... ۽ اھي ذھن، بيمار ذھن ھوندا. جيڪا سوسائٽي اڄ .... امن .... خاموشيءَ ۽ سڪون سان ھلندي ھئي.... اھا.... ذھن جي بگاڙ ڪري.... بگڙي ويندي ۽ ڏوھہ وڌندا...."

"سر.... ڏوھہ تہ ھاڻ بہ ٿين ٿا."

"ھا.... ٿين ٿا."

"ڇو؟ "

ھن سامھون ڏٺو..... ڪارو ماڻھو ھيو ڪيس لڳو، تہ ھو سڀ ڪجھہ ٻڌي پيو..... سڀ ڪجھہ سمجھي پيو..... ھن کي پنھنجو جسم رات

واري خواب ۾ آيل ماڻهو وانگر لڳو..... هو نيرو هو ۽ هي ڪارو ۽ اڪيون .... ٻاهر نڪرڻ تي هيون.

”چڱو.“چڱو چئي..... تيز تيز وکون کڻندو گهر هليو آيو.

هن کي سڀ ڪجهه بڪواس لڳو. جيڪو ڪجهه ڳالهايائين، اها بڪواس هئي.. اڳهاڙي ماڻهو کان اڄ جي تهذيب تائين جي سفر ۾... رڙين ۽ اشارن کان اڄ جي وڻندڙ ٻولين تائين ... غارن کان ... گهرن ۾ رهڻ تائين .. ڪجهه بہ تبديل نہ ٿيو آهي ... سڀ جيئڻ جو تيئن آهي. غارن ۾ رهندڙ ماڻهن جيان اڳهاڙو ...رڙيون ٿو ڪري. ٻولين هوندي ڪير بہ ڪنهن کي سمجهي نہ ٿو.... ساڳيو خوف جو عذاب آهي.... ۽ ساڳي اڪيلائپ....

هن جيڪا يخي هنئي، زندگي هن کي يخي لڳي ..... معنيٰ رڳو انهن نڪتل اکين کي هئي ..... جن خوف پيدا پئي ڪيو.

هن زال کي ڏٺو. جيڪا بہ ڪيس ويچاري لڳي. هو سوچڻ لڳو....

پنهنجا ڏک بہ هن کي ٿو ڏيان ..... ۽ پنهنجون تڪليفون ..... هن کي ٿو ڏيان.....

چا ڪيان....؟

”شادي....ڪرڻ ئي نہ گهربي هئي....“

ننڍپڻ کان ئي ننڍين ڳالهين هن تي وڏا اثر ڇڏيا. ننڍپڻ کان ئي محروميءَ جي احساس ۾ رهيو. پيءُ ماءُ هوندي بہ  جڻ يتيم! ٻين کي خوبصورت ڪپڙن ۽ سهڻن رانديڪن سان کيڏندي ڏسي (In-security) ۾ رهيو.

يونيورسٽيءَ تائين هن کان پيءُ نہ پڇيو، ”تہ پڙهين چا ٿو؟“

”پڙهين بہ ٿو يا نہ؟“

”پلا پڙهڻ کان پوءِ ڪهڙي نوڪري ملندئي؟.“
هنن جو پيءُ، هنن جي لاءِ جي چاهي ها ته ابن ڏاڏن جي زمين کي وڌائي فارم ٺهرائي سگهي ها..... ٻيو نه ته ٺنهي پٽن لاءِ وڏيون نوڪريون ته وٺي سگهي ها.
پر..... هن جي آڏو..... اصول اهو هو ته، هو خدا ڏانهن جوابدار آهي، نه ڪ ٻارڙن ڏانهن ..... ۽ ٻارن جي ذهنن ۾ان خيال جنم ورتو ته......
”جڏهن اسان جو پيءُ اسان ڏانهن ئي جوابدار نه هوندو ته پوءِ ..... خدا ڏانهن ڪيئن جوابدار هوندو.“
هو ته هنن جي سامهون هو ۽ سامهون هئڻ به نه هئڻ هو.
هن جيڪا اڪيلائپ ۽ اوپرائپ ۽ ڪجهه نه ملڻ جي ڪيفيت ۾ زندگي گذاري، ته هن سوچي ڇڏيو هو ته شادي ڪندو. ته ڪنهن پڙهيل بلڪ نوڪري واري ڇوڪريءَ سان ..... جيئن ڪهڙين به حالتن ۾..... اهي ڏک ۽ محروميون جيڪي هن کي مليون آهن ..... اهي سندس ٻارڙن کي نه ملن .... پر هن ماءُ جي خواهش جو مانُ رکيو..... ۽ شادي ڪئي.
”ٻڌ .....“
”هي..... هاڻ ..... اهڙي ماحول ۾ ڊگهو سلسلو شروع ٿيندو تڪليفن جو....“
.....
”ايئن به ٿي سگهي ٿو ته نوڪري نه رهي.“
......
”پوءِ مان هلڪو ڦلڪو ڌنڌو ڪندس.“
......

”پر.... پر جي جيل هليو وڃان تہ ؟“

......

”روءُ نہ .... روءُ نہ.“

........

”روئڻ سان ڪجھ بہ نہ ٿيندو. همت پيدا ڪر.“

......

”پل تنهنجي مرضي آهي.“

........

”جيڏانهن بہ....“

.....

”پل ٻارڙن سان منهنجي پاءُ وٽ وڃي رهجانءِ“

....

”پل..... پل تو ڪي جي ائين بهتر ٿو لڳي تہ پل پنهنجي پائرن وٽ ئي وڃي رهہ ،“

”چانھ پيئندؤ؟.“

هن زال جي آواز تي چرڪ پريو ..... ”ها.“ پورن ٻن ڪلاڪن تائين ڪمري ۾ ڪارپيٽ تي پلٿَ هڻي ٻانهن گوڏن تي رکي هٿ ترىءَ تي منهن جهلي خالي پيتين کي ڏسندو ۽ پنهنجي منهن ڳالهائيندو رهيو.

”پلا ..... موڪل ڪئي اٿو تہ ڪيڏانهن گهمڻ نہ هلون؟.“

......

“ها هلنداسين .....“

”توهان هيترن ڏينهن کان چپ چو آهيو؟“

.....

هن چاهيو تہ .... زال کي چنبڙي روئي سڀ ڪجھ ٻڌائي ڇڏي.... پر.....

هن سوچيو.....

هڪ دفعو ..... وري بہ سيني حالتن کي ڏسي ..... جي اهو سڀ ڪجھ کنهن بہ نموني سان ختم ٿي وڃي تہ بهتر ..... جي اڃان بہ نہ تہ کيس ٻڌائيندس.

هن نہ پئي چاهيو تہ زال کي ٻڌائي ڏڀ ۾ مبتلا ڪري ۽ ان جو اثر.... هن جي ٻارڙن تي پوي. ان کان اڳ هو ڪنهن هنڌ تي انهن کي بهتر نموني رهائش جو انتظام ڪري.

چانهہ پيئندي هن کي اها عورت ياد آئي، جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو ۽ هاسٽل ۾ رهندو هو. هاسٽل تي پهچڻ لاءِ شهر مان آخري پوائنٽ تي چڙهيو تہ سيٽ نہ مليس، ٽول باڪس تي ويهي رهيو. اڳين سيٽ تي ڪجھ برقعن ۾ عورتون ۽ شاگرديائيون ويٺل هيون.

ٽڪل هٽڻ ڪري اکيون بند ڪري ڪنڌ ڍرڪائي ويٺو، تہ هن جي پير کي پير لڳو. پير پٺتي ڪيائين. وري پير لڳس. وري پير پٺتي ڪيائين. ٽيون ڀيرو پير لڳس تہ سامهون نقاب ۾ خوبصورت اکيون نظر آيس. پوءِ هن پنهنجو پير هن جي پير تي رکي ڇڏيو. بس جڏهن هاسٽل کان ڦرندي، رهائشي ڪالونيءَ پهتي تہ هوءَ لٿي ..... هي بہ لٿو سنسان روڊ تي هلندي ڳالهيون ڪجھ هن طرح ٿيون:

”توهان .....“

”ڇا؟“

”توهان پير هنيو.“

”نہ.“

”توهان هنيون.“
”نہ.... غلط فهمي ٿي اٿو.“
”نہ....مون کي پڪ آ.“
”ڇا مطلب؟“
”مطلب اهو تہ توهان سان مان ڪمپني ڪرڻ ٿو چاهيان.“
”ڪهڙي ڪمپني؟“
”هوٽلنگ کان .....“
”اها تہ بدتميزي ٿا ڪريو.“
”بدتميزي يا .....“
”يا..... ڇا؟“
”مون کي ضرورت آهي.“
”ڇا جي؟“
”ڪمپنيءَ جي ..... بس ٽائيم ڏيو.“ ۽
بي ڏينهن تي جڏهن هنن شهر جي هوٽل جي فيملي روم ۾ ويٺي پيٽيز پئي کاڌا تہ پڇيائينس:
”توهان ڇا ڪنديون آهيو؟“
”پرائمري ٽيچر آهيان.“
”ها.... اها مون کي خبر آهي ۽ اها بہ خبر آهي تہ توهان نوجوان ڇوڪرن سان ڪمپني ڪرڻ ۾ مشهور آهيو.“
”بس.... توهان پنهنجي ضرورت پوري ڪيو. بحث نہ ڪجي تہ بهتر آ.“
”ها.... بهتر اهوئي آهي.... پر مان توهان کي ڇاڙٽ ٿو چاهيان .... ۽ پوءِ ئي ممڪن آهي تہ توهان سان بهتر ڪمپني ڪري سگهان .....“

چوڻ لڳي:

”اصل ۾ مون کي ڇهه ٻار آهن ..... اهي پالٽا آهن. پهرين مڙس مون کي ٽي ٻار ڏنا ۽ بزنس ۾ گهاٽي پوڻ ڪان پوءِ پاڻ زهر ڪائي هليو ويو ۽ مون کي زهر پيئڻ لاءِ ڇڏي ويو ..... پيءُ وٽ موٽي آيس. هن ٻي شادي ڪرائي. جنهن ٻه ٻار ڏنا. پوءِ گڏ نه رهي سگهيو ..... طلاق ڏئي هليو ويو ۽ هاڻي چاچي وٽ رهندي آهيان ..... جنهن ٻه هڪ ٻار ڏنو آهي.....“

نرڙ تي پگهر مڙي آيس. سوچيائين:

”ايئن نه ٿئي ته منهنجي زال ....“

هن جو مٿو ڦرڻ لڳو. بلڊ پريشر گهٽ محسوس ٿيڻ لڳس. دل ٻڏڻ لڳس

”ايئن ..... ويٺي ويٺي ..... دل ٻيهجي نه وڃي.... مون کي همت ڪرڻ کپي،“

هن کي اکين آڏو گنجي ڀاتل، گوڏ سان اوڪڙو ويٺل ..... دوڏا نڪتل ڪامريڊ ياد اچي ويو ..... جڏهن هو هوٽل فيض ۾ ويهندو هو. جنهن جي ٽن طرفن ڪان ڪمرا هئا ..... ۽ شام جو ان ٽڪنڊي هوٽل جو پڊر ريسٽورينٽ ٿي ويندو هو. هڪ ڪنڊ تي نم جو وڻ ..... جنهن جي پٺيان ميڊيڪل ريپس جون ڪجهه آفيسون ..... هڪ وڪيل جي ٻه آفيس ۽ ڪورٽ ۾ ڪم لاءِ آيل ماڻهن جي اچ وڃ ..... شام جو ان پڊر تي شهر جي نون پراڻن شاعرن اديبن ۽ سياسي ڪارڪنن جون ڪچهريون ..... هن جو سياست سان واسطو هوندي به نه جهڙو ..... پڙهيل لکيل هئڻ ڪري هو ملڪ جي ماحول ۽ ايندڙ وقت ۾ امڪاني تبديلي تي نظر رکندڙ ..... ان ڪري ئي اتي هڪ بحث ۾گروپ ٺهي ويو. سنهن چپن ۽ سنهين ڪمانين واري عينڪ سان ڪلين شيو

ڪامريڊ، جنهن ڪڏهن بہ چانهہ جو بل نہ ڀريو. هر وقت انگريزي اخبار هٿن ۾ گول ڪري ان ڳالهہ تي زور ڏيندو هو تہ:

”حقيقت ۾ پروپيگنڊا ئي هٿيار آهي ..... جنهن سان ڪنهن بہ ملڪ ۾ تبديلي آڻي ٿي سگهجي.... ۽ پروپيگنڊا ئي ماڻهن کي.... جيڏانهن چاهي وٺي وڃي سگهي ٿي. اصل ۾.... مواصلات ئي.... انقلاب آڻيندي .....ڀڳت سنگهہ جيان ”تيزيءَ ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ“ جيئن هن اسيمبليءَ ۾ بم ڦٽي ڪري، سڄي دنيا جي ماڻهن جون همدرديون ورتيون ۽ توجهہ ڇڪايو. ايئن ئي شيشي ۾ سلفر ۽ پيٽرول ملائي، ننڍڙا بم ٺاهي، بنا ڪنهن نقصان جي ..... ڇوڙجن ..... ۽ ان پٺيان پروپيگنڊا جو هٿيار مضبوط هجي ..... ان تي ايتري گرفت هجي ..... جيتري آسٽريلين کي بومرنگ تي هوندي آهي ۽ پوءِ ريڊيو ذريعي ئي اصلي پروپيگنڊا تبديلي آڻي سگهي ٿي ..... “

ڪامريڊ هوٽل ۾ ايترو ڳالهايو.... جو پوءِ هن کي احساس ٿيو تہ ڪو هن جي ڪِرِ آهي. ڪجهہ نہ هوندي بہ هن کي شديد احساس ٿيو تہ هن جي گهمڻ، ڦرڻ، ڳالهائڻ ۽ سوچڻ تي نظر رکي وڃي ٿي. ايئن هو هوٽل کان ڪٽجي دوستن کان ڇڇي اڪيلو ٿي ويو ۽ ..... اڪيلائپ ۾ ايئن مئل لڙو ويو ..... هن جي پرسان ريڊيو پيل هو، جنهن تي وائس آف آمريڪا جي اسٽيشن لڳل هئي. گنجي پاتل. گوڏ سان اوڪڙو ويٺل ۽ دوڏا نڪتل ڪامريڊ هٿ لڳائڻ سان ايئن ڪريو، جو بومرنگ جي شڪل وانگر ٿي ويو.

پر ..... ان جي هڪ ويجهي دوست ٻڌايو تہ، ”ان جو الميو هڪ ٻيو بہ هو ..... جڏهن تہ ماڻهو سمجهن پيا تہ ..... هو چانهہ جي ڪوپ لاءِ ئي يخي ٿو هٽي ..... تہ هڪ هڪ ٿي گم ٿي ويا ..... ۽ جڏهن اتفاق سان

هن وٽ پئسو آيو تہ بہ هن سان گهمڻ ۽ ويهڻ لاءِ ڪو تيار ڪو نہ هو.”

”چانهہ پيئو“.

زالهنس چانهہ رکي هن سان گڏ ويهي رهي. هن هرويرو مرڪڻ چاهيو. مرڪيو ۽ چانهہ پيئندي ٻارڙن لاءِ پڇيو. توڙي جو هن کي خبر هئي تہ اهي ٽيوشن تي وڃي چڪا آهن.

هن کي ڪٻي پاسي سيني ۾ سور محسوس ٿيو ۽ ڪٻي هٿ جي چيچ ۾ پڻ، پوءِ ٻانهن سن ٿيندي محسوس ڪيائين. سوچيائين ..... ”دل جي تڪليف تہ نہ ٿي آهي....“

پر پوءِ اهو سور پٺيءَ ۽ پيٽ ۾ محسوس ڪيائين تہ اطمينان ٿيس.

ڪمري جو در کولي اندر آيو، ڏٺائين شوڪيس جي شيشي مان ڪتاب تي نظر پيس تہ شوڪيس جو تالو کولي چيڪ ڏٺائين.

هن ٻڙيون ڳڻيون:

ايڪا. ڏهاڪا. سو. هزار. ڏهہ هزار .... ويهہ هزار.

سوچيائين:

”نہ، هت رکڻ بيڪار آهي.... نالي تہ منهنجي آهي.... اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيان.... سامهون آهي تہ وڏيڪ عذاب آهي .... جمع ڪرائي ڇڏجي.... جي هرو پرو ڪجهہ ٿيو بہ تہ، ڪيش ڪرائي سگهبو .... هت رکجي .... اتي رکڻ سان ڳم بہ تہ ٿي سگهي ٿو.... هت پيو آهي تہ رڳو خوف ئي خوف ڏي ٿو.“

ريل جي پٽڙين تي اڪيلو اڪيلو هلندو هليو.... گهر.... ۽ گهر جي گوڙ ڪان پرتي شهر ٻاهران.... جهوپڙيون ۽ جهوپڙين ۾ رهندڙ خانه بدوش. ٻاهر گهوڙا ۽ گڏهه ٻڌل، اڌ اگهاڙا ٻار ڊوڙندڙ، ٺهڪ ڏيندڙ. هن کي پنهنجي زندگي اجائي لڳي....

”اجايو پڙهيم. پڙهڻ سان ڇا مليو؟.... سوچ وڌڻ سان عذاب به وڌن ٿا.... جيتري سوچ محدود، خواهشون به محدود. عذاب به محدود. جهڙي زندگي هي گذارين ٿا. اهڙي اسان.... مرڻو ته هر هڪ کي آهي.... فرق ڪهڙو پوندو، جي زندگي هيئن گذارجي ها ....“

”هن مهل جي امان هجي ها ته وڏيڪ بهادر هجان ها. سڀني تڪليفن، ڏکن ۽ مونجهارن کي آسانيءَ سان حل ڪري وجان ها....امان ئي هئي جنهن زندگيءَ ۾پهريان قدم کڻڻ سيکاريا .... ته اهڙي طاقت ۽ اطيمنان سان ايستائين هليس جيسيتائين هوءَ جيئري هئي.... هاڻ؟.“

ڏک ۾ وڃي ويو. زندگي ۾ جڏهن ماءُ هيس ته هي بيروزگار هو. هوءَ بيمار هئي. روزگار مليس ته ماءُ هلي وئي....

”اڄ امان هجي ها ته سندس بيماريءَ جو ڪنهن نه ڪنهن سٺي ڊاڪٽر کان علاج ڪرايان ها....“

اڄ هجي ها.

اڄ هجي ها.

ته ايترو عذاب۾نه هجان ها.

هن کي ماءُ جي موت جو ڏک ئي زندگيءَ جو وڏو ۽ آخري ڏک لڳو. ۽ ٻيا سڀ ڏک تڇ لڳس. پر هاڻ هن کي وڏيڪ اذيت محسوس پئي ٿي.

”پٽ.... مون کي توهان کان ڪا شڪايت ڪونهي.... مون کي عينڪ ڏي .... عينڪ ڏي.... عينڪ ڏي ....“

۽ ڊاڪٽر هن جي ماءُ جي سيني تي زور زور سان هٿ هڻي دل هلائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳا.

فضول .... فضول

هن پوئتي ڪنڌ ورايو تہ سانوري ماڻهو جا ڏند ۽ نڪتل اکيون نظر آيس.

جيڪو خواب ۾ آيل بيماري ورتل نيري شخص جهڙو هو.

جسم مان ساهہ نڪرندي محسوس ٿيس. پاڻ سنڀالي تيز تيز هلڻ لڳو.... ڪنڌ ورائي ڏٺائين تہ، هو ڪيس عجيب نظرن سان گهوري رهيو هو،گهوري نہ چڻ هن جي اندر مان گهمي رهيو هو. نہ پر هن کي گهمائي رهيو هو .خواب واري ڪيفيت، سچو پگهر ۾ ڀرجي ويو. جسم مان ساهہ ست ڇڏائجندي محسوس ٿيس ۽ جڏهن قدم ڪڍڻ چاهيائين تہ ڪڍي نہ سگهيو. ۽ اهو شخص سندس ڀرسان آرام سان هلندو، هن کي سلام ڪري گذري ويو. هن کي عجيب احساس ٿيو. پاڻ تي ڪاوڙ آيس. سوچيائين....

”جلدي فيصلا ڪرڻ اصل ۾ پاڻ کي کوهہ ۾ ڪيرائڻ آهي .... هاڻ مون کي هر مسئلي جي حل لاءِ ڀهرين اطمينان سان ويهڻ ۽ ان کان پوءِ سوچڻ گهرجي.“

گهر اچڻ سان هو پلنگ تي ليٽي پيو. جسم ۾ ساهہ ڪو نہ هوس، ساڻو ساڻو .... چاهيائين ڀئي تہ ننڊ اچي. چادر تاڻي سڌو ٿي سمهي پيو، ٻانهون مٿي هيٺيان ڏئي، گوڏا اڀا ڪيون پيو رهيو. جڏهن تہ ٻئي ڪمري ۾ ٿي وي هلي پئي.... آهستي در کولي سندس ننڍو پٽ ٿيلهو

ڪولي ان مان ڪاپي ڪڍي هوم ورڪ ڪرڻ لڳو ۽ ان کان پوءِ هو ڪتاب مان سبق پڙهڻ لڳو.

”الله جي ڏنل نعمتن مان صحت بہ هڪ وڏي نعمت آهي. صحتمند ماڻهو خوش رهندو آهي. دل لڳائي ڪم ڪندو آهي. چو تہ چوندا آهن تہ صحتمند جسم ۾ صحتمند دماغ هوندو آهي....“

”پٽ .... آهستي.“

”بابا! جي ڪو مرندو آهي تہ ڪاڏي ويندو آهي؟“

”پٽ! .... آسمان ۾ ستارو ٿي ويندو آهي.“

”بابا! جڏهن جانور مرندا آهن تہ اهي؟ “

......

”هان بابا؟“

”پٽ! خبر نہ آهي.“

”بابا .... ڪوليون مارڻ ڏوهہ آهي نہ؟“

”ها پٽ.“

”بابا مان اڳ ڪولين کي ماريندو هوس .... هاڻ نہ ماريندو آهيان.“

”شاباس پٽ کي.“

”بابا .... هاڻ مکيون ماري ڪولين کي ڏيندو آهيان.“

”ها پٽ .... بس ڪري پڙهہ.“

هن پڙهڻ شروع ڪيو:

صحتمند جسم ۾....

”پٽ چيو مانءِ نہ، آهستي پڙهہ.“سندس پٽ جو آواز گم ٿي ويو. هن وري سوچڻ شروع ڪيو، ”سڀ جا سڀ بيمار آهن. سڄو معاشرو بيمار آهي. بيمار معاشري جو ذهن بہ بيمار ....هن معاشري ۾ ماڻهن کي رڳو

جيئري رهڻ جيتري ماني بہ تہ نصيب نہ ٿي ٿئي. پر ڪي تہ وزن گهٽائڻ لاءِ گهٽ ٿا کائن. ڪن عورتن جون ڇاتيون بڪ وڳهي سڪل، جن ۾ ڪير ئي نہ هوندو آ، تہ ڪي وري بريسٽ وڌائڻ لاءِ ڪريم ٿيون استعمال ڪن، ۽ ڪي تہ ٻارن کي کير پيارڻ لاءِ سڪل ٿڻن کي بہ ڏڪ سان ڏسن ٿيون. ڇاتيون سڪل.... ٿوٿ .... شهر سڄا ۽ سمورا سوڙها .... سواءِ  روڊ جي جيڪي شهر ۾ داخل ٿين ٿا، سي ويڪرا .... گاڏا ئي گاڏا .... آواز ئي آواز .... هڪ ٻئي مٿان ڪاوڙ .... ڪروڌ .... رڙيون .... خار .... انهن سوڙهين گهٽين ۽ ٿتل روڊن تي بيٺل نالين جو پاڻي .... ٻارن کي کيڏڻ لاءِ ويڪرا ميدان ڪونہ .... انهن سوڙهن اسڪولن جي سوڙهن ڪمرن ۾.... بد دماغ ماسترن جا موچڙا.... ۽ سوڙهين گهٽين ۾ کيڏندڙ ٻارن جو رد عمل بہ سوڙهو .... گارگند .... تہ .... سٺو معاشرو ڪيئن ٺهندو؟.... هونئن بہ اسان جي ملڪ ۾ وڏ ۾ وڏ استحصال بہ تہ ٻارن جو ئي ٿيندو آهي .... غربت جي ڪري گهرن ۾ ٿيندڙ جهيڙا .... جهيڙن جو ٻارڻ ٿيندا ئي ٻار آهن..... ٻار ئي .... هن معاشري ۾!  انتقام جو نشانو.... هن هيڏي وڏي معاشري ۾ بيروزگار معاشري ۾ وڏن جو پيٽ پرڻ لاءِ سخت محنت بہ تہ ٻار ئي ڪن ٿا. غاليچن ٺاهڻ کان وٺي، رانديڪن جي ڪارخانن تائين ۽ گئريجن کان هوٽلن تي محنت ۽ مزدوري بہ تہ رڳو ٻار ئي ٿا ڪن .... ۽ نتيجي ۾ .... ٻارڙن لاءِ .... رڳو .... رڳو .... وري بہ ريپ .... سيني اخبارن ۾.... ريپ ڪيس ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ .... روز ....

وڏن ملڪن جيان.... وڏا شهر .... ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن جو استحصال ڪن ٿا .... سائن بورڊ ماڻهن جو پيٽ تہ ڪونہ ٿا ڀرين ....

۽ منهنجي ٻارن جو مستقبل....؟

”نندي شهر۾ ننهن نندي ڪرسيءَ تي سچي زندگي گذاريندا ....“
هن چادر مان منهن ڪڍي پنهنجي ٻار ڪي ڏٺو، جيڪو چپن ئي چپن ۾ سبق ڪي پيرو ڏئي رهيو هو.ڇا منهنجي عملن جو نتيجو اهي ڀوڳيندا؟

مون ڪي سڀ ڪجهه انهن ڪي ٻڌائڻ گهرجي .... مان زندگيءَ جو گهڻو عرصو گذاري آيو آهيان .... هاڻي انهن ڪي وڌيڪ زندگي گذارڻي آهي .... هونءَ به ٻار اصل۾ ٻار نه هوندو آهي .... پر منهنجي ڳالهين ڪي هو سمجهندا؟ ... جي نه سمجهندا ته زندگي ڪيئن گذاريندا؟ .... نه، پهرين مون ڪي زال ڪي سڀ ڪجهه سمجهائڻ گهرجي ...

”هرو ڀرو چيڪ جمع ڪرائي، چڻ مون قبول ڪيو.... ظاهر آهي بينڪ جي ليجر۾ ته چيڪ نمبر.... سڀ ڪجهه رڪارڊ ۾ رکيو ويو هوندو .... جمع ڪرائڻ ئي نه ڪپندو هو .... پيو هجي ها، ڪجهه به ٿئي ها ته مان اهو سرينڊر ڪيان ها.... ۽ هاڻ!؟“

هو اٿيو. اٿي ڪمري کان ٻاهر آيو. آسمان۾ستارا هئا. هن چاهيو پئي ته .... وري ٻاهر وڃي موٽي اچي پلنگ تي سمهيو ۽ سوچيائين:
”سڀاڻي وري وي سيءَ سان ملڻ جي ڪندس ۽ سڀ ڪجهه ڪليئر ڪندس.“

وي سيءَ کان ٽائيم وٺڻ لاءِ يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو ته عجيب خاموشي هئي.... خوف ڏيندڙ .... پرسان لنگهندڙ شاگردن کان نه چاهيندي به پڇي ويٺو”بابا، ڇا ٿيو آ؟“
”سر.... بائيڪاٽ آهي.“
”ڇو؟““سر، شاگرد کي ماريو ويو آهي.“
”ڪيئن .... ڪيئن !؟“

”۽ ڪن چيو پئي .... پاڻ کي پاڻ ماريو اٿائين.“

”پوءِ؟“

”سر .... وڌيڪ اسان کي ڪا بہ خبر نہ آهي.“

اڳتي وڌڻ تي دل نہ ٿيس. اتان ئي واپس موٽيو. اسٽال تان اخبار وٺي پاسي تي ٿي پڙهڻ لڳو.....

”يونيورسٽيءَ ۾ معاشيات ۾ ايم اي ڪندڙ شاگرد ڪمري مان مئل حالت ۾ لڌو ويو.

ڪالهہ ڏينهن جو ٻارهين وڳي .... ماني ڪائي، هاسٽل جي ڪمري ۾ سمهيو... رات دير تائين جڏهن ماني تي نہ آيو تہ، سندس ڪمري جو در کڙڪايو ويو. جواب نہ ملڻ تي در کي ڀڃو ويو. لونڊڙيءَ تي ڳولي لڳل هيس. پوسٽ مارٽم دوران ڳچي تي نشان بہ هيس. ڊاڪٽر موت جو ڪارڻ ڪيميڪل رپورٽ اچڻ کان پوءِ ٻڌائي سگهندا.... سندس دوستن جو خيال آهي تہ هو ڪل مک ۽ يارن جو يار هو.... ڪڏهن بہ پاڻ کي ماري نہ ٿو سگهي.... اهو قتل آهي .... قاتلن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي.“

خبر پڙهڻ سان وائڙو ٿي ويو.

منهنجي زندگيءَ ۾ يونيورسٽيءَ منجهہ ايئن ڪنهن شاگرد جو ڪيس نہ ٿيو آهي.

خود ڪشي؟

يا

قتل....؟

قاتل کي گرفتار ڪيو.

ڪهڙو قاتل .... نہ خودڪشي آهي.... قتل نہ آهي. جي قتل هجي ها .... تہ يقينن پهرين جهيڙو ٿئي ها.... شاگرد جڏهن بہ وڙهيا آهن، ٿولا ٿاهي وڙهيا آهن .... جذباتي هئڻ ڪري هڪ ٻئي تي سامهون گوليون هلائيندا... هڻندا ... ان قتل پٺيان ڪا پلاننگ تہ ڪونهي .... ياخودڪشي آهي.

گوڙ ٿيندو؟.... ها، بلڪل ٿيندو. جي خودڪشي نہ آهي ۽ قتل آهي تہ يقينن وڏو گوڙ ٿيندو..... جلوس نڪرندا.... آنسو گئس.....لٺبازيون.... گرفتاريون.... پوءِ ايڪشن ڪاميٽي سان ڳالهيون..... تحريڪ، ڳالهين جي ناڪامي ۾ سڀ تاز.... ٿلها آسرا.... يونيورسٽي بند.... وري کلندي .... کلي وري بند.... پر ڪنهن ماريو ان کي ؟.... نہ..... ڪو ناليوارو شاگرد بہ تہ نٿو لڳي ..... ۽ نہ ڪنهن سياسي پارٽيءَ جو اڳواڻ .... پر ميمبر تہ ڪنهن نہ ڪنهن پارٽيءَ جو يقينن هوندو .... مارڻ جو ڪارڻ؟؟...... يونيورسٽيءَ ۾ تہ ڪي بہ اهڙيون حالتون نہ آهن .... نہ ئي.... يونيورسٽيءَ کان ٻاهر.... پڪ سان خودڪشي. ها يقينن......

پر ڳچي تي نشان.....؟

”بهتر ٿيو تہ مان هاسٽل جي چارج ڇڏي .... نہ تہ اهو ڪيس.... بہ مون تي .... ها مون کي ....“

هن کي اڌ مٿي جو سور محسوس ٿيو روڊ ڇڏي گهٽين مان هلڻ لڳو.... هلڻ ۾ تڪليف محسوس ٿيس، لڳس تہ منهن سڄندو ٿو وڃيس. ۽ ٻاهرين آوازن کي محسوس تہ ڪيائين پئي، پر سمجهي نہ پئي سگهيو.

ڊاڪٽر وٽ هليو ويو.

”بلڊ پريشر تمام گهڻو وڌيل آهي.“

....

”ڪڏهن اڳ چڪاس ڪرايو اٿو؟“

”ها.“

”پوءِ؟.“

”نارمل ڪان ڪجهه وڌ رهندو آهي.“

”هاڻ تہ گهڻو وڌيل آهي.“

ڊاڪٽر ڪيس ايگزمنيشن ٽيبل تي گوري ڪارائي سمهاري ڇڏيو. اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ وري بلڊ پريشر چيڪ ڪيائينس. ڪجهه دير ڪانپوءِ دوائن جو پنو ڪٽي هو ڪلينڪ کا ٻاهر نڪتو تہ پاڻ کي هلڪو محسوس ڪيائين ۽ ايئن ڀانيائين ڄڻ سوين سالن جي گهري ننڊ ڪري اٿيو هجي.

اهڙي ئي گهري ننڊ هو صرف پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪري سگهيو هو. جنهن ڳوٺ سان هن ورهيہ ٿيا جو رشتو ٽوڙي ڇڏيو هو. ان ڳوٺ جي پرسان قسمت جي ليڪ وانگر وهندڙ واهہ. سرنهن ڦولار ۾ ڪٽڪ جا سونا روپا جهومندڙ چلڪندڙ سنگ ياد اچڻ لڳس.... وڏا وڏا وڻ، لامن تي لڏندڙ طوطا ۽ ڳيرن جي گهوگهو. پرهہ ڦٽيءَ جو ڪڪڙن جا دس .... ڪوڏيءَ جا مقابلا ۽ لانڍين ۾ ٻرندڙ مچ تي سمجهہ آهر دنيا جهان جو ڳالهيون .... قرب ڪچهريون .... موٽندڙ مال جي ڇڙن جا مٺا آواز....گوگڙو.... ۽ موريءَ جهڙا اڇا اجرا من ۽ ماڪيءَ جهڙا مٺا ماڻهو.... مکڻ جهڙي نرم دل رکندڙ سڀاجهڙيون وڏڙيون ياد آيس.....

”نہ. هاڻ سڀ ڪجهہ ايئن رهيو ئي نہ هوندو.

”اڳ هن شهر جي زندگيءَ ۾ ايترو ئي ٺهراءُ هيو. سڪون هيو.... ايترو ميڪنيڪل ڪو نہ هيو، جيترو اڄ آهي .... ميڪنيڪل زندگي اصل ۾ مسئلن کي پيچيده ڪري ٿي .... ٿڪائي ٿي.... ايئن جيئن ميراٿن ڊوڙ ۾ هر ڊوڙندڙ ايئن سوچيندو آهي تہ، فنشنگ لائن تي پهچندو .... ان سڄي مقابلي ۾ سڀ جو سڀ ڊوڙندا آهن .... سهڪندا آهن .... حقيقت ۾ اميد ئي تہ خوف پيدا ڪري، سهڪائي ٿي ۽ ذهني سڪون تباهہ ڪري ٿي..... جي سڀ سادي نموني زندگي گذارين، تہ سڀ کو آرام سان رهي ..... جڏهن تہ سڀ نتيجا طئہ ٿيل آهن..... هر هڪ جي زندگي گذارڻي آهي .... هر هڪ کي مرڻو آهي ..... باقي فنشنگ لائن تي تہ صرف هڪ ئي پهچندو ..... باقي تہ سيني کي پڇاڙيءَ تائين پهچڻو آهي ..... پوڄڻو آهي.

نتيجا طئي ٿيل آهن....

هزارين هارين جا پٽ هاري ٿيندا.

هزارين مزدورن جا پٽ مزدور ٿيندا.

هزارين وڏيرن جا پٽ وڏيرا ٿيندا.

هزارين سرمائيدارن جا پٽ سرمائيدار ٿيندا.

”سڀ مڙهيل زندگيءَ ۾... طئي ٿيل نتيجن کي ماڻيندا .... سواءِ هڪ اڌ مثال جي: جيڪي فنشنگ لائن تي پهچن ٿا .... زندگيءَ ۾ ڦيرو آڻي، ٻئي ڦيري ۾ ساڳئي نتيجي جو انتظار ڪن ٿا .... سڄي ڊوڙ اجائي..... “

هو پاڙيسري وڪيل تي سوچڻ لڳو. جنهن جي هڪ واچ ۾ هر وقت ڦرڪٽي هوندي آهي. هاءِ بلڊ پريشر هئڻ ڪري سارو وقت خوف ۾ گذاريندو تہ ..... ”اڌ رنگ نہ ٿي پوي“

ان هڪ دفعي زال کي بيمار ٿيڻ تي چئي ڏنو، "تون ..... تون ته بيمار نه ٿيءُ..... توکي ته ڏيئر سنڀالي وٺنديون ..... مان ڪريس ته ڪير سنڀاليندو؟"

پٽ جي اولاد نه هئڻ ڪري هن ٻه ٽي دفعا سنجيدگيءَ سان سوچيو ته ٻي شادي ڪري. پر زال ۽ ڌيئرن جي سخت احتجاجي رويي ڪري چپ ٿي ويو.

گرمي هوندي به ايئرڪنڊيشنڊ ۾ ڪڏهن به ان ڪري سمهي نه سگهيو آهي ته متان ذهن جو ٿرمواسٽيٽ گرمي ۽ ٿڌ جو اثر قبول نه ڪري ۽ اڌ رنگ نه ٿي پوي.

ان ڪري ٽيٽل ڏينهن ۾ هو پورچ ۾ گاڏيءَ جي هلڪي ڦلڪي صفائي ڪندو. لان ۾ ليٽيل ٻوٽن کي سڌو ڪندو يا بيسٽ سيلر ڪتاب پڙهي ان خوش فهميءَ ۾ رهندو ته ..... دنيا جو عظيم ادب پڙهي رهيو آهي. پر ڪليگس کي ٻڌائيندو..... "ايتري گرمي جو ڪو ڪم ٿي نه ٿو پڄي ..... ڪاڏي نڪرڻ ٿي نه ٿو ٿئي ...... بس سارو وقت ايئرڪنڊيشنڊ ۾ .... ڪولڊ ڊرنڪس، چڪن ڪائيندي ۽ مووي ڏسندي گذري ٿو. ..... يار شهر ۾ ڪو سٺو جاگنگ ٽريڪ به ته ڪونهي ..... ڊسٽ آهي، دونهون آهي ..... سياري اونهاري گهر ۾ ٿي جاگنگ ٽريڪ تي ايڪسرسائيز ڪيان." ..... اهي ڪليگس جن وٽ نه ڪار نه ايئرڪنڊيشنڊ. انهن جي لڦل چهرن جي ردعمل کي ڏسي مزو ماڻيندو آهي.

وڪيل تان ڦيرو ڪائي سوچ ..... گهڻيءَ جي چيڙي تي رهندڙ رٽائرڊ مختيارڪار جي زندگي تي آئي. جنهن غريب جو پٽ هوندي به پنهنجي ٻنهي پٽن کي پڙهائي وڏو ڪيو، جيڪي هن وقت ڪئناڊا ۽ آسٽريليا ۾ سيٽ آهن. پر هي ويچارو در ڪولي سامهون کٽ تي سمهيل،

ڪڏهن ڪنهن کي ڀاڄي ڀري ڏيڻ لاءِ چوندو، تہ ڪڏهن ماني آڻڻ لاءِ ..... جڏهن مري ويو تہ ماڻهن اهو ڀئي سوچيو تہ جيئرو آهي. سيني کي ڏسي ٿو. غسل ڏيارڻ لاءِ ڪنيائونس تہ سڄي ڀنيءَ تي ڦٽ ۽ انهن ۾ هزارين ڪوليون چنبڙيل هيون.

اولاد هجي بہ تہ ڇا .....؟

اولاد نہ هجي بہ تہ ڇا؟ .... ماڻهو ٻنهي حالتن ۾ اذيت ڀوڳي ٿو. ايئن جيئن ميڊم بشرا، ملڪ جي مشهور گائناڪالاجسٽ. جنهن کي سڄي تر جا غريب ۽ امير ماءُ سمجهندا آهن. مڱيندي جي ايڪسيڊنٽ ۾ مري وڃڻ کان پوءِ شادي ئي نہ ڪيائين، وڏو بنگلو ۽ وڏي ڪار هوندي بہ اهو احساس رهيس ۽ پنهنجي شاگرديائين کي چوندي رهي:

”بابا ڀلي ڊاڪٽر هجو، پر شادي ضرور ڪجو. ڀل اهو ڊاڪٽر نہ هجي انجنيئر نہ هجي .... ٺانگي وارو ئي هجي، پر شادي ضرور ڪجو ..... اهو سڀ ڪجھ آهي ..... نہ تہ ڪجھ بہ نہ آهي“. ان ميڊم بشرا هڪ لاوارث ڇوڪري پالي وڏي ڪئي. جنهن ڏهين درجي ۾ پڙهندي ٽيوٽر سان عشق ڪري ڪورٽ ميرج ڪئي ۽ چيو تہ ”ميڊم جي ماءُ جهڙي عزت ڪيان ٿي ..... پر سندس مرضي مطابق زندگي گذاري نٿي سگهان“ ..... ۽ اڄ اها ميڊم بشرا ٻليون پالي انهن کي کير پياري، مختلف نالن سان سڏي پنهنجي زندگي جا ڏک ٻڌائيندي آهي.

”مان بہ پنهنجا ڏک پنهنجي زال کي ٻڌائي ڇڏيندس.“

”ٻڌ.“

.....

”مان مسلسل هڪ عذاب ۾ آهيان.“

....

”ها ..... ٻڌائڻ مناسب نہ سمجھيو ۽ هاڻ بہتر آهي تہ ..... مان تو کي ٻڌايان .... مون کي يونيورسٽيءَ طرفان هڪ چيڪ مليو هو.“

....

”اصل ۾ ڪنهن بہ اسائنمينٽ جو نہ هو.“

....

”ٿيندو ائين آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪان ڪو غلط ڪم ڪرائڻ لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ اڳواٽ يا پوءِ ڏنو ويندو آهي .... مان سمجھيو اهو چيڪ بہ .... ان جي ڪڙي آهي.“

.....

”پندرهن ويهن ڏينهن تائين ڪجھ بہ نہ ٿيو.... مان انتهائي خوف ۾ رهيس .... نہ ڪو اڳ آهي، نہ پٺ .... ان ڪري ئي ... صرف توهان جي ڪري .... پر هاڻ لڳي ٿو، جيئن مون سوچيو هو، ائين نہ آهي ..... بس اهي ڏينهن سخت عذاب ۾ گذريا .... هاڻ ڪجھ مونجھ گهٽي آهي.“

.....

”پوءِ بہ سياڻي يا ٻئي ڏينهن وي سي سان ملي ..... وري بہ معاملي کي فائنل ڪندس.... بحرحال تو کي ۽ ٻارن کي پريشان ڪرڻ نہ پئي گهريو .... هاڻ لڳي ٿو ..... سڀ ڪجھ ائين نہ هو.... پوءِ بہ احتياط ضروري آهي. “

....

”چپ چو آهين؟ روئين چو ٿي؟؟“

.....

”بس ان وقت سڄو گهر پريشان ٿئي ها.... هاڻ بہتر لڳو.“

....

”سمجهان ٿو، جي ان پڻيان ڪجهه هجي ها ته هن مهل تائين ظاهر ٿيڻ گهربو هو.... اها رڳو غلط فهمي هئي .... يا ايئن ته، سچي منهنجي غلطي هئي.“

.....

”بس، هاڻ ..... هڪ دفعو چڱي نموني پڪ ڪري.... پوءِ .... پوءِ طئي ڪيو اٿم..... پي ايچ ڊي ڪيان.... ڪوشش ته اها هوندي، ٻاهرين ڪنهن ملڪ جي اسڪالرشپ ملي.... جي نه ته ٻه لاهور يا اسلام آباد .... توهان ٻه اتي هلي مون سان گڏ رهنڊو ..... ٻارن لاءِ اتان جا اسڪول .... هتان کان گهڻو بهتر آهن .... پڙهائي ٻه سٺي ٿيندي ....“

هو يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو. ڏٺائين، سامهون هن جا ٻه شاگرد پئي آيا. هن پاڻ کي بلڪل نارمل ڪري ڇڏيو.

”چا حال آهي..... بابا؟.“

”سر ٺيڪ.“

”پڙهائي ڪيئن ٿي هليو؟“

”سر.. صحيح.... سر توهان.... “

”ها بابا..... منهنجي طبعيت صحيح نه آهي ..... انڪري موڪل تي آهيان ..... ٻن ٽن ڏينهن ۾..... “

”سر اعظم اسائنمينٽ ڏني آهي.“

First law of Thermodynamic and our daily life.

”سولو ته آهي..... ڏسو نه ڪا ٻه شئي موٽ نه ٿي ڪائي. هلندي ٿي هلي.... ايتري تائين جيستائين ان جو انت نه ٿو ٿئي ..... ايئن جيئن هي ڳالهايل لفظ .... يا وري هي نڪتل آوان ٻيهر نه موٽندا .... پل ته

ساڳئي فريڪيونسيءَ سان .... ساڳئي انٽينسٽيءَ سان ادا ٿي ڪجن .... پر اهي جيڪي پهريان هئا ..... انهن جهڙا ٻيا نه ٿيندا .... ٽائيم گذرڻ سان انهن جي ڪيفيت تي ٻه اثر پوندو. اڳ جي ٽائيم ۽ ايندڙ ٽائيم ۾ فرق هوندو .... ممڪن آهي .... اهي اڄان ٻه وڌيڪ اهميت وٺن يا بلڪل ختم ٿي وڃن پر اڳ يا پوءِ .... انهن لفظن جو اثر ٻيو آهي. اهي ايترو اثر نه ڪندا ..... جن جيترو پهريون ڪيو. ڪٿي نه ڪٿي ..... ڪٿي پون .... ايئن ئي ڪٿي ڪو ڪم سُو في سيڪڙو نٿو ٿئي. بلڪ ڪري ٻه نٿو سگهجي ..... ڪجهه نه ڪجهه ڪم ٿيو وڃي ..... يا ڪائنات ۾ ضايع ٿيو وڃي ..... ۽ اسان ڪڏهن ٻه سُو في سيڪڙو ايفيشنٽ نٿا ٿي سگهون ..... نه ئي ٻي ڪا مشين ئي ..... ڪو الميو آهي. ضايع ٿيل ڪم کي گڏ ڪجي ..... ته ڪري نه ٿو سگهجي .... پر جي سُو في سيڪڙو ڪم وٺون ٻه ته ...... ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪو حادثو ٻه ڪو نه هوندو ..... پوءِ هن سُو سيڪڙو زندگيءَ ۾ ..... موت ته ٿئي ڪو نه .... ۽ موت اسان لاءِ اهڙو رومانس هوندو جهڙو هاڻ زندگيءَ کي ڀرپور نموني ماڻڻ ...... هاڻي ٻه سُو في سيڪڙو نه ڏک جو اظهار ڪري سگهون ٿا ..... ۽ نه ئي سُو في سيڪڙو خوشيءَ جو اظهار ئي ممڪن آهي ..... سُو في سيڪڙو ڪنهن کي سمجهائي سگهجي ٿو ۽ نه ئي سمجهي سگهجي ٿو....."

شاگرد جيڪي هن سان، قدم قدم سان ملائي گڏ هليا پئي، تن هن کي غور سان پئي ٻڌو.

"پر..... سر."

"پٽ..... چيومانو نه ته ..... طبعيت ٺيڪ نه آهي.....اڄان ته پوءِ ....."

"پر سر."

”هي پرابلم.....“

هن بوڪ وٺي پڙهڻ شروع ڪيو.

Calculate the efficiency of an ideal engine for carnot engine working centigrade and 27 degree " "between the temperature of 927 degree centigrade

”بابا سؤلو آهي.....سينٽي گريڊ کي ڦيرايو ..... ايبسساليوٽ ٽيمپريچر ۾“

ڏسو.

t1 = 927oc + 273 = 1200oA

t2 = 27oc + 273 = 300oA

هاڻي هن فارمولا ۾

E = 1 - t1 / t2

= 1 – 300 / 1200 = 900 /1200

هن کي چڙايو تہ ٿيندو 7.5 هاڻي 100 سان ضرب ڪبو تہ 75 في سيڪڙو

بس .... بس پوءِ بہ آئيڊيل انجڻ 75 في سيڪڙو ڪم ڪندي وڌيڪ نہ ... ٺيڪ ؟

ايئن چئي هو جلدي جلدي هلڻ لڳو.

پي اي جي آفيس ۾ هن وي سي سان ملڻ لاءِ ٽائيم گهريو.... پي اي گهڻو وقت مختلف ٽيليفون نمبر ملائڻ ۾ مشغول رهيو.... هن وي سي کي ٻڌايو ۽ هي مطمئن ٿي ويهي رهيو.

”ان شاگرد جا قاتل گرفتار ٿيا؟“

”نہ ..... پاڻ کي پاڻ ماريائين.“

”هان!“

”ها.... ان کان هڪ رات اڳ پڪيءَ رسي وجهي، ڦاهو ڏيڻ جي ڪوشش ڪيائين .... پر رسو ٽٽي پيس ..... ٻي ڏينهن ڪنهن دوست کان پسٽل وٺي اچي پاڻ کي شوٽ ڪيائين.“

هن ٿڌو ساهہ پريو.

”ڇڱو ٺيو؟“

فون جي گهنٽيءَ تي پي اي ڳالهائڻ لڳو.....

”ها..... ها.“

..........

”ڪو ايڏو وڏو ڪيس نہ آهي.“

...... ”ٻڏون ٿا.“

..............

”ڏهہ هزارن کي...... “

”ها توهان صحيح ٻڌو آهي..... ڏهن هزارن کي هڪ لک ۽ ڏهہ هزار ڪيا ويا.“

”هڪ ..... انگن اڳيان ٻہ ڏنائين.“

..........

”ها اکرنءَ لکيل آهي.“

.........

”سائين ماڻهو هوشيار آهن.“

......

”ٿي سگهي ٿو.“

......

”ها.“

......

”ها..... اڳواٽ اوپن ڪرايائين .... پوءِ، اووررائيٽنگ ٿي آهي.“

.....

”ها ..... انڪواري ٿي ته پوءِ“

....

”في الحال ته سسپينڊ ڪيو اٿئونس.“

.....

”نه ..... نه .... چوري جي پنهنجي حرڪت ٿي لڳي.“

.....

”ها.... جي .... جي.“

.....

”اخبارن کي ته خبر ڪپي.“

......

”مان نه ٿو سمجهان.“

........

”خبر وڏائي هلائي وئي آ.“

......

”نه..... نه اينٽي ڪرپشن .... نه نه.“

......

”گورنر چئي ته پوءِ“

......

”ٿي سگهي ٿو.“

پي اي جا وڏا وڏا ٽهڪ. انهن ٽهڪن هن جي جسم ۾ سيءَ جي لهر ڊوڙائي ڇڏي.
هن ٽيبل ليمپ جي بلب کي چتائي ڏٺو، نظر پي اي تي پيس، اکيون اڇيون، نڪتل ڏند چمڪندڙ. هن جي جسم مان ڌرڙي نڪري وئي .... ساڳيو خواب ۾ آيل، نيري ماڻهوءَ جهڙو پئي لڳو.
انٽر ڪام کڻي اٽينڊ ڪري پي اي کيس چيو:
”صاحب ٿو چوي تہ آرڪيالاجي ڊيليگيشن کي ٽائيم ڏيڻو آهي بريفنگ لاءِ ..... ڪنهن بئي ٽائيم تي اچجو.“
”ڪنهن بئي ٽائيم....؟؟“
هو منجهي پيو.... اٿيو
”ڪجهہ تہ آهي ..... وي سي ملڻ نہ ٿو چاهي ..... ٺيڪ آهي ڊيليگيشن کي ٽائيم ڏيڻو هوندس، پر پنج ڏهہ منٽ تہ ملي سگهيو پئي ..... چو نہ مليو .... ملڻ گهريو هوس .... ٽيون دفعو .... نہ ملي ڪري ..... ڇا مون کي اهميت نہ ڏئي بي عزت ٿو ڪري؟ ..... يا هو مون کي ٽڪائڻ ٿو چاهي .... يا سمجهي ٿو تہ مان رڳو ان چيڪ تي ئي ڳالهائيندس ..... هان .... هان .... ڇا ڪو وڏو گهپلو؟ ..... ڇا ان انڪوائري ۾ .... مون کي بہ!!
”تي سگهي ٿو.“
”تي سگهي ٿو.“
پي اي جي ٽهڪن جو انداز. وڏا آواز. وڏو وات .... ۽ هي پگهرجي ويو.
وي سي جي آفيس مان نڪتو تہ پهريون ڀيرو يونيورسٽيءَ جي بلڊنگ .... روڊ .... رستا .... وڻ .... هن کي نہ وڻيا ..... سڄو ڪجهہ اوپرو .... ايترو اوپرو محسوس ٿيس، جو لڳس پئي تہ هي ماحول هن کي

ڳڙڪائي ويندو. تيز تيز هلندو، مين روڊ تي چڙهي، رڪشا ۾ يونيورسٽيءَ جي حدن کان ٻاهر نڪري، شهر ۾ لهي پيو. هن نہ پئي چاهيو تہ گهر وڃي. ۽ اهو بہ نہ پئي چاهيائين تہ اڪيلو هجي. پر ڪنهن دوست ڏانهن وڃڻ تي بہ دل نہ چيس..... مٿي ڪي هلڪي ڦيري ۾ اکين آڏو ڌنڌ وري آيس .... ٻيهي رهيو. وري هلڻ جي ڪيائين. پر هلڻ جي همت ڪونہ هيس، هليو پئي تہ صحيح نموني قدم ئي نہ پئي کڻي سگهيو. مٿو وڏو ۽ ڳورو ٿي پيانيائين سڌو ڊاڪٽر وٽ آيو. جتي ڊاڪٽر عورتن واري حصي ۾ هو. پندرهن ويهن منٽن تائين عورتن جو تيز آواز ٻارن جون رڙيون ۽ الٽي ڪرڻ ۽ اوڪارن جا آواز ٻڌي، هن کي بہ اجهڪا آيا ..... اٺڻ جي ڪيائين تہ ڊاڪٽر اچي ويو. جنهن پنن تي بہ ٿي ڪيس لکي ڪمپائونڊر کي ڏنا.

"ڪيئن....؟"

"ڊاڪٽر صاحب ..... ڪجھ بهتر."

هو لڪڻ ۾ لڳي ويو. وڌيڪ مونجھ ٿيڻ ڪري هن اٿي ٻاهر وڃڻ پئي چاهيو تہ ڪمپائونڊر بلڊپريشر جو پٽو کڻي مٿان اچي ٻيٺس. ڊاڪٽر هٿ جي اشاري سان روڪيس ۽ بلڊپريشر.. ڏسڻ کان پوءِ .. چيائينس....

"ٻيو ڇا ٿا محسوس ڪيو؟."

"سر.... دل ڪچي ڪچي .... ڪڏهن ڪڏهن الٽي ..... ڪاڌو هضم نٿو ٿئي .... ٿڪ .... بي انتها ٿڪ.... "

"ٺيڪ آ..... پر بلڊ پريشر اڄ بہ گهٽو وڌيل آهي. گوريون ڪائو ٿا؟"

"جي."

”توهان اهي ساڳيون گوريون هلايو... باقي توهان جي لاءِ ڪجھ ٽيسٽون ضروري آهن. اهي ڪرايو . ۽ مناسب ته اهو به آهي ته الٽراسائونڊ به ٿيڻ کپي.“

”ڇو؟؟“

”نہ .... اهڙي ڳالھ ڪانهي ..... پر ٽيسٽون انتهائي ضروري آهن ۽ بيون گوريون به لکي ٿو ڏيانو ..... اهي اوهان کي اجان وڌيڪ آرام ڏينديون .... پريشان نہ ٿيو.“

گهرءِ گهڙيو ته زال دوتل ڪپڙن کي چنڊي رهي هئي ۽ ان کي خبر هئي ته هن کي واشنگ مشين جي گهرڙ گهرڙ ..... ٽانڪين مان پاڻي جي نڪرڻ جو آواز .... چنڊڪو .... ۽ .... رسيءَ تي ٽنگيل آلا ڪپڙا نہ وڻندا آهن. جوٽس هن ڏانهن ڏسي ٿوري ڦڪي ٿي، پوءِ مرڪي ڏنائين. هو به مرڪيو ۽ ڪمريءَ هليو ويو.

”نو...سر نو.... مان ڪڏهن به ...... ڪٿي به ........ پنهنجي پوري نوڪريءَ دوران، توهان ڏسندا ته ڪٿي به مس ڪنڊڪٽ ۽ مينيوپوليٽ نہ ڪئي آهي......“

....

”سر.... مان ته انتهائي ايمانداريءَ سان پڙهايو آهي شاگرد .... ۽ انهن جي رزلٽ شاهد آهي ..... پل ڏسو سر ..... نہ سر..... مان اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن به هڪ روپئي کي به هٿ نہ لاتو آهي ..... جڏهن به، جت به توهان ڏسندا .... مان..... مان ته يونيورسٽيءَ جي بيوٽيفڪيشن ڪان ..... راندين جي چارج تائين انتهائي ايمانداري سان ڪم ڪيو آهي ..... يونيورسٽيءَ کي چئمپينشپ ڪٽرائي ..... ها

.... هاسٽل جي چارج ڇڏڻ جو سبب .... مان سر.... اتان جي شاگردن جي مسئلن کان نہ ..... پر انهن جي ناجائز مطالبن کان تنگ ٿي پيم..... نہ سر اهو سراسر الزام آهي......"

مان،

مان

مان

مان.

مان نہ ..... مان نہ ....!

هن جي وات مان وڏو ۽ تيز آواز نڪري ويو ..... سندس گهر واري ڪمري ۾ تيزيءَ سان ڊوڙندي آئي.

"سڏ ڪيو."

"نہ .... نہ .... ٻار ڪٿي آهن؟."

"هڪ ٽيوشن تي ۽ ٻيو ياچي ونڻ ويو آهي...."

"بس ٺيڪ آ."

ساري زندگيءَ ۾ سڀ کان مختلف ڳالھ جيڪا سندس طبعيت ۾ هئي، تہ ڏينهن کان وڌيڪ رات جي خاموشيءَ ۾ گهڻو سڪون پئي محسوس ڪيائين. ڏينهن جي روشنيءَ ۾ هن کي لڳندو هو تہ گهڻن حصن ۾ ورهائجي ٿو وڃي، ۽ رات جي چپ چپات ۾ هن پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ ويجهو پئي محسوس ڪيو. ان ڪري رات جو دير تائين جاڳڻ ۽ ان مان مزو وٺڻ، پڙهڻ ۽ موسيقي ٻڌڻ ۾ انتهائي سڪون ۾ رهيو. پر هاڻ تہ رات جو بہ پاڻ کي ورهائجندي محسوس پئي ڪيائين. خوف ۽ هزارين سوچن، ڀوائتيون شڪليون پئي ٺاهيون.

هن سوچيو

”يونيورسٽيءَ ۾ پي اي وٽ ..... ڪلارڪ جي چيڪ تي اوورائيٽنگ واري ڳالهه، رقم ڪيرائڻ .... اصل ۾ اها ٻه مليل چيڪ جي ڪڙي آهي ..... معنيٰ ڪو وڏو گهپلو آهي ..... تنهن جي معني ..... هاڻي انڪوائري نه ٿيندي .... جي انڪوائري ٿئي ته ...... خبر پئجي وڃي ها ..... هاڻ شايد سڀ گرفتاريون ڪندا.

پوءِ ....؟“

هن ڪان اهو منظر وسريو ئي نه آهي ..... وچ شهر ۾ اگهاڙو ماڻهو ڊوڙندو پئي ويو. سندس نرڙ مان رت پئي وهيو. پٺيان ٻه سپاهي ڊڪندا پئي ويس. پوءِ خبر پئي ته ٿاڻي ڪان مار ڏوران ڇڏائي ڀڳو هو ۽ پوءِ ساري زندگي اهو سڄي شهر ۾ هر وقت ايئن اگهاڙو ڊوڙندو ئي نظر آيو ۽ چريو ٿي پيو.

اوچتو پرتان گاڏيءَ جي اچڻ جو آواز .... ۽ پوءِ قدمن جا آواز، جيڪي ڳورا هئا، رات جي خاموشيءَ ۾ انتهائي ڊيڄاريندڙ .... آهستي آهستي هن جي در ڏانهن وڌن پيا.....

هن سوچيو: ”ٻه .... ها ٻه ڄڻا آهن .... هو ڳالهائن پيا .... پر سمجهه ۾ نٿو اچي.“

.... قدمن جا آواز هن جي در تائين پهتا. هن ڪن ڏئي ٻڌو. هڪ ٻئي کي چئي پيو.....

”ايئن ٿيڻ کپي ..... ايئن ئي.“

”ڇا....؟ “

”ڇا ٿيڻ کپي....؟“

ٿڌو ٿي ويو.

قدم آهستي آهستي هن جي گهر ڪان پرتي ٿيندا گم ٿي ويا..... ۽ گاڏي اسٽارٽ ٿي هلي وئي.

هو آهستي اچي پنهنجي بيڊ تي ليٽيو.....

”نہ، پڙهيل لکيل ..... هجڻ ڪري ..... هو ايئن وڙهندا تہ ڪونہ ..... پر جيئن منهنجي سُوٽ ڊاڪٽر ريحانہ سان ٿيو، جنهن تي ڪنهن مريض جي مائٽ ڪيس ڪيو تہ سندس غلط آپريشن جي ڪري ئي مريض جو موت ٿيو آهي...“ تڏهن اتي فون تي پوليس آفيسر کي سندس ڪزن چيو:

”پر ڊيٿ جو سبب تہ ڊرگ ري ايڪشن هو.“

......

”هاءِ رسڪ ڪنسينٽ ورتل آهي.“

......

”اسان مالڪن سان وڌيڪ چا ڳالهايون؟“

......

”منهنجي مڙس کي تہ چون ٿا تہ فيصلو ڏيو.“

”يا ڪورٽ“

.....

”چِٽ آهن.“

....

”فيصليمجي بہ ادائي لکن جي ڳالهہ ڪندا تہ ...... پر اسان جو ڏوهہ ڪهڙو آهي؟“

....

”ڊاڪٽر ۽ مريض جو رشتو ئي مهر ڀريو ۽ مقدس هوندو آهي .... جنهن کي صرف اهي ئي محسوس ڪري سگهن ٿا.“

........

”چاليهه هزار!؟“

......

”پوءِ سي ڪلاس معنيٰ تہ .....“

۽ پوءِ ..... سندس مڙس ايس ايچ او کي چاليهه هزار ڏئي، انڪري مطمئن ٿي ويو، تہ ڪورٽ جي ڪاريڊور ۾ بيهي ٻچڙي ٿيڻ کان ايئن ئي بهتر هو.....

”پر هيءَ تہ مختلف ڳالهہ آهي ..... جي پوليس ايئن اوچتو رات جو اچي تہ؟ ٻار تہ ڊڄي ويندا ..... يا ايئن سوچيندا .... تہ مان ئي انهن کي ڊيڄارڻ جو ڪارڻ آهيان .... ۽ جي ڏينهن جو اچن ٿا تہ؟ پاڙي جا ٻار .... دوڪاندار .... گهٽيءَ مان گذرندڙ ماڻهو.. ايئن ڏسندا ڄڻ مان ڪو وڏو ڏوهہ ڪيو هجي .... پر..... ماڻهو جيل وڃي يا نہ ... ملزم ٿئي يا مجرم .... پر وڏي بي عزتي ۽ ڏک تہ گهر ڀاتي ئي ڀوڳيندا ....“

”چا ڪيان؟.....“

”هان ..... مان....“

”چا ڪيان؟..... چا....“

”هاڻ .... بس .... صبح جو..... سڀ ڪجهہ .... ٻارن کي ٻڌائي ڇڏيندس .... ها، ايئن ئي بهتر آهي.“

”انٽر پاس ڪئي تہ مارڪون سٺيون نہ آيون .... ايئن نہ هو تہ ڪا محنت نہ ڪئي .... پڙهيو هيم ڏاڍو ..... پر ڪاپي نہ ڪرڻ ڪري، انجنئيرنگ ۾ داخلا نہ ٿي، سڀ رستا گم ٿي ويا .... ڪو رستو ڪونہ

بچيو .... چڻ سچي دنيا انجنئير هجي ..... جيڪي انجنئير نہ آهن .....
چڻ انهن جو مستقبل نہ آهي. مان پڇي ٿڪي ۽ پري پيس ....گهر ....
ڪتاب..... ڪاليج ۽ اهي رستا مون کي انتهائي اوپرا، بلڪ اذيت
ڏيڻ لڳا....جڏهن تہ اهاسچي سوچ غلط هئي..... غلط سوچيم ۽
سمجهيم..... پر مون کي ڪو سمجهائڻ وارو ڪو نہ هو ..... ماڻهو کي
زندگيءَ ۾ هڪ نہ ٻہ، ٻہ ٻہ نہ پر ٽي ٽارگيٽ ٿاهڻ گهرجن ..... هڪ نہ تہ
ٻيو.... ٻيو نہ تہ ...... ايئن مان ٽرين ۾ چڙهي ڪراچيءَ ۾ اچي ڪلارڪ
ٿيس.... ٽن ڏينهن ۾ ڪلارڪ جي پگهار ٽي سَو هئي ۽ ٽن روپين ۾
ماني ڪائي سگهبي هئي .... پر مان اتي بہ هڪ جوڙي ...... سلوار
قميص ۽ پٺاڪي سينڊل ۾ گذاريو .... ۽ مليل پگهارون بچت ڪرڻ
لڳس.... صبح جو بسن ۾ ڌڪا ..... رات جو بسن ۾ ڌڪا، ٿاٻا کائي،
رلي پٽڪي ..... هڪ سستي هوٽل تان اڪثر دال يا قيمو ڪائي اچي
سمهندو هيس..... صبح جو نائين ڪان رات جو نائين تائين بہ آفيس ۾
ڪم.... ۽ ڪراچي جون روشنيون.... چمڪندڙ روڊ، رنگ برنگي
بلڊنگون .... پاڻ کي جيئاميڙو محسوس ڪندو هيس ..... سوچيم ڇا؟
سچي زندگي ايئن ئي گذاريندس...."

"پوءِ ..... اتان اچي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي. سادن ڪپڙن ڪري
صبح جو ساجهر ڪلاس ۾ وڃڻ .... ويهندو پوئين بينچن تي هيس ....
دير سان ليبارٽري مان نڪري سڌو ڪمري ۾.... ڏينهن جو ڪمري جا
در دريون بند ڪري، بلب ٻاري پڙهندو هيس جيئن ٽائيم جي خبر نہ
پئي .... سخت محنت ڪيم..... اتي بہ منهنجي حالت اهائي هئي تہ
ڳڏ ٿيل پئسن مان نوي روپين جي حساب سان گذاريم ۽ ايائي سال
ايئن ئي پڙهائي ڪيم .... جڏهن تہ انهن ڏينهن ۾ هڪ شاگرد جي

مهيني جو خرچ ادائي سئو روپين تائين هو ....... اتي ڪڏهن ڪڏهن تہ هڪ ويلي تي بہ گذارو ڪيم .... آخري سالڪن ڏينهن جا ڏينهن چڻن کي اٻاري ڪائي مٿان گلوڪوز جو گلاس پي ڇڏيندو هئس .... نہ يونيورسٽيءَ جي سونهري شامن، نہ صبح ۽ نہ ئي رات جي ٿهليل ٿڪن جو مزو ورتم ..... جوانيءَ مان ئي چڙ تہ پوڙهو ٿي ويو هيس ..... ايم ايس سي پاس ڪري هاسٽل جي روم مان نڪتس تہ منهنجي ٿيلهيءَ ۾ ڪجهہ ڪتاب ۽ ٻيا رڳو فاسل هئا ..... آخري ڏيڍ سال ۾ ادا وڏي ڪڏهن ڪڏهن پئسا تہ موڪليا پئي پر ڪڏهن ايئن نہ پڇيائين تہ پڙهين چا ٿو.... ڪهڙي نوڪري ڪندين؟

..... انهن حالتن مان گذري .... هاڻ مان پنهنجي طرفان جيترو بہ آهي ..... ٻارن کي ڏيان ٿو ..... ڏيڻ چاهيان ٿو .... مان چاهيان ٿو تہ جيڪي مون حاصل نہ ڪيو آهي ..... توهان اهو حاصل ڪيو...پر...پر جيڪڏهن اهڙيون حالتون پيدا ٿي پون تہ پوءِ بہ توهان مون وانگر همت نہ هارجو..... سخت محنت ڪجو .... مسلسل محنت ڪري .... پنهنجي پڙهائي جاري رکجو ...... پوءِ پل تہ توهان کي چولا چو نہ وڪڻڻا پون..... ڦوڪڻا چو نہ ڪپائڻا پون .... محنت عيب نہ آهي ..... ڪجهہ بہ ڪري پڙهجو .... پڙهندؤ تہ وڏا ماڻهو ٿيندؤ ...... ڏک نہ ڏسندؤ..... واعدو ڪيو.... ها.... واعدو...."

"هن محسوس ڪيو ٻار وائڙا.... ٻنل .... چپ .... چڻ هنن ڪجهہ نہ سمجهيو. ۽ اهو بہ محسوس ڪيائين تہ زال رئي سان ڳوڙها پئي اگهيا ..... هو اوچنگارن ۾ پئجي ويو ....

"پاڻي"

”پاٽي هٽوس“

وري هٽوس.

هن چرڪ ڀري ڪنڌ مٿي ڪنيو. ڪمري جي دريءَ مان اوڏي مهل پوئنٽر آواز ڪيندو، ڪمريءَ ۾ گول ڦرڻ لڳو..... زالهنس جي هٿ ۾ گلاس ..... هن جلديءَ ۾ زال کي چيو:

”پکو بند ڪر متان ان ۾ لڳي ..... مري نہ.“

هن ڏٺو تہ پوئنٽر پٽ تي ٽنگيل هن جي فوٽوءَ مٿان اچي ويٺو .... اتان اڏامي وري هن جي پيءُ جي فوٽوءَ مٿان ويٺو.... وهم ۾ ونجي ويو .... پاٽي ..... گلاس وٺي ڀڪ ڀريائين، تہ هڏڪي شروع ٿيس. ٻيو ڀڪ ڀريائين تہ الٽي اچي ويس. پاٽي پيٽ جي ڪيائين تہ وري الٽي آيس .... ساٽو ٿي ويو..... ساٽو ٿي بيڊ تي ڪريو تہ ..... پٽيون ..... چٽ .... ۽ ڪمرو گول گول ڦرڻ لڳا.....

”الله ......الله“

زال جو آواز ڏکو ٿيندي پڙاڏو ٿي ويو ۽ ٻيا آواز.

”گوري .....“

”پاٽي .....“

ٻارن جون رڙيون.....

پي اي جا ٺهڪ .....آواز .... انڪوائريءَ ۾ رڳو ٻي ايف او يا .... يا ؟

”چوري جي پنهنجي حرڪت آ .... پنهنجي حرڪت .... نہ نہ اينٽي ڪرپشن نہ .... گورنر ٿي سگهي ٿو .... ؟؟؟؟“

ٺهڪن جا آواز اچان ٻہ وڌيڪ ، نہ ڪٽندڙ.

هن کي لڳو تہ آواز هن جي ڪِر آهن ..... هو ٻوڙندو ٿو وڃي .... الف اگهاڙو... نرڙ مان رت وهائيندو.... رڪشائن، ٽانگن ۽ ماڻهن کي

گوهيون ڏيندو ڀوڙندو ٿو وڃي ۽ پٺيان .... رڪشائن.... موٽر سائيڪلن.... بسن.... ۽ ماڻهن جا لاڳيتا آواز .... ٻڌا.... نہ ڪٽندڙ.... محسوس ڪيائين تہ نيرو ٿي ويو آهي ..... اڪيون زور سان ٻاهر نڪرڻ تي اٿس.....

آواز....

”اس نہ لڳيس..... اس نہ لڳيس.....“

”پيرن ۽ گوڏن وٽ پٽي چڪي ٻڌو..... ڦتڪي نہ ....“

۽ هي ڦتڪي سڌو ٿو ٿئي تہ سيءَ جي لهر هن جي پٺيءَ جي ڪنڊي ڪان اپري ٿي، اهڙي ئي لهر جهڙي قبر ڪي سڌو ڪرڻ لاءِ هيٺ سمهڻ ويل اپري هئي.....

آواز جيڪي اجان بہ گهٽا ٻڌا ۽ مٿي ٿيندا پيا وڃن.

هن اٿڻ جي ڪئي ....ڪکءسور جي سٽَ اپريس.... سور ڪان بومرنگ وانگر ٻيٽو ٿي ويو.

# اڏو

ويڪري اونداهي ڪاهيءَ ۾ مسلسل ڪرندو ٿو وڃي. ڪرندو ٿو وڃي. نہ ڪٿندڙ مفاصلو. هن پانهن ۾ ٽنگن کي زور زور سان هلائڻ شروع ڪيو. هيٺ اچان بہ هيٺ ڪرندو پئي ويو، وڏي رڙ ڪيائين. رڙ سان اکيون کلي پيس. نظر ڪاري پالش ٿيل چلڪٽي بوٽ تي پيس. جيڪو عام بوٽن کان سائيز ۾ ٿورو وڏو لڳس. پاڙ کي پاسيرو سمهيل محسوس ڪيائين ... آهستي آهستي سڌو ٿيو، مٿان ڪجھ بہ نظر نہ آيس سواءِ هلڪي سائي رنگ جي. ٿوري وقت ۾ اتان ڪا شئي هٽندي ڏٺائين. ڌنڌلو ڌنڌلو منهن نظر آيس. جيڪو ڪجھ لمحن ۾ چٽو ٿيو. پرسان اڇن ڪپڙن ۾ نرس اچي بيٺس وري چهرو ڍڪي ڇڏيائين. نرس ڪجھ چيو، نرڙ تي هٿ رکي وري وارن ۾ آڱريون ڦيري ڳل تي هلڪي ٿپڪي ڏئي، ننڍڙي بوتل مان انجيڪشن پري آهستي آهستي ڊرپ ۾ وڌائين. هن ڏٺو تہ ڊرپ مان ڦڙو ڦڙو هيٺ لهي رهيو هو. پوءِ ننڊ جو گهيرٽ اچي ويس.

۽ جڏهن ڪجھ وقت کان پوءِ اکيون کليس تہ بہ وڏا گهوڙا نظر آڏو ڊوڙندا لڳس. پنبڻين سان اکين کي زور ڏئي وري کوليائين، سامهون هڪ وڏي تصوير فريم ۾ مڙهيل هئي جنهن ۾ گهوڙا ڊوڙي رهيا هئا.

ٿوري وقت کان پوءِ سڀ ڪجھ چٽو ٿيندو ويو. ساڄي پاسي کان اسٽول تي سندس وڏو پاءُ ويٺو هو. هن کي ڏسي مرڪيو. چيائين:

”ڪيئن آهين؟“

جواب ۾ هن صرف ڳيت ئي ڏني. سامهون واري بيڊ تي پٽيري عورت نوجوان کي وات ۾ گرهہ وجهي رهي هئي. ڇهن بسترن واري ڪمري ۾ سامهون ٽي بيڊ هڪ هن جي کابي ۽ ٻيو ساڄي.

پاڻس وري پڇيو: ”ڪيئن آهين؟“

”بس....“

”ڪجهہ کپئي؟“

هن ڪنڌ سان ننهن ڪر ڪئي.

نڊڙي گلاس ۾ پاڻس پاڻي پيئڻ لڳو. هن ٽوٽين تي ٽيڪ ڏئي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي. مٿن واري دريءَ کان ٻاهر ڏٺائين. اس، پپل جي پنن تي چلڪي رهي هئي. پن ڦٿڪي رهيا هئا.

ساڳي ئي دري هئي، جهڙي هن جي اسڪول ۾ بلڪل اهڙو ئي منظر. جيڪو ننڍي هوندي دريءَ مان ڏٺو هئائين. پپل جو وڻ. مٿان ڪجهہ پکين جا لامارا. ساڳي ئي ڊيگهہ. ويڪر. ڪلاس روم جيترو ڪمرو، فرق رڳو هو تہ بينچون ڪونہ، بينچن جي جاءِ تي بيڊ. بليڪ بورڊ بہ نہ، جنهن جي آڏو ڪلاس ماسٽر جي هٿ ۾ لڪڻ هر وقت حرڪت ڪندڙ. ماسٽر جو منهن ڊگهو ۽ اکيان وڏيل. رف ڪاپيءَ تي ان جو اسڪيچ. منهن تي ڪرڙي ويهاري، ڪرڙيءَ جا اکيان پير اکيون ڪري، جسم نڪ ڪري، پيچ ۽ پوين ٽنگن مان چپ ٺاهيا هئائين.

اهو ٽيچر هن کي ڪونہ وڻندو هو. جيڪو ڪيس سدائين بہ لڪڻ هٿي، پوئين بينچ تي ويهاري ڇڏيندو هوس. چاڪاڻ تہ هن کي بوٽ ڪونہ هو. اهو تہ بوٽ پاتل جڏن ٻارن کي اکيان ويهاري ڇڏيندو هو. ۽ هو پٺيان ويهي صرف ٻارن کي ٽوٽيون هٽڻ، حرڪتون ڪرڻ کان

علاوه ماستر جي منهن کي مختلف شڪلين ۾ تبديل ڪندو هو. انهن ڏينهن جي مار کي اڄ بہ هو پنهنجي بي عزتي محسوس ڪندو آهي، جڏهن بورڊ تي لکيل سنڌي جملن کي انگريزي ۾ ترجمو ڪرڻو هو.

”استاد شاگرد کي پڙهائي چڪو آهي.“

”مهربان ڊاڪٽر مريضن جو علاج ڪري چڪو آهي.“

هن انگريزيءَ ۾ تہ انهن کي ڪونہ لکيو. لکيائين:

”ظالم استاد شاگردن کي مار ڏئي چڪو آهي.“

”بي رحم ڊاڪٽر مريضن جي محنت مان ڪمايل سڀ چوسي چڪو آهي.“

جڏهن ڪلاس ٽيچر اوچتو هن جي ڪاپي پڙهي، تہ وري وارن ڪان جهلي رول ۾ لتن سان مار ڏنائينس. پوءِ هر روز بہ رول انگريزي نہ اچڻ جا ۾ بہ رول حسابن جي ڪاپي فيئر نہ ڪرڻ جا. بہ رول گوڏ ڪرڻ تي ۾ بہ بوٽ نہ پائي اچڻ تي ڪائي جڏهن گهر پهچندو تہ پيءُ ڪان ڪنهن نہ ڪنهن موقعي تي ساڳيو ئي استاد وارو جملو ضرور ٻڌندو. ”گڏه سوئي گڏه.“ ساڳيو جملو. ساڳيو لهجو. ساڳيو منهن تي تاثر. ماستر وانگر پيءُ بہ انتهائي بخيل. هن ۾ بہ چڙ ساڳي ئي. هن کي لڳندو تہ پيءُ کي بہ هن لاءِ ڪا شفقت، ڪو پيار، ڪا عزت ڪونهي. ۽ ان وقت تہ وڌيڪ چڙ ايندي هئس، جڏهن پيءُ ماني ڪائيندو هو. اطمينان سان آهستي آهستي هڪ گرهہ چٻاڙيندي ٻيو ٺاهي، ان کي سامهون جهلي، انتهائي دلچسپيءَ سان تيستائين ڏسندو جيستائين پهريون ڳيت ڏئي اندر نہ ڪري. ماني ڪائي پوري ڪرڻ ڪان پوءِ ايئن اٿندو چڻ ڪجهہ فتح ڪيو هجائين يا چڻ دنيا جو انتهائي وڏو نيڪ ڪم ڪري اٿيو هجي. هو پيءُ کي آخر تائين سمجهي نہ

سگھيو. هميشه چوندو: ”اصولن تحت زندگي پيو گذاريان، انهن لاءِ احترام آهي. ايماندار آهيان. سچو آهيان.“ اهو سڀ ڪجهه هو. ۽ هو پنهنجي ايمانداريءَ جي اصولن سان ايترو سچو هو. پاڻ کي وڌيڪ معتبر ظاهر ڪرڻ لاءِ نه ڪندو هو؟ جيئن سڀن جوابدارين کان آجو رهي. جڏهن ته سندس انهن اصولن رڳو پيڙيو ئي پيڙيو. نه رڳو هن کي پر سيني گهر ڀاتين کي.

گهر وارن جيان پيءُ جي اصولن ۽ ايمانداريءَ ڪري، بوٽ ته نه مليس پر يونيفارم سان ڪارو بوٽ لازمي هجڻ ڪري ٻه ٻغير بوٽ جي اسمبليءَ ۾ بيٺل آخري ٻار ٿي ويو ۽ ڪلاس روم جي آخري بينچ جو ويهندڙ. ان حالت هن ۾ ڪروڌ ڀري ڇڏيو. ڇهنڊڙيون، سس پس، رف ڪاپيءَ تي ابتا سبتا جملا. استاد جي بگڙيل تصوير. ڪجهه وقت لاءِ دريءَ مان ٻاهر پپل جي پنن تي اس کي ڏسڻ ۽ دريءَ جي ٻاهر گذرندڙ ٻارڙن جا چلڪندڙ بوٽ ... ساڳيا منظر دريءَ ٻاهران ۽ سامهون در وٽان گذرندڙ ڊاڪٽرن جا چلڪندڙ بوٽ ۽ ايپران پاتل ڊاڪٽرياڻين جي خوبصورت سينڊلن مان نڪرندڙ وٺندڙ آواز. ڪڏهن وٺندڙ ۽ ڪڏهن چڙ ڏياريندڙ پيءُ جو جملو.

”گڏهه سو ئي گڏهه.“

رات هن لاءِ سڪون ڀري. آسمان ۾ چلڪندڙ سڪن جهڙا ستارا. چڻ ڪڏهن نه ڪڏهن هن جي اڱڻ تي ڇٽندا. ڏينهن هن لاءِ عذاب هوندو. جيڏانهن ڪيڏانهن چر پر. آسمان اڇو. ڪوبه ستارو ڪونه. ساڳيو پنڌ. ڳورا قدم. جيڪي اسڪول جي مين گيٽ ٽپي نه سگهندا. هو نندي دريءَ مان داخل ٿيندو، ته پاڻ کي پاڳل خاني ۾ محسوس ڪندو. هزارين اکيون هن لاءِ چيريندڙ ڦاڙيندڙ ڳجهون ٿي ونديون هيون.

۽ جڏهن هو ايئن پنـاڙڪي سينڊل ويڪرن پاچن واري سلوار قميص سان يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو. هاسٽل جي ڪمري جو انٽرلاڪ ڪوليائين تہ سئيپر اچي سلام ڪيس. در کولي ڪمري کي چوڌاري ڏٺائين تہ مٽي، فرش، ڪرسي، ٽيبل ۽ بنا چادرن جي بيڊ تي ڪريل هئي. بيگ رکي پوءِ سامهون ڏٺائين، تہ بنا ڪهين جي ناسي بوٽ پيل هو. هن سوچيو...

”ڪو امير شاگرد out fashioned سمجهي ڇڏي ويو هوندو.“ سئيپر ڪمري جون دريون کولي باٿ روم ۾ هليو ويو تہ هن جلديءَ ۾ هڪ پير بوٽ ۾ وجهي ڏٺو. پوري اچڻ تي خوشي محسوس ڪيائين. بيگ ڪبٽ ۾ لاڪ ڪري، هيٺان هاسٽل جي ڪليل اسٽور تان ڪهيون وٺڻ لاءِ نڪري ويو. موٽيو تہ چرڪجي ويو. سئيپر اهو بوٽ پائي ٻاهر نڪتو ۽ هن هٿن ۾ ڪهيون لڪائي ڇڏيون.

وري سامهون ڏٺائين تہ دروازي تي پاٽس ڪنهن ڊاڪٽر سان ڳالهائي رهيو هو، تہ ان ئي دروازي مان پنهنجي زال کي داخل ٿيندي ڏٺائين. جيڪا هلي اچي هن جي پير واري اسٽول تي ويٺي. رئي کي نڪ تائين رکي ڇڏيائين. ڳاڙهين ۽ سڇيل اکين مان ڳوڙها وهندا رهيس. روئيندي چيائين:

”ڪيئن آهيو؟“

”بس .... ٺيڪ آهيان.“

”ٻار ڪيئن آهن؟“

”ٻار ٺيڪ آهن. ٿورا ڊنل ۽ گهبرايل آهن ... تڏهن نہ وٺي آئي مانِ.“

”صحيح ڪيئي ... اسڪول وڃن ٿا؟“

”نہ ... هڪ ٻن ڏينهن کان گهر ۾ آهن....“

ايتري ۾ ڀاڻس ٻـ اچي ٻي پيشنٽ جي بيڊ جي پرسان وارو اسٽول سوري ويٺو.

”ادا ... ڊاڪٽر ڇا ٿا چون؟“

”ڀاڃائي ... سڀ ڪجھ ٺيڪ ٿي ويندو ... گھٻرائڻ جي ڳالھ ناهي ... پنج ڇھ ڏينهن اجان اسپتال ۾ئي رهڻو پوندو.“

”ڇو؟“

”ڪجھ ٽيسٽون اجان ٻـ ٿينديون.“

”هان؟ پر ڇو؟“

”ٻئي ٻڪيون سڪڙجي ويون آهن ... ڪم نـ ٿيون ڪن ... “

جوڙس منهن هٿن ۾لڪائي سڏڪن ۾پئجي وئي.

”گھٻراءِ نـ... تون روئيندينءَ تـ هي تـ صفا دل هاري ويهندو.“

هن پوءِ ٻـ روئڻ بند نـ ڪيو ۽ آخر ٻئي سڏڪن ۾پئجي ويا. سندس ڀاءُ اتان اٿي هليو ويو.

زال سان زندگيءَ ۾ٻيو دفعو ايئن ئي سڏڪن ۾پئجي ويو هو. پهريون دفعو جڏهن سانوڻ ۾ٻارن سان گڏ گھر جي ڇت تي سمهيل هو، تـ جوڙس اچي گڏ ستي هيس تـ هن کي جاڳ ٿي ويئي هئي.

”ڇا آهي؟“

”مٿي ڏس آسمان ۾...“

”ڇا آهي؟“

”اهو ستارو ڪيڏو تـ چمڪي ٿو... مون کي پيئو ٿو ٿئي.“

”مون کي تـ وڻي ٿو.“

”پر.... مون کي الائي ڇو ڊپ ٿو لڳي.“ ان جي صبح جو زال ٻڌايس تـ ... ”ٻارُ پيٽ ۾لڳي ٿو تـ ڇري ئي نـ ٿو.“

”سچ!؟“

”سچي رات کان لڳي ٿو ڪابہ چرپر نہ ٿو ڪري.“

۽ شام جو جڏهن الٽراسائونڊ ٿيو تہ خبر پئي ٻارُ پيٽ ۾ مري چڪو آهي. رڪشا ۾ گڏ موٽندي ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏٺو ئي نہ پئي، ٻنهي جي اکين مان ڳوڙها پئي وهيا. ٽن ڏينهن کان پوءِ هنن جي گهر ۾ اهو ٻارُ اڇڙو هو.

اهي سخت گرمي ۽ اُٻهس وارا ٻہ ڏينهن ۽ ٻہ راتيون، هن ليبر روم ٻاهران ڪاريڊور ۾ گهمي ۽ وڻ جي ڇڊي ڇڊي ڇانو ۾ ويهي گذاريا. ان رات جڏهن خبر پيس تہ ڊليوري ٿي وئي تہ تڏهن ڪيس سڪون آيو. ڪپهہ ۾ ويڙهيل ٻار فرش تي رکيل. هن کي ننڊ پئي آئي ۽ جاڳڻ چاهيندي بہ جاڳي نہ پئي سگهيو.

حقيقت ۾ هن کي ڊپ هو تہ ٻار کي ڪو ڪتو نہ پٽي کائي وڃي. هن پرسان ٻيٺل هڪ ڪراڙي کي چيو

”ڏاڍو ٿڪيل آهيان ... اڌ ڪلاڪ اکيون ٻوٽڻ ٿو چاهيان ... ٿورو خيال رکجو.“ هن جي اک لڳي وئي ....

ننڊ ڪري اٿيو تہ چوڌاري صبح جي اڇاڻ هئي. ٻانهن تي ٻار کي رکي قبرستان هليو. ننڊي پنڌ بہ هن کي وڏو ٿڪائي وڌو. ٻار کي پوريندي محسوس ڪيائين تہ هو پنهنجو پاڻ کي دفنائي رهيو آهي. قبرستان مان ٻاهر نڪتو تہ بغير ڪنهن سوچ جي خالي هٿين سڌو اسپتال ۾ داخل ٿيو.

۽ ٻہ ڏينهن اسپتال ۾ رهي ڊليوري ڪرائي، جڏهن گهر موٽيا تہ گهر ۾ رکيل رابيل جي ڪونڊي گلن سوڌو سڙي چڪي هئي. اڳڻ ٽپي ڪمري ۾ پلنگ تي رکيل رلهڪن، وهاڻن، ٻنڌڻن ۽ نيپي کي ڏسي

ڪجھ ڦرجي ويڻ، ڪجھ نہ ملڻ، هارائي اچڻ جي احساس هيٺ، ٻئي پاڪر پائي اوچنگارون ڏئي رنا.
هزارين هٿ اپا پر ڏنڌلا. ويجهو ويو تہ سورج مکي جا هزارين گل ... گل نہ هئا ماڻهن جا چهرا هئا. ويڪرا. گهنجيل. هيٺ ڍرڪيل. جوان. چهرا خوشيءَ ۾ ٻهڪندڙ. جهومندڙ ۽ ننڍڙا شرارتي چهرا. رڳو ڪيفيتون هيون. خوش. اداس. ٻنل. مرڪندڙ. روئيندڙ. سڀ پيلا گل آهستي آهستي رنگ ڇڏيندا، ننڍا ٿيندا اچا ٿي رابيل جي گلن ۾ تبديل ٿي ويا. ٻنيءَ مان هزارين پکي پڙڪو ڏئي آسمان ۾ اڏامي ويا. آسمان ڪارو ٿي ويو. هيٺ رابيل جا گل ڇڻي جيت ٿي ڦسي پيا.
هن جي اک کلي پئي. سندس زال وجي ڇڪي هئي. سئيپر فنائل لڳل پوچي پئي هنئي. مريضن جي ڇهرن تي مرڪون هيون. سئيپر چيو پئي.
”ها سائين ها ... اڄ اربع آهي.“
”پر آخري ... آخري اربع....؟“
”ها ... آخري اربع... آخري اربع... ايندڙ اربع... بلڪل ايندي. اها ايندڙ آهي. اڄ واري اربع ڇٽي .... سال ۾ اهڙي اربع وري نہ ايندي.... “
”هزارين اربعائون ايندين .. پر جيئن اڄ ٿئي پيو. ائين نہ ٿيندو، ائين نہ ..“
مريض سئيپر جو ڳالهيون دلچسپيءَ سان ٻڌندا رهيا. هو پوچي پوري ڪري ڪمري مان نڪري ويو.

گجگوڙ ۽ طوفان سان مينهن آيو. سڄي اسپتال ۾ ڪڙڪا ٿي ويا. ڪمري جي درين جا تاڪ هڪ ٻئي سان ٽڪرايا. پردا ... هوا جي زور تي اڏامڻ لڳا. کنوڻ جا چمڪاٽ. گوڙ، شور. وارڊ ٻواءِ وراندي ۾ لڳل ايمرجنسي لائيٽ ٻاري، درين جون ڪنڍيون جلدي جلدي بند ڪرڻ لڳو. ماحول عجيب. هن کي ٻپ وٺي ويو. لڳس ته، هي isolation room ۾ آهي. نڙي خشڪ ٿي ويس. اٿي اباريل پاڻيءَ جي بوتل مان ڪجھ ڍڪ پريائين. ڪڏهن سوچيو به نه هئائين ته هيئن ڪنهن وڏي بيماريءَ ۾ لوڙيندو. خوف هيس ته هاءِ وي تي هلندڙ تيز رفتار گاڏين جي ٽڪرجڻ جو. ٻپ واري ان سوچ کي ذهن مان ڌڪي، ڪا ٻي سوچ آڻي چڙهيندو هو. ڪنهن وقت وري چيتي ڪتي جي چڪ جو ٻپ حاوي ٿي ويندو هوس. ننڍپڻ ۾ هن جي ماسات کي چيتي ڪتي چڪ هنيو هو. ان ڦوٽاريل اکين. گڙندڙ گگ ۽ رڦٽي کي هو اڃان تائين وساري نه سگهيو آهي. جڏهن ڪراچيءَ ڪٽائي ويس ته isolation room ۾ ان جي اذيتناڪ حالت ۾ رهڻ ۽ اڪيلو ٿي مرڻ وارو منظر هن جي اکين آڏو ڦرندو آهي ۽ تڏهن هو رات جو اڪيلو ڪمري ۾ سمهي نه سگهندو آهي. سوچن مان نڪرڻ لاءِ سوچڻ لڳو.

"Isolation room ۾ هن ڪيڏيون رڙيون ڪيون... ڪنهن پيار سان وارن ۾ هٿ ڦيريو هوندس ...ڇا سوچيو هوندائين يا سوچيو ئي نه هوندائين ... ڪنهن جو انتظار ڪيو هوندائين .. يا اهڙي ذهني حالت نه هوندس .... جو ڪنهن کي ياد ڪري .... سڏ ڪيا هوندائين ... يا ايئن اڪيلو اڪيلو ... مري ويو هوندو!!"

سوچڻ لڳو....

نندپڻ ۾ جڏهن وڏڦڙي سان برسات پوندي هئي تہ ڪيئن نہ ٻارن جي ٽولي سان واهہ جي ڪڙ سان بيٺل ٻيرن ۾ وچي چاپڙون هڻندا هئاسين. مينهن ۾ پسيل ڳيرن کي اڏائي ڊوڙائي وچي ڪيڙين ۾ ڪرندي پڪڙي، ڪهي ڪاٺيون ٽنبي، باهہ ۾ اڌ ڪچو اڌ پڪو کائيندا هئاسين ... ۽ انبن جي باغ ۾ ڪريل انبڙيون ميڙي جهول پريندا هئاسين. پوءِ اسڪول جي گرائونڊ تي جيڪي ڪريل سڪا ظاهر ٿي پوندا هئا، ميڙي ريوڙيون ۽ پڳڙا وٺي کائڻ ۾ ڪيڏو نہ مزو ايندو هو... ڪيئن نہ رانديون ڪندا هئاسين .... جهول چدن سان پريل ... الهو ٻلهو... ونجهہ وٽي .... اڪپوٽ، سنهين گهٽين ۾ ڊوڙندي سهڪڻ ڪنهن کي پڪڙيندي. ڪيڏا نہ ٺهڪ ڏبا هئا ۽ ... اڄ جي ٻار کي ڪاٺي آهن اهي خوشيون.... هو تہ اجان وڌيڪ اذيت ٿو پوڳي. ڪلچر ئي بدلجي ويو آهي ... ڪيڏانهن ويون اهي رانديون؟ سيٽلائيٽ چينل تہ ٻارن کان خوشيون ئي ڦري ورتيون آهن. هو تہ اڄڪلهہ رڳو هڪ فيملي کان ٻي فيملي تائين جي سهوليت کي ڏسي، ريس ٿو ڪري ۽ پاڻ ۾ وڌيڪ complex پيدا ڪري رهندو پاڻ کي under pressure ڪري ڇڏيو اٿائين. آزاد ڪٿي آهي؟ ۽ ... يونيورسٽيءَ ۾ تڏهن ڪيڏي نہ آزادي هئي. ڪمرو نہ هو ڄڻ پناهہ گاهہ. Hyde park هو جيڪو وٽي جيئن وٽي، تيئن ڪبو هو.... نہ ڪا روڪ، نہ ٽوڪ، نہ ڪوئي فڪر .... جي ڪڏهن مونجهہ ٿيندي بہ هئي تہ ڪمري جي گئلري ۾ وچي لهندڙ سج کي ڏسبو هو.... شام سڄي سونهري .... اداس شام ۾ اداسي کي بہ ڄڻ enjoy ڪبو هو .... رات جو مختلف هاسٽلن ۽ ديوين جي وچان پيچرن تي شاگردن جا بي پرواهہ ٽهڪ هوا جي لهرن تي لڙهندڙ. اٿندڙ ترندڙ .... ٽهڪن مٿان ٻٽا ٻٽا ٽهڪ .... هوا ۾

ميندي۽ جي ٻور جي خوشبوءِ، هاسٽل جي ڪنڌ مٿان لڳل سرچ لائيٽ جي هيٺ پوندڙ روشنيءَ ۾ اڇلايل مانيءَ جي ٽڪرن، فروٽ جي ڪلن تي ايندڙ لومڙي.... سيڙه.... ڇاها ۽ ڳوهون.... مينهن پوندو هو ته هر ڪمري ۾ ٻرندڙ ميڻ بتين جي هلڪي روشني ۽ ڪاريڊور ۾ فلسطيني شاگردن جو نه سمجهه ۾ ايندڙ راڳ ۽ فرش تي لڳندڙ بوٽن مان نڪرندڙ آوازن جي ردم ... ۽ ڏينهن جو برسات ڪان پوءِ شاگردن جا ٽولا.... ڪلاسن جو بائڪاٽ ... ڪيئن نئيون وهي بند ٿينديون هيون، ته هٿوڙو ۽ ڇيٽي ڪٽي ٿيلهو ڪلهي ۾ لڙڪائي، وڃي پهاڙين ۾ فاسل ڳولهبا هئا. اسٽار فش ... ڪوڏ ... سپيون.... ٿيلهو ڀري ڇاڳوري ڀيرن مان نديڙا ڳاڙها مٿا ٻير پٽي چوسيندي ڪمري تي اچي بليڪ ڪافي پئبي هئي ... ڪيڏي نه لاپرواهي هئي.

۽ فوزيه ڪي ڏٺم، چڙ سپ رستا وڃائي ويٺس. وائڙو ٿي ويس فون ڪري ويٺس....

”هيلو....“

”جي!“

”فوزيه سان ڳالهائڻو آهي.“

”ڳالهايان پئي.“

”مان گم ٿي ويو آهيان.“

”توهان ڪير؟“

”مان ڪجهه به نه آهيان. ڪو نالو نه اٿم. بغير نالي ۽ ذات جي ... صرف احساس آهن.“

”ڇا مطلب؟“

”مطلب ته مان گم ٿي ويو آهيان.“

”بڪواس.“

۽ پوءِ مسلسل فون ڪرڻ ڪري هوءَ مون کي سچاٽي وئي ....

۽ هڪ ڀيري جڏهن لائبريريءَ کان پنهنجي آرٽسٽ دوست سان گڏ نڪتو پئي آيس، تہ هوءَ بہ سهيلي سان هاسٽل ڏي پئي وئي. دوست، وڏي وڃي ڪجھ ڳالهايس. پوءِ آهستي آهستي گڏ هلندي دوست هن جي سهيليءَ سان ڏهہ قدم کن اڳتي هلندي وڏي ويو تہ مان ڳالهايو.

”ڏسو“

”جي“

”مان ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان.“

....

”سچ تہ ... مان توهان سان ملڻ ٿي نہ پئي چاهيو.“

”ڇو؟“

”ڇو تہ ... ملڻ حقيقت۾جدا ٿيڻ لاءِ هوندو آهي.“

....

”مان جدا ٿيڻ ٿي نہ چاهيندس.“

....

”سوچي ... سوچي وزن ٿي گهٽجي ويو آهي... ڳري ويو آهيان.“

”پوءِ....؟“

”توهان مون کي ڏاڍا وڻندا آهيو.“

.....

”توهان سان گڏ هلڻ ٿو چاهيان.“

”ڇا مطلب....؟“

”مطلب اهو تہ ... اصل ۾ مان نہ کو توهان کي دوکي ۾ رکندس ۽ نہ ئي پاڻ کي ڏيندس... نہ توهان کي شاديءَ جو چئي... ننيڙي ۽ خوبصورت گھر جو خواب ڏيکاري .... کو آسروئي ڏيندس.“

....

”ڏسو ... دوستي چا کنهن سچي جذبي ۽ سچي رشتي کي نہ ٿو چئي سگھجي؟“

....

”ماڻهوءَ کي اڄڪلهہ رڳو سچائي ئي کپي.“

....

”جڏهن شادي بہ کجي ... ۽ سچائي نہ هجي تہ پوءِ؟“

....

”ڏسو مان ئي مسلسل ڳالهائي رهيو آهيان. توهان تہ کجھ بہ نہ ٿا چئو ... مان هاسٽل ۾ صرف توهان جي کري رهيل آهيان. هاسٽلون خالي ٿي ويون آهن. کن جا سيمسٽر ٿي ويا آهن، کن کي سيمسٽر جي تياريءَ جون موڪلون آهن ۽ کن کمرن جون بتيون ٻرن ٿيون ... نہ ميس آهي ۽ نہ ئي کا کينٽين کليل آهي..... جڏهن تہ امڙ بيمار آهي. ۽ مان ڳوٺ وڃڻ ٿو چاهيان ... رڳو توهان جي جواب جي ئي انتظار ۾ آهيان.“

گڏ هلندي اوچتو هن منهنجي هٿ ۾ هٿ ڏنو. بهار، سرءُ، سيارو، سارنگ ۽ سوين ستارا منهنجي اندر ۾ لهي پيا.

”توهان پل ڳوٺ وڃو ... پر کڏهن ايندؤ؟“

”جڏهن چئو.“

”ايندڙ آچر تي!“

”بلڪل.“

”پڪ سان.“

”پڪ سان.“

الائي ڪيترين شامون يونيورسٽيءَ جي روڊن تي فوزيہ سان گڏ گھمي گذاريون. فوزيہ موسمن ۾ بسنت هئي. وقت ۾ صبح هئي. سرهي شام هئي. تارن ڀري رات هئي. ڪينجهر ۾ لهر هئي. جهومندڙ ڏاڙهونءَ گل جي ٽاري هئي. هلڻ ۾ برکا هئي. کلڻ ۾ جانجھ هئي. سارنگيءَ جي تار هئي. شاعريءَ ۾ لطيف جي وائي هئي. يونيورسٽيءَ جي Annual فنڪشنس ۾... سڄي سڄي رات راڳ ٻڌندي... صبح جو ڪاڙهين اکين سان هڪ ٻئي کان موڪلايوسي ....

هڪ ڀيري فون ڪري چيائين:

”خبر اٿو اڄ ڪهڙي تاريخ آهي؟“

”نہ“

”اڄ توهان جي سالگرهہ آهي.“

”ها....“

”اڄ اها سيليبريٽ ڪبي.“

”نہ... نہ... مان سالگرهہ نہ ملهائيندو آهيان .... ڀلا عمر مان هڪ سال ڪٽجي ... ۽ ان تي تاڙيون وڄائجن ... ڪيتري نہ بيوقوفي آهي.“

”نہ، اهو توهان جو خيال آ.... مان چوان ٿي نہ ..... بس ... بس اڄ سالگرهہ کي Celebrate ڪبو .... ڪبو.... ۽ توهان کي گفٽ بہ ڏبي. “

”ڪا ضرورت نہ آهي گفٽ جي ... موت ڏي قدم وڌڻ جي ڪهڙي گفٽ!“

”ٺيڪ بس ... اڄ شام جو فون ڪري، ٽائيم رکي ڪٽي ملنداسين.“

ان سانجهيءَ جو هوءَ چڪني جي وڳيءَ۾ قدم سان ملائـي هلي پئـي. مان چپ هيس. هوءَ پنهنجي هاسٽل ۾ ٿيل باسڪٽ بال ٽورناميـنٽ جو ٻڌائـيندي پئـي وئـي. ۽ اسان ات ويٺاسين جت سدائـين ويهبو هو. پهاڙين جي وچ واري لاهيءَ تي. جنهن جي چوڌاري ديوين جا ٻوٽا هئـا. اتي ويهندي چيو مانس:

”سٺو ڪيئـي .... تحفو نـ آندئـي ... نـ تـ موڊ ڊاڍو خراب ٿـي وڃي ها.“

”هوءَ ڪلي ۾ ڪلندي چيائـين.“

”نـ، آندو اٿـم ... “

۽ پوءِ هن منهنجي نرڙ، اکين، ڳلن، چپن، ڳچيءَ، سيني، ٻانهن ۽ هٿن کي چمي مون ڏانهن ڏٺو.

”ڪيئـن لڳو؟“

”واهـ ... واهـ ....  هي تحفو تـ زندگيءَ ڏانهن وٺي ويو. مرندڙ گهڙين کي امرت پياري ڇڏيئـي ... مان تـ نشيءَ ۾ اچي ويو آهيان.“

پوءِ آخري سال ۾ هن پريشان ٿـي چيو:

”سال ڪان پوءِ ... تون ۽ مان ...“

”ها، ملندا رهنداسين.“

”ڇا گڏ نـ ٿـو رهي سگهجي؟“

”فوزيـ .... تو کي تـ سڀ خبر آهي ... سمجهايو اٿمانءِ تـ مان شادي نـ ڪندس، شادي ڪان پوءِ مون وٽ ڇا؟ ايترو هوندو ئـي نـ، جو ٻار پالي سگهان.“

”صحيح آهي .... مان توکي چيو هو نـ، تـ ٻنا ڊگريءَ جي ڪڍهن ٻـ يونيورسٽي ڇڏي سگهان ٿـي ... “

۽ تڏهن موڪلائڻ مهل هوءَ  ياڪرِ پري، سڏڪا ڀري رني.... ڪيس هاسٽل تي ڇڏي آيم. ٻئي ڏينهن خبر پئي، تہ  سامان کڻي، هاسٽل ڇڏي، ڳوٺ هلي وئي....

هڪ ڏينهن اوچتو فون آئي:

”هيلو....“

”جي“

”امتحان ڪيئن ٿيا؟ “

”ڪٿان ٿي ڳالهائين؟“

”هتان ئي.“

”هاسٽل مان؟“

”ها“

”پر تون تہ يونيورسٽي ڇڏي وئين؟“

”ها.“

”هاڻ؟“

”سرٽيفڪيٽ وٺڻ آئي آهيان .... صبح جو هلي ويندس.“

”بنا ملڻ جي؟“

”ها... ملنداسين تہ جدا ٿيڻو پوندو....“

”پر... تہ... ملي وڃ.“

”نہ.“

”مون کي ذهن مان ئي ڪڍي ڇڏيو اٿئي ڇا؟“

....

”نفرت ٿي ڪرين؟“

....

”چڱو .... تون پلي مون کي پنهنجي ذهن مان تڙي ڪڍ. مان توکي وسارڻ لاءِ سوچيندس.“

چوڌاري گهگهه اوندهه. هن جي نڙي خشڪ، زبان تارون سان لڳل. ٽرين ڪنهن ننڍڙي اسٽيشن تي بيٺي. هو اڪيلو هيٺ لٿو. سامهون پاڻيءَ جا مٽ نظر آيس... اڳتي وڌيو ته ريل گاڏيءَ سيٽي هنئي. پٺيان ڏٺائين عورتن جو دٻو.... جيڪي هٿ ٻاهر ڪڍي هن کي سڏن پيون. رڙيون پيون ڪن.

”نہ نہ. نہ.“

مٽن تائين پهتو. مٽن جي پاسن ۾ ٻارن جون منڍيون پيل.... زبانون نڪتل... پاڻي ... پاڻي ڪندڙ. هن مٽ ۾ ڪپو وجهي، پاڻي ڪڍي پهرين انهن جي وات تي رکيو ته، انهن جي وات مان ڪتي جي پونڪ نڪتي. پونڪ، جا ٻين منڍين ٻه ڪئي ... پاڻ کي وڏن ڪتن جي گهيري ۾ ڏٺائين ۽ ٽرين جو آخري دٻو پليٽ فارم ڇڏي ويندو رهيو. ڪتن جون اکيون ڦوٽاريل، زبانون نڪتل. سيني جي گڏ گونئرڻ جي آواز تي هن رڙ ڪئي، ته اک کلي پيس. صبح جي اڃاڻ ظاهر ٿي چڪي هئي ۽ ٻاهر اسپتال جي ته ماڙ هيٺان ڪنهن جي موٽر سائيڪل اسٽارٽ نہ پئي ٿي. ايڪسيليٽر جو آواز بلڪل ڪتي گرڙ. هن فلاسڪ مان ٻه ڍڪ پاڻي پيتو ۽ ڪجهه ٽائيم اکيون بند ڪيون پيو رهيو.

سامهون ڏٺائين ته سندس ڀائٽيو پئي آيو.

”جنيد .... ادا ... نہ آيو چاچا؟“

”چاچا ... بابا ڏي وڪيل جو نوٽيس آيو آهي، ان ڪري اوڏانهن ويو.... “

ياد آيس بينڪ مان قرض ڪٽي ... اٿ گارينٽيئر کي ڏنائين... بيڪري ڪوليائين .... جيڪا هلائي نہ سگهيو. ... نہ ئي قسطون ادا ڪيائين .... آخري نوٽيس... نہ تہ ٻي صورت ۾ ڪورٽ ۾ ڪيس.... شايد ڪرمنل ايڪٽوٽي جو ڪيس.

هن سوچ کي ٻئي پاسي ڪندي چيو: ”چانهن جي ضرورت ٿي محسوس ٿئي ... وٺي اچ.“

وري سوچڻ لڳو.....

”ادا بہ مصروف ٿي ويو... ڪير مون کي سنڀاليندو .... لڳي ٿو، هيءَ بيماري منهنجو سر ڪٽندي.... ٻار تہ ماءُ کان وڌيڪ منهنجي ويجهو آهن... غلطي ڪيم ٻارن کي ايترو ويجهو ڪري. هو تہ منهنجي بيماريءَ ۾ نہ ئي وري منهنجي موت کي برداشت ڪري سگهندا ... جي سڀ ڪجهہ ايئن ٿي بہ وڃي تہ پوءِ ... هاڻ نوڪري ايتري ڪئي آهي جو منهنجي پينشن بہ ٺهندي ... پر ڪيتري؟. گهر جو خرچ ڪيئن هلندو؟ پڙهائي ڪيئن ڪندا؟ ... ڪنهن سرڪاري اسڪول ۾ داخل ٿيندا؟ ڪورس تہ هونئن بہ ساڳيو ئي آهي ... سڀني اتان ئي پڙهي وڃي نوڪريون ڪيون... دنيا جا وڏا ماڻهو بہ تہ عام اسڪول ۾ پڙهيا. ڪهڙا اُهي پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڙهيا؟ .... مون کي بہ سال ٻن ۾ پي ايڇ ڊي لاءِ اسڪالرشپ ملندي.... تہ سوچيو هيم، ڪنهن ٻاهرين ملڪ پنج سال مون سان گڏ رهندا... ٻاهرين ماحول ۾ رهندا ۽ ڏسندا تہ پنهنجا رستا آرام سان ڳولهي وٺندا. اڄ اسڪول ويا هوندا الائي نہ؟ هونئن تہ نيرن تيار ٿيڻ تائين مان سندن بوٽ پالش ڪري وٺندو هوس. ... هاڻ پاڻ پالش ڪندا بہ هوندا يا نہ ... عادت تہ ڪونهين ... ڪيترا دفعا سمجهايو مان تہ ماڻهو ڇهري کان پوءِ بوٽ ئي ڏسندا

آهن.... چمڪندڙ بوٽ ئي سچي شخصيت کي ظاهر ڪري ٿو .... ويندي ماڻهو جي ذهنيت .... ماڻهو جي هوشيارپ... ڦڙتي... اٿي ويٺي .... ويندي خاندان ... اتان ئي ظاهر ٿئي ٿو. سندن ماءُ کي ته پالش جي بوءِ کان به الرجي آهي ... نچن ڏيڻ ۾ پئجي ويندي.... جي مان مري وڃان ته ... ڪير سنڀاليندن....؟؟"

ڏک ۽ بي وسيءَ هن جي اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڇڏيا.

"ڇمان ئي نه ها ... ڇو ڇائس؟"

هو باٿ روم ۾ هليو ويو. جڏهن پاڻ کي آئيني ۾ ڏٺائين ته وار اٽيا.... وڏا، ٿڙيل پڪڙيل .... اکيون ٿڪل، ڳاڙهيون .... ٻاهر نڪتل ۽ ويران .... هيٺان ڪارا داغ، شيو وڌيل.... ڪجهه اڇا وار ظاهر ٿيل. پاڻ کي اجان ڇتائي ڏٺائين .... وائڙو ۽ ٻنل.

ياد آيس اهو دوست، جنهن کي غلط دوائن کائڻ ڪري مغز ۾ مسلسل تڏ جي ترل ترل جو آواز ايندو هو ته ننڊ ڪري نه سگهندو هو. ان ٻڌايو هو ته، هڪ دوست جڏهن طبيعت پڇڻ آيو هوس، ته جواب ڏيڻ لاءِ هن ڏانهس ڏسي سوچيو ئي پئي ته وري پڇيائينس.

"طبيعت ته ٺيڪ اٿو؟"

هن اجان ڇپن ڇورڻ جي ڪئي ته وري ٿيون سوال....

هن دوست کي ڏٺو ته ان سندس اکين ۾ الائي ڇا ڏٺو.

اٿي ڪڙو ٿيو ته سڏ ڪيائينس ته اجان تيز هلڻ لڳو .... ٽيون دفعو سڏ ڪيائينس ته ٻڪيو. شايد ٻڃي ويو هو....

سچ ته ... مان به پاڻ کان ٻچان پيو...، اکيون پرجي آيس سڏڪا پري رنو. جنهن ڪانپوءِ ڪجهه هلڪو محسوس ڪيائين، اکين تي پاڻي جا ڇنڊا هڻي، منهن ڌوئي وري اچي بيڊ تي آهليو.

چانهه پي پائڻي کي چيائين.

”اڄ شيو ڪرڻي آهي....“

پوءِ سوچڻ لڳو ....

”جو ڪجھ ٿيڻو آهي، ٿيندو.... اڄ تائين ايئن ئي ٿيندو آيو آهي.... حقيقت ۾ چاڻ حاصل ڪرڻ ئي پاڻ کي آزاهہ ۾ وجهڻ آهي.... ڪائنات جيڪا Singularity کان وجود ۾ اچي پکڙجي وئي ۽ اجان پکڙجي ٿي، ڇا اهو سڀ ڪجھ حادثو آهي؟ .... ۽ اجان حادثا ٿين پيا .... هلن پيا ... انهن جي هڪ ترتيب آهي .... ڪڙي آهي. ڪڙي مان نڪتل ٻي ڪڙي ... وري هڪ نئين ترتيب .... بلڪل ايئن، جيئن جبلن تان برف ڳري، مختلف هنڌن تان سيرون ٺاهي، ٻي ترتيب هلي اچي ندي جو روپ وٺندي آهي .... ۽ جبلن، برپٽن ۽ جهنگلن کي ڊاهيندي، لتاڙيندي ... آخر ۾ سڪون سان هلي. ايئن ئي تہ ڪائنات سان گڏ زندگي پڻ ... جڏهن تہ حادثن کي سمجهڻ ۽ سهڻ ۾ پنهنجي مرضي شامل نہ هوندي آهي. ڪڏهن ڪو بہ پنهنجي مرضي سان حادثي جي سليڪشن نہ ٿو ڪري، حادثا پنهنجي چونڊ پاڻ ڪندا آهن.... ڇو تہ .... زلزلا، ٻوڏون ... ٻاهيون، بيماريون ۽ جنگيون موت سان گڏ زندگيون بہ آڻين ٿيون.

ڪير بہ حادثن کي روڪي نہ ٿو سگهي. عقل تہ سدائين ڌوڪو ڏنو آهي .... محدود حواس .... محدود عقل ... ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ ... ڀلا جيئن مان محسوس ڪيان ٿو، ٻيا بہ .... ايئن .... ڪندا؟ ايئن ئي سوچيندا؟ منهنجا پنهنجا تجربا، پل تہ ساڳيا ئي هجن پر منهنجو عقل ۽ ٻي جو بلڪل مختلف هوندو. ساڳي حادثي کي ٻيا ساڳي نموني محسوس نہ ڪندا .... ماڻهو تہ هميشہ اياڻو ٿو رهي.

پل سماج هن کي سيکاري بہ پر ... سياٽپ ۽ چرپائپ تہ تانيئڙي جي تند جهڙي سرحد ۾ ورهايل آهي. جنهن ۾ڪڏهن فرق بہ نہ لڳي .... جرمنيءَ ۾ پيءُ پنهنجي اپاهج ڌيءُ کي کهي ڇڏيو. ۽ اخبار لکيو، جج انهيءَ کي ان ڪري ڇڏي ڏنو جو ان کي جج کان وڌيڪ عقل هو. ان عقل جي آڌار ملزم ڪورٽ ۾ ٻڏگهي تقرير ڪئي، تہ ماڻهو جو ڪو مستقبل ڪونهي.... هڪ گرام ماس مان ايڏي وڏي طاقت هٿ ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ هزارين ماڻهن کي ماري، ساڙي سگهجي ٿو. ۽ اهو سڀ ڪجهہ آهي، تہ منهنجي ڌيءُ جي مستقبل جي ڪا ضمانت ڪونہ هئي تہ پوءِ ... اخبار لکيو تہ جج ان کي ڇڏي ڏنو ... جج جي عقل کان، پيءُ کي عقل وڌيڪ .... بس زندگي هلي ٿي.
حادثا هلن ٿا جوڙ، ڪٽ. ڪٽ، جوڙ، ضرب ونڊ ۽ ونڊ.... ضرب .... مسلسل نہ ڪٽندڙ آهي تہ ڏک ئي آهي."
گهبرائجي ويو.

سندس جسم مان نڪتل رت پلاسٽڪ جي شفاف نالين مان ٻوڙي مشين مان گذري رهي هئي. اکيون بند ڪري آرام ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. اڻ تڻ. پريشاني. پرسان بيڊ تي ستل مريض، جيڪو مسلسل اخبار پڙهي رهيو هو. هن کي ڏسي پڇيائين:
"سائين ڪٿان جا آهيو؟"
"لاڙڪاڻي جو."
"ها سائين! لاڙڪاڻي، دادو، جيڪب آباد بلڪہ ان سڄي ترم ۾ اهو مرض گهڻو آهي... شايد گرمي ڪري اتان جي ماڻهن جون بڪيون خراب ٿيون ٿين."

”۽ توهان؟“

”مان ... دادو جو آهيان. ريل جو ڊرائيور آهيان ... آپريشن ٻه ٿي، پر ڪامياب نه ويئي ... بس جيتري حياتي ... باقي پيٽ جو ڏک نه ويندو ... اڳي ئي ڏکي ... ويچاري ٻيوهه .... ٻن ٻارن سان مون وٽ ٿي رهي. ان جي ته حياتي چڙ اڌ ٿي ويئي.“

ان ڳالهائي بس ڪيو ته هن پنهنجون نظرون ڇت ۾ لڙڪائي ڇڏيون. لڳس ته ڊائلاسز جي نڙين ۾ قيد آهي ... بدقسمتي جي تالي ۾ بند .... جنهن کي ڪا به اميد جي چابي نه لڳي سگهندي، آزاد .... ؟ ڇا هن قيد ۾ به ڪو آزاد آهي ... يا آزادي خود قيد آهي....

هر هڪ ڪنهن نه ڪنهن ٻنڌڻ ۾ قيد ٻن گرهن، ٻن ڪپڙن، ٻارن، ڪٽنب ۾ ئي آزادي سان رهڻ، حقيقت ۾ ته قيد ئي آهي. پل ته ان قيد جو ڦهلاءُ ڪيترو وڏو، آسمان جي اتانهين جيترو يا سمنڊ جيترو گهرو ڇو نه هجي. ايتري وسعت ۾ ماڻهو پنهنجو قيد پاڻ آڏيندو آهي. پکي جي آکيري جيترو قيد. جنهن ۾ نه چاهيندي به زنده رهڻ ۽ ڀوڳڻ.....

ڏک هن جو ڳلو سڪائي ڇڏيو. مونجهه ٿيڻ لڳس.

”ايئن ته نه ٿيندو... منهنجي آپريشن به ڪامياب نه وڃي....“

هي سوچي ئي پيو ته وري هن چيس:

”سائين، هاڻ ته شگر به ٿي پئي آهي. جيستائين هلون .... قسمت ئي ڪجهه اهڙي هئي ... نه ته 100 مان 99 آپريشن ڪامياب ٿا ٿين.“

....

هن جي گهر جي حالت ڇا هوندي؟ تصور ۾.... هن ريلوي ڪالونيءَ جي خاموشيءَ ۾ هڪ گهر جو نقشو ٺاهي ڇڏيو. ننڍڙي ڪوارٽر ۾ اڌ اگهاڙا ٻار، مٽيءَ ۾ ڪيڏندڙ. اٽين وارن، سڪل چهرن سان عورتون....

"اخبار پڙهندؤ؟"

"جي... نه."

سوچڻ لڳو ....

"ڇا هوندو اخبار ۾.... ساڳي سياستدانن جي ڏاڙهي پٽ.... خون .... ادارن خلاف هڙتالون ... ننڍن ملازمن جون پگهارون بند .... احتجاج .... اداڪارائن جا اداڪارن سان اسڪينڊل.... ذهني عياشي جون خبرون ... وڌ ۾ وڌ ... ڪنهن فيمينسٽ عورت جو ڪالم... ڪالم ۾ ڇا هوندو؟ مرد سوسائٽي خلاف بڪواس، بلڪ بليڪميلنگ .... عورتن جي آزاديءَ جي نالي ۾ ڪلچر ڪان بغاوت .... سماج کي ٽوڙڻ لاءِ دليل....!"

اوچتو هن کي فيمينسٽ ڪليگ پروفيسر ذهن ۾ اچي وئي. مڙس سان گڏ نوڪري ڪندي چوندي: ... "گهر جو خرچ ۽ ڪاروبار مرد جي ذمي آهي ... سڄي پورت ان کي ئي ڪرڻي آهي. ٻارن جي پڙهائي کان وٺي زال جون ضرورتون پوري ڪرڻ تائين ..."

پاڻ پنهنجي سموري پگهار وري گهمڻ ۽ فيشن تي خرچ ڪري .... مردن آڏو سگريٽ ڇڪي ... وارن کي کولي جذباتي انداز ۾ تقرير ڪري تاڙيون وڄرائي ايئن سمجهندي ته ڄڻ عورتن تي ٿيندڙ ظلمن جو آجيو بس سڏ پنڌ تي ....

هن سوچيو: "عورت پل پڙهي لکي ڪجھ بہ ٿئي پوءِ بہ عورت ئي آهي. جيڪا مردن کان وڌيڪ عورتن جو پاڻ ئي استحصال

ڪندڙ.... اهو الائي مان چڙهڻ ٿو سوچيان يا ذهن ۾ رڳو چڙ ئي پريل آهي. ۽ ايئن تہ نہ آهي تہ هر ڳالهہ جو ذهن ۾ هڪ ئي پاسو ٿو آڻيان...."

ڊائلاسز وارڊ کان ٻاهر نڪتو، تہ پاڻس بہ اچي ويو. جنهن ڪلهي تي هٿ رکيس. دل منجهندي محسوس ڪيائين. هلڪي سيءَ جي لهر .... جسم ۾ ڏڪڻي .... بيڊ تي سمهيو، تہ پاڻس مٿان چادر وجهي ڇڏيس. ڪجهہ وقت کان پوءِ گلن جي خوشبوءِ دماغ ۾ داخل ٿيس تہ اکيون کوليائين. مٿن کان V.C جو P.A ويٺو هوس. جنهن پاسي کان گلدستو رکي ڇڏيو هوس.

"سر... اسان کي دير سان خبر پئي ... اڳ تہ اهڙي ڳالهہ ڪانہ هئي نہ؟."

".... نہ."

"پهرين مٿي جي سور جي دانهن تہ ڪندا هئا ..."

"ها... انهن ڏينهن ۾ موڪل ورتي هيم."

"بلڪل .... پوءِ؟"

"بس... ان سور نہ ڇڏيو ۽ ...."

"اڄ V.C صاحب جن پاڻ اچڻا هئا، پر اوچتو اسلام آباد کان ڪال آئي ... صبح جي فلائيٽ ۾ ويا V.C صاحب جي طرفان Good wishes ۽ چيائين تہ توهان ڪا ڳڻتي نہ ڪريو. علاج جو خرچ يونيورسٽي ڀريندي .... سينڊيڪيٽ مان بل پاس ڪرائي ... توهان جي مدد ڪبي."

”مهرباني.“
هن پاڻ کي هلڪو محسوس ڪيو.
”سر ڊاڪٽر ڇا ٿا چون؟ “
”اڄ پهرين ڊائلاسز ڪيائون ..... وري ڇهن ڏينهن کان پوءِ ٿيندي ... بس ڪڊني ٽرانسپلانٽ ئي حل آهي.“
پاٽس وچ ۾ ڳالهايو ....
”سر... سياٽي کان مٽن مائٽن جون ٽيسٽون ڪرائبيون .... جنهن جا به ٽشو مليا ... دير نه ڪبي.“
هن مرڪي احسانمند نظرن سان پاءُ ڏانهن ڏٺو.
P.A، پاٽس ۽ پائيٽ جي چپڙن جي لامن تي خوشبو ۽ تازگي ۽ مرڪ ملي. ڪنهن پڪيءَ جيان لڏي، جهومي پئي.

ٻن ڏينهن کان گهر۾... سڄو گهر ماٺهن سان پريل، پائر، پاچايون .... پنهنجي ٻارن سان گڏ ڪمري ۾ رکيل ڪتابن، فريم ٿيل فوٽن ۽ اڪيورم ۾ ترندڙ مڇين کي ڏسي سڪون ٿو محسوس ڪري. زال پرسان ويٺل. جنهن وري ڳوڙها ڳاڙڻ شروع ڪيا آهن....
پوءِ ورانڊي ۾ ٻارن جي ڪيرم بورڊ کيڏڻ جو آواز ٻڌي چوي ٿو.
”ڏس... هاڻ روئڻ بند ڪر ... چري، بيمار مان ۽ روئين تون ٿي.“
هوءَ وري سڏڪن ۾ پئجي ٿي وڃي.
”ڏس، روءُ نه... سڀ ڪجهه صحيح ٿي ويندو. دنيا الائي ڪٿي وڃي پهتي آهي ... ماڻهن جون دليون ۽ دماغ به بدلائي ڇڏين ... هي ته

ٻڪيون آهن.... ٻار ٽوڪي روئيندي ڏسندا تہ منجهي پوندا.... سڏ ڪرين.”

”ها سڏيان ٿي ... ڪالهہ ڪجهہ دوست ۽ شاگرد پڻ آيا هئا”.... چوندي ڪمري مان نڪري وئي.

ٻار ڪمري جو در ڪولي اندر آيا. مڪينيڪل انداز۾ پرسان ٻيهي رهيا. چميون ڏنائين. ٿورو سري. پرسان ويهاري پڇڻ لڳن:

”چپ چو آهيو؟.”

.....

”سوچيو ٿا بابا بيمار آهي!”

....

”هان ... ايئن نہ ... نہ پٽ ڪجهہ ڪونهي... ڏسو ڪو ٽڪ، يا پٽي ٻڌل آهي؟!”

....

”هان؟”

”نہ بابا. پر....”

”پٽ ڪجهہ بہ ڪونهي. پيٽ۾ سور هيو.... الٽيون ٿي پيون.... سچ .... ٻيو ڪجهہ بہ نہ .... هاڻ ٺيڪ آهيان...”

...

”ٻڌايو ايندڙ موڪلن۾ ڪاڏي هلون؟”

....

”هان؟”

”بابا ... ڪاغان”

”ڪاغان تہ اونهاري۾ گهميوسين .... ايترو وڻي ويو ڇا؟”

”ها بابا.“

”تون تہ جوان آن ... “

نندي پٽ جي دل وڌائيندي چيائين.

”اسان سائين گهوڙن تي ۽ هي وري سائين جهيل سيف الملوڪ تائين پنڌ ئي پنڌ هليو... هاڻي هلياسين تہ سيني کي پنهنجي ڪئميرا وٺي ڏيندس .... ڏسون تہ سٺي فوٽوگرافي ڪير ٿو ڪري؟“

وڏي چيس

”بابا ڪئميرائون بہ هجن، تہ هڪ هينڊي ڪيم بہ کڻجي ... جيڪي جڳهون ڏسون. سڀ رڪارڊ بہ ڪيون.“

”صحيح .... بلڪل صحيح .... پلا اسڪول وڃو ٿا؟“

”ها.... ڪالهہ سائنسي ميلو هو.... سر مون کي بہ اسٽال تي بيهاريو Air Pollution جي ماڊل تي جيڪو بہ آيو، ٻڌايو مانِ.“

”چا ٻڌايئي؟“

”تہ ڪارخانا .... موٽرون ... ڪارن جو دونهون، اسان جي ماحول کي خراب ٿو ڪري ... ۽ خراب هوا وري اسان جي صحت کي خراب ٿي ڪري.“

”بس!.“

”نہ بابا ان کان بہ گهڻو ياد هو.“

”ياد ڪيو هيئي يا ....؟“

”نہ سمجهيو بہ هو.“

”رڳو هوا خراب ٿيندي آهي يا؟“

”نہ بابا پاڻي بہ ... اهو زمين ٻنين کي بہ خراب ڪندو آهي.“

”شاباس.“

نندي چيو.

”هن دفعي ڪاغان ۾ هوٽل تي نہ رهنداسين.... ٽينٽ وٺي ٻاهر ٻاهہ ٻاري ... سڄي رات جاڳنداسين .... فشنگ ڪنداسين.“

”ها پٽ ... ايئن ئي ڪنداسين..... هاڻي سپ وجو..... وڃي ڪيڏو ....“

هن وري سوچڻ شروع ڪيو ....

”ٻچيل پئسا ۽ اوڌر ڪٽي اڳين اونهاري ۾ ٻارن کي صرف ان ڪري لاهور ۽ ڪاغان گهمايم. جو ڪلاس فيلوز آڏو سدائين احساس ڪمتريءَ ۾ رهندا هئا. اُهي جڏهن هنن کي پنهنجي گرمين جي ٽوئر جو ٻڌائيندا هئا تہ هي گهر ۾ اچي مونکي احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڪندا هئا..... وڏي جي سالگرهہ تي ان کي اڌوراڻي ويڊيو گيم ۽ نندي کي ڪيرم بورڊ وٺي ڏنم. جڏهن تہ انهن کي ڪمپيوٽر جي ضرورت هئي. مان تہ سالگرهہ جي ڪيڪ جو ٽڪر بہ نہ کنيو بس رڳو چولا ڪائي .... گهر چڏي ويم .... هاڻي فطرت جو رويو بہ انتهائي سفاڪانہ ٿو لڳي .... ظالم.... ان ۾ قسمت جو دخل ڪيترو آهي؟ .... جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هوس، تہ ڪڏهن بہ One day trip يا ڪنهن پارٽيءَ ۾ شراب يا سگريٽ کي هٿ نہ لاتم .... ۽ هاڻي سوچيان ٿو .... تہ اهڙا الائي ڪيترا ماڻهو آهن، جي 70 سالن کان سگريٽ ٿا پيئن .... پر ڪا بہ تڪليف ڪونهين .... جيڪي مسلسل شراب ٿا پيئن، سي بہ نارمل آهن .... هي احتياط ئي اصل ۾ بزدل ٿو ڪري ... ۽ ڪنهن بہ حادثي جو اصل ڪارڻ بزدلي ئي آهي .... جنهن ۾ لمحي لمحي ۾ مرجي ٿو .... موت تہ هونئن بہ اچڻو آ، پوءِ چو نہ زندگيءَ جو مزو ورتم .... انهن گهڙين کي Enjoy ڪيم .... ڪيان ها .... زيبرا ڪراسنگ تي هلندڙ ماڻهو مون کي نہ وڻندا آهن .... تڏهن بہ مان ڪلوميٽر پنڌ ڪري بہ

زيبرا ڪراسنگ لھندو ھوس.... ڪيترن تہ زيبرا ڪراسنگ تي بہ پنھنجون ٽنگون ڀڃرايون ۽ علاج جا پئسا ورتا. ٽنگن ڀڄڻ وارا تہ پوءِ بہ آجا رھيا .... ۽ ھو بي ساھين ٽنگن سان ساري زندگي لوڙيندا. مان جو پنھنجي پيءُ کي ڏوھي ٿو سمجھان .... تہ ھو گھٽ ۾ گھٽ اسان لاءِ قرض تہ ڪونہ چڙھي ويو نہ .... مان بہ ساڳيا رويا ٿو رکان .... پنھنجي اولاد سان .... پئسا تہ ماڻھو ڪھڙي نموني بہ حاصل ڪري ٿو سگھي .... ۽ مان بہ ڪري سگھان ٿو .... پر بزدلي.... ٻارن کي چڙٻون تہ سائيڪل تيز نہ ھلايو .... ڊڪو نہ .... ترڪي نہ پئو ... ڌڪ نہ لڳيو.... جي نندي ھوندي. ھڪ ٻار کي تيز سائيڪل ھلائيندي ۽ اڳين ٽائر جي سيخ ان جي اک ۾ گھڙندي نہ ڏسان ھا تہ شايد نہ روڪيان ھا.... ڪروڙين ٻار سائيڪلنگ ٿا ڪن .... سڀ ڪرن ٿا؟ ٿيڻو تہ اھو ئي آھي، جيڪو ٿيندو.... مون کي اھڙي نموني سوچڻ ئي نہ گھرجي .... پر .... اصل ۾ پئسو ئي آھي، جيڪو بھادري ٿو ڏي .... غلطي منھنجي آھي، شروع کان ئي پئسا ھٿ ڪرڻ ۽ گڏ ڪرڻ کپندا ھئا .... ۽ طاقت محنت ۽ زندگيءَ جو مزو .... پئسا ئي ٿا وٺرائن. پئسو اھڙي شئي آھي جيڪو ڪنھن کي بہ چوواٽي تي اھڙو فيصلو ڪرڻ جي قوت ڏئي ٿو. ۽ ڪنھن وڏي ويڪري ۽ خوبصورت شاھراھہ ڏي وٺي ھلي ٿو."

اڄ ٿيون ڀيرو ڊائلاسز ٿي رھيو ھو. سندس سامھون واري بيڊ تي ھڪ ٻار ستل ھو جنھن جي پرسان اٽينڊنٽ بہ ويٺل ھو .... رت نلين ۾ ھئي ۽ صرف ڊائلاسز مشين جو ھڪ ڦيٿو ابتو ۽ سبتو ڦري ۽

جيڪو هن جو هر گهڙي پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ۽ پرسان واري بيڊ تي سترهن ارڙهن سالن جو جوان .... جنهن جي ڪنن تي واڪ مين جو هيڊ فون لڳل.... هي ٿورڙو پاسيرو ٿيو ته نوجوان ڪنن تان هيڊ فون لاٿي.

”سائين ڪٿان آيا آهيو؟“

”لاڙڪاڻي کان.“

”آپريشن ڪڏهن اٿو؟“

”ڪا خبر نه آهي .... اڃان اڄ ئي پائٽي جا ٽشو ميچ ٿيا آهن .... ڏسون.“

.... ۽ اڄ اهو ٻڇي ويو. ڊاڪٽرن سمجهايس به ته، هڪ بڪي ڏيڻ سان ڪجهه به نه ٿيندو .... ڪي ماڻهو ته ڄائي ڄم کان هڪ بڪيءَ تي آهن....

”پوءِ؟“

”پوءِ .... ڊاڪٽرن وري سمجهايس ته ڀهراڙي جا ماڻهو بڪي ڏئي وڃي، لاب رونبو ڪن ... ۽ ڪوبه فرق نه ٿو پوي.... تڏهن وڃي ڪجهه مطمئن ٿيو.“

”۽ منهنجي به سائين هفتي اندر آپريشن ڪندا .... پيڻ ٿي بڪي ڏي ... پر شابس ٿس .... وڏي دل واري آ. ۽ سائين توهان ڇا ڪندا آهيو؟“

”پڙهائيندو آهيان.“

”سائين .... مان به هن سال انٽر سائنس ۾ ڪئي.“

”ڪٿان جا آهيو؟“

”ٺر جو.“

”ٿـر تـ وڏو آهي.“

”ها سائـين، ويراهـ واهـ جو.“

”اتـي تـ رڳو سچ ئـي سچ ۽ رچ آهي.“

”نـ سائين، ايئن ڪونهي.... ٿـر ٿـر آهي .... دنيا نـ پڇيس .... گهميو اٿـو؟“

....

”وٿـو تـ ٿر نـ تـ برئـي بر. جل ئـي تـ سڀ ڪجهـ آهي .... زندگي بـ تـ موت بـ .... شروعات بـ تـ انت بـ .... جل ماءُ آ پـاڪ .... ۽ جڏهن مهيشور جٽـائـون ڦيرائـي گنگا جل کي لاٿـو تـ ڌرتي پـاڪ ٿـي.... “

....

”وسـڪـاريءَ ٿـر ڏٺـو ٿـو؟ اٿ جي پير جو دٻـڪـو.... ۽ پـکي پـکڻ، هرڻ ۽ مورن جون مستيون؟“

”نـ ....“

”ويراهـ واهـ جي اولهـ ۾ پيـٿـون ئـي پيـٿـون آهن.... مارئـيءَ جو ڳوٺ بـ، تـ ڪوهـ بـ، جتـان بـادشـاهـ عمر ڪيس ڪٽـي ويو هو. اڄ بـ ريـبـاري قوم ڪنوار کي شادي رات ڪارو ڪٿـو ڏئـي .... چو تـ مارئـي ريبـارڻ هئـي. ۽ اهي چون ٿـا تـ اجان تـائـين اها ڪوٺ ۾ قيد آهي ... پـارسناٿ مندر بـ اتـي آهي تـ گوڙيءَ جو مندر بـ. چون ٿـا اهي مندر ڪنهن دور ۾ جين ڌرم جي يونيورسـٽـي هـئـا. جتـان سرنگهـ نـڪـري وڃي ڪـارونجهر وٽ ڪلندي هئـي. ويراهـ واهـ ٽـپ تـ پـريان پـارڪـر .... هيڏانهن واري ئـي واري تـ پـارڪـر وري پـٿـريلو .... مان بـ اتـي ويس. ويـاج جا پـئـسا وٺـڻ .... ۽ ڪـارونجهر وٽ گور ڌڙو نئـين وٽ ڏسـان تـ ڪا ڪولهڻ وٽ سٽ ڪـائـيندي، ٻـيل جيان ٻـڪندي پـئـي وئـي. اصل وڄ هئـي .... ساهـ ئـي

پي وئي .... رهي پيم. ڪارونجهر سڄو سونهن آهي .... هيٺ مٿي .... ڪاٻي ساڄي مورن جا ٺهوڪا، چيلڙن جا چڙا ۽ چوڪرين جا ڏڙ ڳليا . اصل ساهہ ئي سڪي وڃي ......... مرڪي تہ چڻ ٻڪراول ڪنوڻ .... خوشين جا خزانہ ڪلي پون ۽ سائين! منهنجي دل ان جي ڏڙ ڳلن ۾ ڦاسي پئي .... قدم قدم سان ئي نہ ملي. چڻ ڪو نشو هو....!!

"مليو هئينس."

"ها سائين، صرف هڪ دفعو ماسي ليڙون ڪي ايلاز ڪيم. جنهن دوکي سان پنهنجي وانڍ تي سڏايس.... چئونري۾مان هوس ۽ هوءَ .... اکين۾وسڪارا .... ارڙي جي گل جي خوشبو.... چئي.... ني.... ني.... وري بہ ملڻ لاءِ ماسي ليڙون ڪي ايلاز ڪيم. جواب ڏنائين .... ني ني... منهنجي چئونري ۾ بلا جهرڪيءَ جا ٻچا ڪائي وئي آهي رات جو.... هاڻي بہ جي ڪجهہ ٿي پوي تہ چون، مڙس رن ڪري مئو.... ني ني، سائين مريئي .... پر مڪئي ني ڪارونجهر ني ڪور .... آءُ بہ ڪارونجهر نہ ڇڏيو ... پوءِ مائٽ اچي مليا. چون ذات لڄائي ٿئي ان ڪان مئو پلو هئين .... مون بہ ڪاوڙ۾ دوا پيتي ..... بس سائين .... هاڻي ٻڪيون خراب آهن .... ڊاڪٽرن چيو دوا جو زهر آ..... پئسو تہ جام آهي. سيٺيون آهيون. وياج واڌ تي ڪولهين کي ڪپڙو ڏيون.... ويچارا ٻن ٽاڪين مان سڄي ڳوٺ جي عورتن جا پڙا ۽ پولڪا ٺاهن .... وسڪارن تي فصل لهي تہ وياج ڏين. مينهن نہ وسي تہ سالن جا سال وياج ۾ ۽ .... بس سائين آنءُ تہ ڪٽي بچي ويندس. پر هو وياج لاهڻ۾ڪراڙا ٿي ويندا."

سڄو گهر ئـي دوزخ لڳس. ڪروٽ اندر پـڃرڻ، ڪامڻ. ڪمريءَ سڀ آواز در ۽ درين جي وٿين مان ٽـپي هن جي ڪنن ۾ گهڙي ويا. هن کي لڳو تـہ اهي آواز نـہ پـونئـر هـجن .... جيـڪـي هـن جي ۽ سندس پيءُ جي فوٽو مٿـان لامارا ٿـا ڏين....

پـدر ۾ بـار ڪـڪـڙ کي پـڪـڙڻ ۾ لڳل.... پـٺـڪـيو... "نيٺ پـڪـڙيائـونس.... هـرو پـرو ضد ڪـري ڪـڪـڙ پـالڻ لاءِ ورتـن. لڳي ٿـو اڄ ڪـهندس".... ڪـڪـڙ ۽ بـارن جا آواز وڌي وڃن ٿـا.... هو رڙ ڪري ٿـو ....

"آهستي".

ڪنهن هن جي ڪمري جو در کوليو.... سامهون کٽ تـي پـاچـائـنس روئـي رهي هـئي. وڏو پـاءُ هٿ جي تـريءَ تـي ڪاڏي رکي ۽ ٿـوٺ سٿـر تـي رکي اکيون جهـڪـائـي ويـٺـو هو.... بـار جيـئـن جو تـيـئـن ڪيڏي رهيا هـئـا. هـو ان مـاحول کي هـاڻي بـرداشت ڪـري ويا هـئـا. اهـو ڪـروٽ گـهـر ۾ ان ڏينهن کان ڪاهي آيو. جڏهن سندس پـائـتـي جا ٽـشوز هن جي ٽـشوز سان ميچ ٿـيا پـوءِ....

روڄ راڙو بـدي، هـن رڙيون ڪرڻ چاهيون، پـر ڪـري نـہ سگهيو.

پـاچـائـنس مڙس سان وڏي آواز ۾ پـئـي ڳـالهايو. هـن محسوس ڪيو تـہ .... اهـو سڀ مون کي بـدائـڻ لاءِ ئـي .... هـوءَ ايڏي آواز ۾ ڳـالهائـي پـئـي.

"نـہ.... نـہ.... مان پـنهنجي جنيد جي بـڪـي ڏيڻ نـہ ڏيندس."

....

"هن جي عمر ئـي ڇا آهي .... جيـئـري ئـي مـاريـنڊوس ڇا؟"

....

"نـہ ... اسان کان پـئـسا وٺـن .... جيـتـرا لڳن .... ڇوڙيون ڳاري بـہ ڏيندس.... رڳو ڇون ... هـان ؟؟"

....

”تون تہ پيءُ آهين ... مون کان بہ تہ ڪو پڇي نہ .... تو ڪي چا آهي؟“

....

”تون ئي چوين ... ٻيو ڪو ڳولهين .... الائي ڪيترا ماڻهو بڪيون پيا وڪڻن. ... ڳالهائين چو نہ ٿو؟“

....

پاڻس ڪو جواب نہ ڏنو ....

”مائٽن جي مليل بڪيءَ واري آپريشن ئي ڪامياب ٿيندي آ.... “

هي سوچي ئي پيو تہ پاڻس ڪمريٴ ۾ داخل ٿيو ۽ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ان کان اڳ ئي، جو هو ڪجھ ڳالهائي، هن چوڻ شروع ڪيو.

”ادا .... ڪا ڳالھ ڪونهي .... حياتي جيتري هوندي اوتري ٿيندي .... وتندي ڪونہ .... پاڇائي ڪي سمجهاءِ تہ توهان جو ٻچو، منهنجو بہ آهي ... باقي جيڪو ڊاڪٽر چون ٿا، تہ بڪي ڏيڻ واري کي ڪابہ تڪليف ڪونہ ٿيندي ... تہ اهو سچ آ ....“

هن ڏٺو، پاڻس چپ هو، چڻ گونگو.

سوچيائين

”هاڻ منهنجو وارو آهي ... ڪيترا دوست هئا .... جن جي ايڏي وڏي عمر بہ ڪونہ هئي .... هڪ هڪ ٿي هليا ويا ... ڪيئن سلطان مرڻ کان ٻہ ڏينهن اڳ مليو. ڳالھ ڳالھ تي ٿهڪ ڏيندي چوڻ لڳو هو.... يار .... ٿهڪن ڪي نہ ڏس.... مان ايئن ئي ڳالهائيندي، کلندي هليو ويندوسانءِ .... ۽ افضل نياپو ڪيو تہ، ڪيس ڪجھ ڳالهائڻو آهي.... ڳلي جي ڪينسر ۾ ورتل هو.... ويومانس چپ ئي چريس پئي .... ڪو

آواز نہ نڪتو.... ڇا ڇوڙ ڇاهيو هوندائين ۽ .... اڪبر ....اڪبر ايئن ڇيو تہ يار .... دوستن کي ڇئجو. ڪليو ڳالهايو معاف ڪجو.... وسارجو نہ....."

ايئن چپ ئي چپ سوچ جو سلسلو جاري رهيو.

"آخر مان انهن مختلف حادثن کي سلسليوار ڪري سوچيان چو ٿو .... ڇا آخري لفظ وڏيڪ معنيٰ وارا نہ هوندا آهن ؟.... ڇا اهي وڏيڪ Mystic نہ ٿيندا آهن؟ انهن۾ئي رمزون ۽ راز رڪيل نہ هوندا آهن؟ .... يا اهي زندگي کي وڏيڪ Define نہ ٿا ڪن .... ۽ موت جي ئي وضاحت .... ڪن ٿا .... يا اهي جيڪي آخري لفظ آهن، سي سڄي زندگيءَ جي بيوسيءَ جو نچوڙ تہ نہ آهن؟.... ساري زندگيءَ جي مليل ڏکن، ذلتن ۽ محرومين جي وضاحت نہ آهن؟ .... ۽ اهي اڻپوريون خواهشون .... حسرتون ئي تہ اهي لفظ آهن ... ايڏي بيوسيءَ۾زندگي گذارڻ کان پوءِ جيئڻ جي آس؟.... ڇا اجان زندگيءَ جي تجربن هٿان خوار ٿجي؟.... ۽ هاڻي مون کي لڳي ٿو تہ .... هي گهر .... بار.... زال.... انهن جا چهرا.... آسمان۾ اڏامندڙ پکي .... ۽ ستارا وري ڏسي نہ سگهندس .... پاڻيءَ جو ذائقو.... سڀ منظر ... مرڪون.... ڪجهہ نہ رهندو.... ڪجهہ بہ نہ.... ڪجهہ بہ.... ڪو بہ نہ ...."

ڪمري۾هاڻ اڪيلو آهي V.C ۽ بہ پروفيسر ڪجهہ وقت اڳ اٿي ويا. انهن جي ڏکويل چهرن جا عڪس اجان بہ هن جي ذهن۾موجود آهن ۽ انهن کي ڏنل پنهنجن جوابن کي دل ئي دل۾دهرائي ٿو.

”جي.... سر توهان صحيح ٻڌو آهي.... ڊونر پنهنجو هجي ها تہ پوءِ هت آپريشن آسان هئي.“

....

”جي سر.... مان توهان جو ٿورائتو آهيان .... بلڪ سچي يونيورسٽيءَ جي سموري اسٽاف جو. جنهن منهنجي لاءِ هڪ ڏينهن جي پگھار ڏني.“

....

”سر ... اها بہ مهرباني ... هونئن مان سمجهيو هو تہ سنڊيڪيٽ ۾ بل پاس ٿي ويندو.“

....

”پر... سر لڳي ٿو... آپريشن ملڪ کان ٻاهر ئي ڪرائڻي پوي ... هتان جا ڊاڪٽر مائٽ ئي ڊونر گھرن ٿا.“

....

”سر مهرباني ... جي هت ٿئي ها تہ مون لاءِ آساني هئي ... ٻاهر لاءِ يونيورسٽي خرچ نٿي ڏئي سگھي .... بس .... چا ٿو ڪري سگھجي....“ هن اجان بہ وڌيڪ اڪيلائي ۽ اباڻڪائي محسوس ڪئي. نظر ننڍي ياءُ ڏانهن وچيس ٿي. جيڪو نفيس، سهڻن ڏندن سهڻن وارن سان ڪلين شيو .... هر وقت پينٽ شرٽ ۾ اپ ٽو ڊيٽ رهندڙ ... ميوزم ۾ اسسٽنٽ جي پوسٽ رکندڙ، پر پاڻ کي ڪيوريٽر کان گھٽ نہ سمجھندڙ.... هر وقت ٺهڪ ڏيندڙ.... جنهن هڪ اردو اسپيڪنگ ٽيچر سان عشق ڪري شادي ڪئي. جيڪا اسڪول جا ٻار گھمائڻ لاءِ ميوزم ۾ آئي هئي. هن ٻارن کي گھمائيندي، سمجھائيندي ٽيچر کي بہ غارن جي پينٽنگ کان گنڌارا آرٽ ۽ موجوده دور تائين سموري چاڻ

ڏني ۽ ڪجھ آرٽ جي ڪتابن پڙھائڻ ۽ پڙھڻ لاءِ ان وٽ اچ وڃ جو رستو رکيو. آخرڪار خاندان جي ناراضپي تي گوريون کائي خودڪشيءَ جي ڪوشش جو حربو بہ ھلايائين ۽ پوءِ شادي ڪري ٻن ڏيئرن جو پيءُ ٿي ويو آھي ....

”ادا.“

”جيءُ.“

”توھان جي ڊائلاسز جي تاريخ ڪجھ ڏينھن آھن نہ؟ “

”ھا.“

”مون کي مسلسل اوجاڳي ۽ توھان جي تڪليف کي ڏسي ڊپريشن ٿي پئي آھي .... جي اجازت ڏيو تہ ٻن ٽن ڏينھن لاءِ ٻاھر وڃان؟.... ۽ ھونئن بہ سال ٻن کان شھر کان ٻاھر نڪتو ئي نہ آھيان.“

”ڀلي .... ڀلي وڃ.“

ھو ڪمري مان ٻاھر نڪتو تہ اکين ۾ ڳوڙھا اچي ويس، پرسان رکيل ٿوال سان منھن ڊکي ڇڏيائين. ڪمري جي اڪيلائي ۽ خاموشيءَ سان گڏ گھر ۾ بہ عجيب خاموشي .... ھن چاھيو تہ عورتن ۽ ٻارن جو آواز اچي .... آواز ئي ھن کي پناھ ڏئي پئي سگھيو....

پوءِ ڀلي وڃي .... ھونئن بہ ھن جي ھجڻ ۽ نہ ھجڻ سان ڪھڙو فرق پوندو ..... نہ منھنجو علاج ٿو ڪري ۽ نہ ئي ڪرائي سگھي ٿو .... پر ھن جي موجودگي منھنجي ضرورت آھي .... ۽ ھن کي وري منھنجي بيماري چڻ ميوزم مان موڪل ملڻ جو بھانو لڳو آھي .... يا ايئن نہ آھي ..... ڪيوريٽر بہ ٽي ڀيرا فون ڪري پڇيو ۽ چيو ..... ويھن ڏينھن کان اچي ڪلاڪ اڌ آفيس ۾ ويھي ھليو وڃي ٿو .... چئي ڊاڪٽر ڏي وڃڻو آھي ...... ٽيسٽ رپورٽ ڪٽڻي آھي .... ۽ بہ بہ ڏينھن بنا

درخواست ڏيڻ جي اچي ئي نـ ٿـو ..... جڏهن تـ مون وٽ ڪجهہ ڏينهن، سي بـ رات جو اچي رهيو آهي .....

سڏڪا پرڻ تي دل ٿي چئيس ۽ ڏک مان نـڪري ويس

"امان. امان تون هجين ها ..... سچ تـ هن بيماريءَ مون کي وڌيڪ اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي .... پل پيو ڪير نـ هجي، تون هجين ها تنهنجي جهوليءَ ۾ اکيون بند ڪري سمهان ها.... سڀ ڏک لهي وڃن ها.... تون زور ڏئين ها .... ڪا گهڙي تو سک جي نـ ڏٺي .... تو تـ ساري زندگي ڪروڌ.... ٻارن جي روڃ راڙي..... ۽ پنهنجي قسمت تي روئيندي .... گذاري ڇڏي. نـ اسانجون نوڪريون ڏٺئي .... نـ شاديون .... نـ پوٽا.... اڄ هجين ها تـ سچ توکي سڀ سک ڏيان ها .... اسان تـ ڪڏهن ايئن بـ محسوس ڪيو، تـ ڇڻ پيءَ جو اوڳاڇيل زهر هجون .... جيڪو تنهنجي جسم ۾ رهي ها، تـ پڪريز ڪري ها ..... پنهنجي اکين، نڪ کي اسان جي نڪ ۽ اکين سان پيٽي بابي ڪيڏي نـ اطمينان سان ساهہ کنيو هوندو .... جڏهن تـ تو ان کي مطمئن ڪرڻ ۾ پنهنجي زندگي صرف ڪري ڇڏي..... هٿين خالي رهينءَ ۽ هلي وئينءَ .... هونئن بـ عورتن جي ڪپڙن ۾ ڪيسا ڪٿان آيا.... مون وٽ ڪيسا آهن پر هٿ ڪونهن .... تون پنهنجا ٻاجهہ پريا هٿ منهنجي نرڙ تي رکين ها، تـ ڪيڏي نـ گهري ننڊ ڪيان ها..... ڇا تون هاڻ اسان کي ڏسندي هوندينءَ ..... يا اسان جي ڏکن کي محسوس ڪندي هوندينءَ .....

"توکان سواءِ نٺهڻ آهي .... چوڌاري پٿريلو ميدان .... وڻ نـ ڪو ڪانڊيرو .... سچو وايو منڊل تتل ٿامو." .... اک لڳي ويس، ڏٺائين .... ڪو اچي پيو. ڪارو ٺپڪو آهستي آهستي ويجهو ٿيندو ٿي آيو.

اهي ٻڪهن قدن واريون ۽ ڪارا ڪپڙا پاتل عورتون هيون. پڳهريل.... پيرين اگهاڙيون.... رڙيون پئي ڪيائون....

”ڇا ٿيون چون؟“

ڪنهن جواب ڏنس ....

”چون ٿيون اسان جا مرد سرحد تي وڙهن ٿا.... اسان کي ٻـ موڪليو.... اسان انهن جي طاقت آهيون....“

عورتون ۽ آواز پرتي ٿيندا ويا. سخت گرمي ۽ اڪيلائي .... اڃ جو شديد احساس.... رڙ ڪيائين.

”پاڻي .....“ اڪ ڪلي پيس ... پڳهريل هو، زبان سڪي ٺوٺ ٿي ويل .... هن پاڻي پيتو....

بيڊ تي ليٽيو، تـ اهو منظر ياد آيس، جنهن کي اڃان تائين نـ وساري سگهيو آهي ... ڪاليج جي پڙهائي وارا ڏينهن .... ملڪ جي ڪا سرحد ڏسڻ ويو هو.... جتي ايندڙ ماڻهو ٻـ روئيندڙ تـ ويندڙن جون اکيون ٻـ آليون. ماڻهو آيا پئي روئيندا ۽ هيڏانهن ويندڙ ٻـ روئيندا .... هڪ شخص ويل چيئر تي ويٺل. جنهن جي ٽنگ پڳل پلستر چڙهيل....مائٽن ڪانئس روئيندي موڪلايو.... هن اتي رشتا ورهائجندي ڏٺا.

”سرحد ڪهڙي آهي؟“

”او اها.“

”ڪهڙي؟“

”هو وڻ آهي .... وڻ جي پرتان.“

هن ڏٺو اتان هڪڙو ڪتو پئي لنگهيو زگ زيگ ڊوڙندو پئي ويو.

ٻـئي چيس ....

”هاڻ هن ملڪ ۾نہ، هن۾آهي .....“

هن محسوس ڪيو تہ پاڻ ملڪ بہ ٿي پيو آهي.... ورهائجي ويو آهي .... چوڌاري رشتن جون سرحدون. پراوا پنهنجا تہ پنهنجا پراوا.... وچ تي بيٺل .... وائڙو.... چڻ خزان جو وڻ.... جنهن ۾ ڪو بہ پن نہ .... سچو چٽيل....

ڪمرو ماڻهن سان پريل. چوڌاري شاگرد ويٺل. اٿي پيت ڪي ٿيڪ ڏي ٿو. عجيب قسم جي خوشيءَ جو احساس ....

”بابا ڪيئن آهيو؟“

”سر .... توهان؟“

”جي .... بس طبيعت خراب ٿي وئي.“

”سر.... ڪيئن خراب ٿي؟“

”ڊاڪٽر چون ٿا تہ بلڊ پريشر وڌي ويڇڻ ڪري.... پر مان ٿو سمجهان اهو ننديپڻ ڪان ئي هوندو .... تڏهن تہ جلدي ۾ Collapse ٿيون؟“

”سر.... علاج؟“

”هتان تہ جواب ڏنو ٿئون .... چون ٿا ٻونر پنهنجو مائٿ هجي. ان جي ئي بڪي ڪم جي آ.... نہ تہ نہ ....“

”سر .... پوءِ؟“

”ڏسون ٻاهرين ڪنهن ملڪ ۾“

”سر.... خرچ جو ڪيئن ٿيندو؟“

هن لنوائيندي پڇين

”سيمسٽر ڪڏهن اٿو؟“

”سر ٽائيم ٽيبل لڳي ويو آهي....“

....

”سر اسان هڪ اجازت وٺڻ آيا آهيون.“

”اجازت؟ ڇا جي؟“

”سر .... جيڪڏهن چئو ته اسان ڪجهه توهان لاءِ ڪيون؟!“

”نه ... نه ... نه بابا.“

”سر.... اسان ته اڪائونٽ به کولي ڇڏيو آهي ناراض نه ٿجو....“

....

”۽ مددي ڪاميٽي به ٺاهي آهي.“

....

”چار هزار شاگرد آهيون.... هر شاگرد سئو روپيه ڏنا ته به چار لک ٿيندا.“

....

”۽ سر اسان ميس ... هاسٽلن، ۽ ڊپارٽمينٽس، لائبريريءَ ۾ به نوٽيس هڻي ڇڏيو آهي.“

....

”سر معاف ڪجو.... ڪاوڙ نه ڪجو.“

....

”سر اسان توهان جا ٻچا آهيون.“

انهن شاگردن ۾ اهو ليڊر به هيو. جيڪو ڪنهن دور ۾ هن کي ته ڇا، ڪنهن کي به نه وڻندو هو. انڪري نه ته ان جي سڪل چهري تي وڏيل

نڪ، ان کي بدصورت پئي ڪيو، پر ان جي حرڪتن ڪري سڄي يونيورسٽي تنگ هئي.

اوچتو...ان سڀ حرڪتون بند ڪري ڇڏيون...چپ چپ ۽ اڪيلو رهڻ لڳو. هڪ رات جڏهن آرٽس فيڪلٽيءَ... بهار جو فنڪشن هيو. هي هال مان ٻاهر نڪتو. رات ٺريل هئي.... هن ڏٺو تہ اهو شاگرد اڳواڻ اڪيلو نندي پٽ تي ويٺو هيو. هال ۾ ڪو فنڪار نيم ڪلاسيڪل راڳ ڳائي رهيو هو....

"بابا.... ٻاهر ويٺا آهيو؟"

"جي.... سر.... ايئن ئي."

"اندر وڃو، ڏاڍو مزيدار راڳ شروع ٿيو آهي."

"سر.... جي."

هن لهي اچي ڪيس انتهائي احترام مان هٿ ڏنو.

"چو بابا.... اڄ ڪلهہ ڏسان ٿو تہ .... تون ڏاڍو چپ چپ آن؟"

"جي سر."

"چو؟ .... ڪو خاص سبب؟"

"سر اصل ۾ سچ اهو آهي تہ اعتراف دنيا جو وڏو ڪوڙ آهي.... ۽ سر مان اعتراف ٿو ڪريان تہ پنهنجي ذات ۾ ڪانئر ٿي پيو آهيان....ڏاڍو ڊپ ٿو لڳي."

.....

"سر ضمير جي آڏو جوابداريءَ جهڙو ٻيو ڪو بہ عذاب نہ آهي.... جي مان اوهان اڳيان Confess نہ ڪيان تہ الائي ڪهڙي حالت ٿيندي...."

ٻئي آهستي آهستي خالي روڊن تي هلندا پئي هليا. شاگرد اڳواڻ چيو.

”حقيقتون پوءِ ظاهر ٿيون. چيو ويو تہ ماڻهو مرندا ..... جهيڙو وڌندو ۽ وڌيل جهيڙي ڪري اسان چڙ وچڙ ٿيل ڳڌ ٿي ويندا سين ۽ پوءِ ڦريل حقن کي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد سولي ٿي پوندي.“

.....

”اسان random فائرنگ ڪئي، ڪافي ماڻهو مئا. پنهنجا بہ تہ پراوا بہ. نتيجي ۾ اسان جي ماڻهن کي وچ شهر ڇڏي، ڪاروبار تان هٿ کڻي ٻاهر ٻيو شهر وسائڻو پيو ... هڪ شهر مان ٻہ شهر ٿي پيا.....ٻيو ڪجهہ بہ نہ.“

.....

”بس سر، انهن جيڪو چاهيو، ايئن ئي ٿيو .... ۽ ڪروڙين رپين جا پلاٽ ئي وڪرو ڪرڻا هين .... ڪيائون.
سر اهو سيڪجهہ مان سمجهي نہ سگهيس .... ابوجهائپ ڪري .... بلڪل ابوجهائپ جي ڪري .... پر اهو دليل بہ تہ منهنجي ضمير کي مطمئن ڪري نٿو سگهي.“

رات خماريل آهي... جاڳ ننڊ، ننڊ جاڳ .... دل ٻڏندي محسوس ڪري ٿو. پڳهر جي بوءِ .... وهنجڻ چاهي ٿو... پرسان وڏي پاڙس جي هٿن ۾ اخباري ڪٽنگس جو فائيل آهي. پهريان مختلف رپورٽن جا فائيل ڏسي، هاڻي ٻئي فائيل کي کولي ٿو... شاگردن جي مدد لاءِ ڪيل اپيلن جون ڪٽنگس....اخبارن جا ايڊيٽوريل .... بينيفٽ شو جون چيپيل تصويرون .... بيان.... پروفيسرن جون ڪانفرنسن ۾ اپيلون، ۽ مدد جا مالي اعلان....پڙهندي ڏسندي پاڙس ڳالهائڻ شروع ٿو ڪري.....

”ڪالهه مددي ڪاميٽي جي ميٽنگ ۾ ڳالهيون ٿيون ته جي منسٽر جي اعلان تي سرڪار پنهنجو خرچ ڪري علاج ڪرائي ٿي ته پوءِ هنن سيني پئسن مان ڪو اهڙو ادارو ٺاهيو، جنهن ۾ غريب سياستدانن، پروفيسرن، شاعرن ۽ اديبن جي بيماريءَ يا اوچتي حادثي ۾ گذاري وڃڻ تي انهن جي اولاد جي مدد ڪبي. .... جڏهن ته مون اها ڳالهه رکي ته ..... هن وقت به اسان جو دوائن ۽ ڊائلاسز تي ايترو خرچ اچڻ ڪري سخت مشڪلات سان منهن ڏيڻو پوي ٿو.“

.....

”مان انهن کي سمجهايو ته ....اسان کي ڪنهن وقت به وڏيڪ پئسن جي ضرورت پئجي سگهي ٿي، انڪري هڪ جدا پرسنل اڪائونٽ کولي ڪجهه پئسا ان ۾ جمع ڪرائجن..... ٻڌايومانِ ته اجا ڊونر نه مليو آهي... ظاهر آهي ته جيڪو ڪڊني ڏيندو ته اهو پئسا به وٺندو...... ۽ ميچنگ لاءِ جيڪو ماڻهو اسان ٽا وٺي وڃون ... ان لاءِ به پئسن جو هٿ ۾ هجڻ ضروري آهي.... ڪنهن جي آڏو هٿ ته نه ٽنگبو... انهن هائو ڪئي آهي اڄ ئي اڪائونٽ کولائي.... گهٽ ۾ گهٽ اڌ پئسا ان ۾ ٽرانسفر ٿو ڪرايان.“

......

هن کي فوٽو ڏيکاريندي چيائين

”هي ڏس، ٽيون ڏينهن واري بينيفٽ شو ۾ .... ايڊورٽائيزنگ ڪمپني جي مالڪ پنجاهه هزار جمع ڪرايا..... چو نه ٻه ٽي بينيفٽ شو ٻيا به ڪرائجن .... جيسيتائين ڊونر ملي ۽ علاج ٿئي .... پئسا گڏ ڪيون .... اڳي پوءِ ڪم ته وري به تو اسان کي ايندا نه.“

هن فوٽوءَ ڏٺو اداڪار، گلوڪار ۽ ايڊورٽائيزنگ ڪمپني جو مالڪ، جيڪو ڪنهن ڏورءَ صوبائي منسٽر بہ رهي چڪو آهي..... چيڪ ڏيندي..... ڪئميرا ڏي ڏسندي ۽ ٻين جا تاڙين لاءِ اٿيل هٿ .... هن پاڻ کي انتهائي هيٺ ٻيٺل ڏٺو.....نستو ٿيل ....چڻ تماشو بڻيل .... سوچي ٿو....

”همدردي ... انسانيت سڀ ڏيکاءُ .....“

وائڙو ٿي ويٺو رهيو .... پاٽس وري ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”ٻڌُ.“

”جي“

”ڏس ڪيترا نہ وڏا ماڻهو آهن .... انهن سان واسطو پوي ٿو. چو نہ هيئن ڪجي..... جو ڪنهن کي پلاٽ يا ٻنيءَ ٽڪري لاءِ درخواست ڏئي ڇڏجي.... پلي ليز تي ئي هجي.“

هن جي اکين آڏو اوندهہ اچي وئي. پگهرجي ويو.ڪليل اکين هوندي بہ ڪجهہ ڏسي نہ سگهيو .... ڪنن۾ زوڪاٽ .... پاڻ کي ڪاهيءَ۾ ڪرندي محسوس ڪيائين ...... زوڪاٽن پڙاڏو پيدا ڪيو....پڙاڏي مان پڙاڏو .... ان مان بہ پڙاڏو...... هزارين هٿ تاڙيون وڄائيندڙ .... هي چڻ وائڙو گول ڪيپر، فوٽ بال ۾ گول ٿي ويل. سڄي اسٽيڊيم جا ويٺل ماڻهو اٿيل.... رڙيون..... تاڙيون.....

پٽ جي ڇانوءَ ويٺو آهي. ننڍو پاٽس ڪڏهن ڪمريءَ اندر تہ ڪڏهن ٻاهر وڃي ٿو. ڪمري جو سامان ٻاهر نڪتل. ڪمري  کي مزدور رنگ ڏيندڙ .... چوڌاري ڪٽ تي پراٽيون رلهيون، ٿانو، ميرا ڪپڙا، ڪتاب ۽ فوٽو پکڙيل آهن. پاءُ، پاڇائي، زال ٻارن سان گڏ بازار ويل .... ڪالهہ جيئن ئي ننڍ مان اٿيو تہ ڪمريءَ ۾ ٻنهي پائرن سان گڏ زال کي بہ

ويٺل ڏٺائين. سڀ چپ هئا.... هن کي لڳو تہ ڪجهہ ٿيو آهي يا ٿيڻ وارو آهي. ڪچن مان ٻوڙ ۾ پيل گرم مصالحي جي خوشبو نڪري ڪمري ۾ ڦهلجندڙ. هن ڏٺو تہ ٽنهي جي چهرن تي سنجيدگي ڪانہ هئي بلڪ بنا مرڪ جي خوشي پئي ظاهر ٿي. ٻاچانهس ڪمري ۾ چانهہ کڻي اچي، ٽيبل تي رکي هلي وئي، تہ ان مهل ٻاٽس چيو.

”ادا .... مان تہ شرمندو ٿو ٿيان ڪمري جي حالت ڏسي نہ رنگ نہ روغن.... ٽٽل ڪرسيون .... هو ڪراڪري تہ ڏس....“

”ڪنهن کي چانهہ پيارڻ جهڙي آهي؟.... هان؟“

.....

”گهر ۾ وي سي .... پروفيسر، اداڪار، ڳائڻا، رائيٽر ۽ شاگردن جي اچ وڃ آهي .... مهانگا نہ تہ ڪجهہ چڱا ئي سهي صوفا ضرور وٺجن.... هلڪا سلڪا پڙدا بہ هجن.... تہ جيئن ڪمرو .... ويهڻ جهڙو تہ ٿئي.“

....

”تون ٻاڻ ئي سوچ، ڊاڪٽرن کان ٽائيم وٺڻ لاءِ يا ڪنهن بہ ايمرجنسيءَ ڳالهائڻ لاءِ پي سي او تي وڃڻو ٿو پوي. گهر ۾ فون هوندي تہ اويل سويل هر هڪ سان رابطو رهندو.... هونءَ بہ پي سي او جي فون تي ايترو خرچ ڪيو آهي جو پنهنجي هٽائي وڃون ها.“

....

ننڍي ٻاٽس ڳالهايو: ”ادا .... ڊاڪٽر چون ٿا تہ توهان کي گرمي بہ گهٽ لڳي A.C جي بہ ضرورت آهي.... جيسيتائين وڃي ٽرانسپلانٽ ٿي.“

.....

وڏو ڀاءُ ڇوڙ لڳو مون سچو اندازو لڳايو آهي.

| | |
|---|---|
| ”فون ڪنيڪشن ۽ سيٽ | 5000 |
| صوفا | 10000 |
| ڪارپيٽ | 5000 |
| رنگ | 2000 |
| ڪراڪري ۽ ٻيو سامان | 10000 |
| ايئر ڪنڊيشنڊ | 25000 |

اهڙي نموني هڪ لک مان سڀ ڪجهه ٿي ويندو .... ڪيئن؟“

هن زال ڏي ڏٺو، جيڪا چپ هئي. پر چهري مان نه ڏک نه ئي خوشيءَ جو ڪو تاثر هيس ....

پر هاڻ پاڻ انتهائي خوش آهي، ٺهڪ ڏيڻ ٿو چاهي، رڙيون ڪرڻ ٿو چاهي، سيني کي ٻڌائڻ ٿو چاهي.... سندس پرسان سوشيالاجي جو پروفيسر ويٺو آهي. جنهن چيو ....

”يار مان توکي ڪڏهن ڏئي .... تو تي ڪو ٿورو نه ٿو ڪيان .... پر پنهنجي پٽ جو ڪفارو ادا ڪرڻ ٿو چاهيان.“

ٻئي ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ هڪ ئي سال ۾ ليڪچرار ٿيا. ٻئي بيچلر هاسٽل ۾ پرسان رهندا هيا. صرف هڪ ديوار ٻنهي جي ڪمرن کي جدا ڪندي هئي. جڏهن ته پاڻ ڪنوارو هو. پر دوست شادي شده هوندي به پاڻ کي ڪنوارو ظاهر ڪندو هو. هر هفتي، ميس ۾ ڪامن هال ۾ هاسٽل ۾ اسٽوڊنٽس ۽ ٽيچرس کي ٻڌائيندو وتندو ته هو سڄي زندگي بغير شادي جي رهندو. شادي معنيٰ.....

سوشيالاجي ۾ ليڪچرر هئڻ ڪري سارو وقت ريڊيو تي پروگرام ٻڌندو... دنيا ۾ ٿيندڙ تبديلين، معاشري تي پوندڙ اثرن، ۽ ماڻهن جي رد عمل تي بحث ڪندي چڙي چوندو هو....

”وڌندڙ ترقي قوم جي ڪلچر تبديل ڪري ٿي ان لاءِ Collective wisdom جي ضرورت آهي. جڏهن تہ ترقي يافتہ قومون وڏيڪ Skilled آهن .... اسان جي پراڊڪٽ ڪان وڌيڪ انهن جو معيار آهي. ۽ پنهنجي پراڊڪٽ وڌائڻ لاءِ هتي فيڪٽريون ۽ ڪارخانا لڳائيندا ۽ پنهنجا ماڻهو آڻيندا. اسان جي قوم ۾ بيروزگاري وڌندي ۽ احساس ڪمتريءَ ۾ هلي ويندي، نہ اسان وٽ اجتماعي سگهہ رهندي نہ ئي ڪا مزاحمت ٿيندي. سياسي ۽ نفسياتي طور ڪمزوري وڌندي. اجتماعي سوچ ختم ٿيڻ ڪري معاشرو انارڪيءَ جو شڪار ٿيندو. فردي پيڙا پيدا ٿيندي. جڏهن تہ اهي مارڪيٽ ڻاهڻ لاءِ سٺو ۽ سستو مال وڪڻندا ۽ اسان جي پراڊڪٽ يا مال جيڪو اسان جي ڪلچر جو حصو ئي آهي ختم ٿي ويندو ۽ احساس ڪمتري ڪري اٿڻي ويهڻي، رهڻي ڪهڻي، ۾ پاڻ کي چٽ تصور ڪبو. ان نفسياتي جنگ وڙهڻ لاءِ قومن جو ڪلچر ئي بنيادي هٿيار هوندو آهي ۽ اصل ۾ ڪلچر آهي ئي مقامي راندين ۾ ..... پنهنجي ذهنيت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجي راندين کي جڏڻ نہ گهرجي ... پنهنجي راند ڪرڻ سان اجتماعيت ۽ پنهنجي ڪلچر سان محبت ۽ ٻڌي پيدا ٿيندي ۽ ان لاءِ لازمي آهي تہ پنهنجي ٻارن کي گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ ڪلاڪ لوڪل رانديون کيڏائجن. جيئن انهن ۾ احساس برتري، ٻڌي ۽ سهپ پيدا ٿئي....“

گڏ رهندي هڪ دفعي هن اعتراف ڪري ورتو تہ حقيقت ۾ هو شادي شده آهي. خاندان جي وڏن ان جي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ماڻس جي

شادي ڪرائي. بدلي ۾ اتان چوڪري وٺي شادي ڪرايائونس. ان شاديءَ ڪانئس ماءُ ڪسي جنهن ڪري پاڻ ڪان، زال ڪان ۽ خاندان ڪان نفرت پيدا ٿيس. جنهن جي نتيجي ۾ خاندان ڇڏي هاسٽل ۾ اڪيلو پيو رهي. ۽ جيڪا ذات هيس، اُها مٽائي ٻي ذات جو پيو سڏائي. هڪ دفعي پٽ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتس ته پيءُ جي ٻي رکي ۽ ذات جي فرق ڪي محسوس ڪندي..... پڙهڻ گهٽائي عشق ۾ پناهه ڳوليائين.... پوءِ يونيورسٽيءَ جي Chemistry Lab ۾ ليب اسسٽنٽ ٿيو. عشق ۾ ناڪامي ٿيس ڪيميڪل پي ڇڏيائين. پٽ کي هاسپيٽل ڪٺائي ويو ته رنو پئي، پٽ اکيون کولي صرف ايترو ئي ڳالهايس.

”بابا .... هاڻي ته خوش ٿيئو نه؟“

”نه .... نه....نه پٽ .... نه.“

”نه بابا هاڻي توهان کي وڌيڪ خوش ٿيڻ کپي.“

پٽُ بچي نه سگهيس ته ايئن سوچيائين .... پٽ کي عشق نه پر پاڻ ماريو اٿائين. ۽ اڄ جڏهن ٽشو ميچ ٿيڻ ڪان پوءِ هن جي سامهون روئي به پيو ته چوي به پيو....

”ڪو ٿورو ڪونهي .... مون کي ڪفارو ادا ڪرڻو آهي....“

آواز گهٽجي ويس. اکين تي آڱريون ڦيري ڳوڙها اگهي ڇڏيائين.

۽ هاڻي هو محسوس ڪري ٿو ته مٿانئس هڪ وڏو بار لهي ويو آهي. ايئن ٿو لڳيس ته ورهين جي گهاٽي ننڊ مان اٿيو هجي. اندر ۾ انتهائي پر سڪون....

زالهنس هن جي وارن ۾ آهستي آهستي ڪوپري تيل مان ٻوڙيل آڱرين سان مالش پئي ڪري.

اڄ ڪافي عرصي کان پوءِ دل کولي رنو آهي. ڊائلاسز وارڊ ۾ اڪثر هن سان ٽي ڇوڪرو ۽ ٽرين جو ڊرائيور ملندا هئا.... پر اڄ هو اڪيلو هو. ٽريءَ جي ٽرانسپلانٽ ٿي وئي هئي، هو I.C.U ۾ هو. پرسان واري بيڊ تي ٻـ ڪو ٻيو هو. جنهن تي ڊرائيور هوندو هو .... اڄ هن مونجهه ۽ شديد اڪيلائي محسوس ڪئي.... ساڳي بيماريءَ ڪري هن جو انهن سان همدردي ۽ پنهنجائپ جو هڪ نفيس رشتو ڳنڍجي ويو هو. جيڪو صرف اهي ئي محسوس ڪري پئي سگهيا.

”ريل جو ڊرائيور؟“

”ڪهڙو؟“

”هو نـ هوندو هو.... قد جو ڊگهو.... جنهن جي آپريشن ناڪام ٿي هئي.“

”ها.... ها نبي داد“

وارڊ بواءِ جواب ڏنو.

”ها .... ها اهو.“

”ها .... ويچارو....“

ويچاري لفظ ٻڌڻ کان پوءِ .... هن جي ذهن ۾ الائي ڪيترين صورتون ٺهيون. منجهي پيو. ساڳيو وارڊ.... ساڳيون مشينون. سڀ ڪجهه ساڳيو. جيئن جو تيئن .... پر هن کي اوپرو لڳو ۽ ائين پانيائين ڄڻ ماحول هن کي اڄ ڌڪاري پيو، يا ائين ٻـ ٿي سگهي ٿو تـ هو پاڻ ان ماحول لاءِ ڌڪار محسوس ڪري ٿو... ڦتڪڻ ٿو چاهي. پر خاموش آهي. سوچي ٿو.... ”ڪيئن نـ سڀ ڪجهه سمجهندي ٻـ زندگيءَ جي

گھاريل گھڙين کي کھڙي نہ سھڻي نموني ۽ پيرائي اندازِ ۾ ٻڌائيندو ھو: ھا سائين.... اسان پنجن ڇڙن جو ٽولو پنڌ ئي پنڌ سيوھڻ کان لاھوت ھليو.... ڏينھن رات پنڌ، ۽ ڪٿي نہ ڪٿي ٽڪ پيچڻ ... رڳو جبل ئي جبل. ھڪ رات جو پنڌ ۾ ھجون تہ ... رڙيون ۽ ڪوڪون ٻڌيون .... ڳولھيندا ڳولھيندا وڃي ڏسون، تہ ھڪ اونھي ڪاھي مان رڙيون آھن ....

ٻچايو.... ٻچايو.... ادا ... مان ڪري پيو آھيان. قافلي کان وڇڙي ويو آھيان. ڪپڙن کي ڳنڍي، رسو ٺاھي نيٺ وڃي پنيرڪي مھل ڪڍيوسينس.... ڊنڊڪارون ڏئي روئي پيو...."

"نئون جائو آھيان...."

اسان پرچائڻ تي، ھو روئڻ تي ... گرمي، ٿڪ ۽ اوجاڳي اسان کي اڌ مئو ڪري وڌو. ھن وٽ چيلھہ سان اڌ بوتل پاڻيءَ جي ٻڌل ھئي .... مان ان ۾ ھٿ وڌو تہ ھن سٽ ڏئي بوتل ڪڍي منھن تي چاڙھي. ڊڪ ئي ٻہ ڪيائين.... سائين جي مھلت ملي وئي ... تہ ماڻھو ايئن ئي ٿي ...ويچارو .... ويچارو ھليو ويو.... تہ ڇا ٿيو؟ ٽرين تہ ھلندي رھندي. منظر پيا ڦرندا. وڻ ڊوڙندا، ميدان، پٿون، جبل ايندا ويندا... سڀ ڪو اسٽيشن جي انتظار ختم ڪرڻ لاءِ منظرن ۾ محو... نہ ڪڏھن، ڪنھن ٽرين جي ڊرائيور لاءِ سوچيو ھوندو.... نہ ان جي ڏسڻ جي خواھش پيدا ٿي ھوندي ۽ نہ ئي ڪنھن ضرورت محسوس ڪئي ھوندي ھن سان ملڻ جي، ڪير آ؟

ڪٿي جو آ؟

ڪٿان کان آيو؟

ڪيڏانھن ويندو.

هر هڪ پنهنجي ڌن ۾ بي نياز. اطمينان سان سيٽ ڇڏي پليٽ فارم اچڻ تي لهي هليو ويندو. پليٽ فارم .... لهندڙ ۽ چڙهندڙ مسافرن جي ڀڄ ڊڪ، مرڪون، رڙيون، چانهه، ڪباب، پڪوڙن ۽ ريل جا آواز ..... پوءِ خاموشي....

ريلوي ڪالوني جي ننڍڙي ڪوارٽر جي پيلي روشنيءَ ۾ رات جو، ريل جي ڪوڪ تي ڪي ننڍڙا نيڻ جاڳي پوندڙ.... در ٺنگيل ٺپڙي ڪي تڪيندا ۽ ..... هاڻي هو ڪڏهن به نه ايندو... ڪڏهن به نه،....

هن جي اکين مان ٻه ڳوڙها جيئرا ٿي، پنبڻين مان ٽپو ڏئي مري ويا. ... سوچيائين: ”ان جي زال، ڌيءُ ۽ پيٽ جي ارهن تي الائي ڪيتريون اکيون چنبڙيل هونديون.....“

زالهنس ڪٽيل صوف هن جي آڏو رکندي پڇيو....

”ڇا ٿا سوچيو؟“

”ڏس .... ڪيئن نه آهستي آهستي شيون گم ٿينديون ٿيون وڃن.... جيڪو اڳيان آهي .... ظاهر آهي..... سو به ائين نه آهي .... جي آهي ته به اهو امڪاني حدن ۾ يقيني نه، غير يقيني آهي.... ماڻهو پنهنجي عمر... پنهنجي خوشين، موت ۽ جم ۾ خودمختيار نه آهي. ڪنهن به شئي ۾ نه .... بيوس آهي.... وس ته رڳو وقت جو ٿو هلي.... جيڪو زندگيءَ کي آهستي يا تيز بنا ڪنهن مرضي پڇڻ، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي موت ڏي ڌڪي ٿو... ٻيو ڇڏ، پنهنجي ٻارن تي ئي سوچ، ته هو زندگي، موت تائين پنهنجي مرضيءَ سان ته نه گذاريندا نه.... تو شاديءَ کان هيل تائين صرف مون سان گڏ لوڙيو ئي آهي.... ڪڏهن اهو سوچيو به نه هوندءِ ته صرف ڏک ئي اسان تي ٿهڪ ٿا ڏين .... ٺوڪين ٿا.... سچ ته تنهنجي صبر مون کي وڏي سگهه ڏني آهي....

ڪڏهن تہ لڳندو آهي تہ پنهنجي صبر۾ بہ، تو پاڻ تي جبر ڪيو آهي
.....“

هن جي اکين۾ پاڻي پرجي آيو، پوءِ زال جي ڇاتين۾ منهن هڻي ٻارن وانگر اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو. هوءَ بہ روئي پئي.

فون جي گهنٽيءَ تي اٿي جوٽس ڳالهايو.

”ڪو احمد ڪليم آهي.“

هن رسيور ڪن تي رکيو.

”جي.“

.....

”پلي.“

....

”سڀ ڪجهہ موڪليو اٿم.... پاسپورٽ .... سچو .... “

....

”ڊونر جو بہ.“

....

”يار تنهنجا لک ٿورا.... لک احسان.“

هن پرسان ويٺل زال کي ڀاڪر۾ پريو ....

”ٻڌ، گورنمينٽ هن هفتي ئي علاج لاءِ ٻاهر موڪلي ٿي.“

ٻئي ڪلڻ ۽ روئڻ لڳا. خوشيءَ ۽ ڏک جي مليل ڪيفيتن۾ هن چيو....

”اڄ نئون ڄائو آهيان .... لڳي ٿو تہ ڪنهن اونهي کاهيءَ مان ڪڍيو ويو آهيان.“

اهو دوست احمد ڪليم، جيڪو وزير جو صلاحڪار آهي. ڪنهن دور۾ هو انقلابي پارٽيءَ جو ورڪر هو. ان سان منهنجو اڪثر اهو بحث

ٿيندو هو تہ نہ صرف طبقا پر قومون بہ هڪبئي جو استحصال ڪن ٿيون.... ڪنديون آهن .... انقلابي سوچ کي رڳو ايسيتائين محدود نہ ڪجي تہ طبقا صرف بہ آهن. پيڙهيندڙ ۽ پيڙجندڙ .... ڪڏهن ڪڏهن خود مظلوم طبقو.... ٻين لفظن ۾ مزدور طبقو بہ ٻئي مزدور جو استحصال ڪري ٿو.... جڏهن تہ صحيح سوچ اها آهي تہ قومن جي آزادي ئي اصل۾حقيقي انقلابي سوچ آهي. نہ ئي مظلوم مزدور جو نعرو ڏيئي قومن جي حقن تان هٿ ڪڻجي.... ۽ هن جو زور تہ پورهيت جو ڪو بہ وطن نہ ٿيندو آهي.... انقلابي جدوجهد جي اڳواٽي هميشہ پورهيت طبقو ڪندو آهي ۽ نہ ئي هو ڪنهن قوم جي ليڪن ۾ قيد هوندو آهي. پر هن جا دليل تہ سڀ آيل انقلاب ۽ل پورهيت انقلاب هوندي بہ مظلوم قومن جا انقلاب رهيا آهن ..... سچو انقلابي نظريو تہ قومي جدوجهد وارو ئي آهي.

۽ ايئن اهو دوست پريڪٽيڪل سياست ڪندي پڪڙجي جيل ويو، ان تي ٿارچر ڪيو ويو تڏهن بہ هن ڪجھ نہ ٻڌايو.

آخر۾جيل عملدار چيس تہ تنهنجي بهادريءَ کي سلام آهي. هاڻي تون مون سان رڳو منهنجي آفيس۾اچي ان نظريي تي ڳالهاءِ ۽ سمجهاءِ .... مان بہ ڏسان تہ ان نظريي ۾ ڪهڙو محرڪ آهي، جيڪو ڪنهن کي لوڏي ئي نہ ٿو سگهي. پوءِ هو عملدار جي آفيس ۾ چانھ پيئندو، سگريٽ ڇڪيندو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪندو هو ۽ هڪ ڏينهن بحث هلندي هن کي چانھ پياري، سگريٽ نہ ڏنو ويو.

”سر سگريٽ.“

”نہ.“

”سر مونکي سگريٽ جي سخت ضرورت آهي.... 24 ڪلاڪ گذري ويا آهن. سر ....“

”نہ.“

”سر؟“

”نہ صرف هڪ شرط“

”ڪهڙو؟“

پوءِ هن هڪ سگريٽ تي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌايو، جيڪو اهي ٻڌڻ چاهين پيا. هن اهو سڀ ڪجهہ لکيو، جيڪو هن لکڻ نہ پئي گهريو.

هن زال کي وري پاڪرپريو ۽ چيو.... ”اڄ خواهش ٿي ٿئي تہ ڪنهن سٺي تماڪ وارو سگريٽ پيئجي. جيئن سڄي ڪمري ۾ تماڪ جي خوشبو ڦهلجي وڃي.“ زالهنس اکين۾اکيون وجهي پيار مان چيس

”نہ .... نہ بلڪل نہ....“

”ڏس، تون تہ منهنجي طاقت آهين نہ؟“

جوڙس مرکي هن ڏانهن ڏٺو ۽ ماٺي واري انداز۾چيائينس:

”نہ.... نہ....“

”ننهن ڪر نہ ڪندي ڪر .... ايئن ڪندي آهين تہ منهنجو ساهہ منجهندو آهي.“

# اڏوهي

ٽرين جڏهن ڪيرٿر پهاڙن منجهان سيمي سرڪل جو ڦيرو ڪائي سڌي ٿي تہ آسمان ۾ پاريهرن جي اڏام هئي، مٿان پهاڙن تي ٽرين ۽ ساڄي پاسي ساوڪ ئي ساوڪ. چرندڙ ٻڪرين جا ڌڻ، سنڌوءَ ڦاٽ تي بيٺل ٻيڙي، فصل ۾ چونڊو ڪندڙ عورتون. هلندڙ گاڏيءَ مان مٿي گذرندڙ ٽرين جي نظاري مٿس سحر طاري ڪري ڇڏيو.

”سر! ڪيڏو نہ خوبصورت Panoramic view آهي.“

سندس پروجيڪٽ مينيجر جيڪو خاموش هيو. تنهن وراڻيو،

”Really fantastic“

هن چوڻ شروع ڪيو. سر! مان جڏهن شاگرد هوندو هيس تہ يونيورسٽي ۾ ايندي ويندي. ان منظر لاءِ سيٽ تان اٿي اچي دروازي تي بيهي ضرور انجواءِ ڪندو هيس.... منهنجو پارٽنر جيڪو منهنجو ڳوٺائي پڻ هئو پرسان بيهي اچي پڇيو هئائين.

”هر پيري تون چا ڏسندو آهين!؟ “

”هي پکين جي اڏام، سنڌو ۾ ترندڙ ٻيڙي، لڏندڙ فصل، خوبصورت منظر آهي نہ؟ “

”ها ...... “

”منهنجي تہ دل چوندي آهي. ٽرين مان ٽپو ڏئي. هتي خودڪشي ڪري ڇڏجي “.

هن ڪان رڙ نڪري وئي...، ”نہ ابا نہ! .... ماڻهو مري ويچي! “ ٻنهي ٻڌا ٽهڪ ڏنا.

هي چئي رهيو هئو، ”سرا! .... ان موهيندڙ منظر جو صحيح استعمال ڪجي، صرف ٿوري توجهہ ڏيڻي آهي، ٽوئرسٽ لاءِ Huts ٺاهجن تہ ڪيترو نہ بهتر ٿيندو؟ .... بهتر تہ هتان جي ماڻهن لاءِ ٿيندو. آمدني وڌندن، هاڻ تہ هو پنهنجا بنيادي مسئلا بہ حل ڪري نہ ٿا سگهن.“

”بلڪل .... بلڪل“

”سرا! رڳو هيءُ نہ پر سڄي سنڌ ٽوئرسٽ زون آهي، پهاڙ بيابان، ميدان، سنڌو درياءَ جي ڪناري هلندڙ پراڻيون تهذيبون، موهن جو دڙو، آمري، ڀنڀور .... الائي ڪيتريون ڏنيون، ڇشما ۽ گورک پهاڙي تي هل اسٽيشن ٺاهجي. ”هن گاڏيءَ ڪي سيوهڻ وٽ آهستي ڪندي مٿي اشاري سان ٻڌل ٺل ڏيکاريندي چيو،

”سرا! اليگزينڊر دي گريٽ هن قلعي ۾ رهيو.... ابن بطوطہ لڪي ٿو، اتي ان لڙائي ۾ وڙهندڙ سپاهين جا لاش ٽنگيل هئا، .... پر ڪا ريسرچ ڪانهي .... پرزرويشن ڪانهي.“

”سنڌ ترقي ڇو نہ ٿي ڪري؟“

هن گاڏيءَ جو گيئر بدلائيندي چيو،

”سرا! بس ايئن چئجي Lack of Administration“

گاڏي هلندي رهي. پروجيڪٽ مينيجر سچو وقت مختلف ڳالهہ ٻولهہ ڪندو رهيو، هن چاهيو پئي تہ، هو ڳالهائي پر هن جي هٿن ۾ رکيل فائيل، جنهن کي هو پڙهندو رهيو.

| | |
|---|---|
| 25پيڙيون | 15 هزار |
| 25 استاد | 10 هزار |
| اسٽيشنري | 10 هزار |
| NGOs سروس | 10 هزار |

سپروائزري ڪاسٽ 25 هزار

هن ڏانهن ڏسي چوڻ لڳو، ”بجيٽ گهٽي ٿي لڳي، پندرهن ٻيڙيون استعمال ڪجن، بجيٽ بہ گهٽ ٿيندي ۽ پروجيڪٽ بہ صحيح نموني هلائي سگهبو.“

”سر! توهان بلڪل صحيح ٿا چئو .... پر توهان اسپاٽ ڏسڻ تہ، توهان کي اها بجيٽ مناسب لڳندي .... سر! اسان سروي ڪئي آهي تہ، ماڻهن جي آمدني گهٽ ۽ مسئلا وڌيڪ آهن .... اڳ ايئن نہ هيو. هن ڍنڍ مان..... هزار مئٽرڪ ٽن مڇي مرندي هئي .... ٺيڪيداري سسٽم نہ هيو .... پکي ايندا هيا، گاهہ ٿيندا هيا، ان مان تڏا تونريون ٺاهي ماڻهو بهتر زندگي گذاريندا هيا.... سم جو پاڻي چڏڻ جي ڪري ڍنڊ ڪاري ٿي وئي، مڇين جا نسل ختم ٿي ويا. نہ گاهہ، نہ پکي .... ماڻهو چمڙيءَ جي بيمارين ۾ ورتل.“

پروجيڪٽ مينيجر بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي، رستي تي بيٺل فصل ڏانهن ئي ڏسندو رهيو، هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”سر! مون تہ اهو بہ چاهيو پئي. اتي جي بيمارين لاءِ بہ مڪمل سروي ڪجي، ....

هڪ ڊسپينسري يا اسپتال هٽجي، هن پروجيڪٽ ۾ ڪم ڪندڙ استادن کي ئي ايجوڪيٽ ڪجي تہ بهتر ٿيندو.“

پروجيڪٽ مينيجر چپ رهيو. ڊرائيو ڪندي يونيورسٽيءَ مان آيل، اهو ڪليگ، جيڪو هن جو ڪڏني ڊونر بہ هيو، ان جون ڳالهيون ياد اچڻ لڳس،

”اهڙي خدمت ڪهڙي جيڪا ڪجي ۽ نتيجا نہ ڏئي .... تنهنجي يونيورسٽيءَ کي وڌيڪ ضرورت آهي.... ڪجھ وقت ۾ ئي گلوبلائيزيشن سڀ ڪجھ کائي ويندي، ڪجھ بہ نہ هوندو، نہ وڻ، نہ ٿڻ، نہ ثقافت، نہ ٻولي، نہ هي ڳوٺ، نہ ڳوٺن جون ڪچهريون، سڀ ڪجھ بدلجي ويندو، ماڻهو مشين هوندا، هي سماج وڏي فيڪٽري هوندي، سرمائيدارن جي پيٽ پرڻ لاءِ .... ۽ توهان انهن لاءِ رستو ٿا صاف ڪيو“. هي سوچي ٿو، ”نتيجا، ثقافت، قوم، سڄي پنجاهہ سال پراڻي سوچ ... “

هاڻي جڏهن منچر سامهون، هي تقرير جا آخري جملا ڳالهائي ٿو. ”اسان توهانجون زندگيون تبديل ڪرڻ ٿا چاهيون..... “

”پڙهائڻ ٿا چاهيون .... روزگار ڏيڻ ٿا چاهيون. “ تاڙين جي آواز۾ هي اچي پروجيڪٽ مينيجر جي پرسان ويٺو، جيڪو ٻيڙين تي اسڪول جي افتتاح ڪرڻ لاءِ تيار هيو. جنهن جي نظر تاڙين وڄائيندڙ لوساٽيل چهرن وارن ماڻهن بجاءِ ڪئميرا جهلي بيٺل فوٽو گرافرن ڏي هئي.

”فوٽو ڪيرائڻ .... ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي. “ هن بيئر جو ڍڪ هٽندي چيو .... ”صرف .... صرف پاڻ وٽ ڇا آهي؟... يا ڪيس ڇا آهي؟ “....

بخاري۾ ٻرندڙ باهہ هن جي چهري کي خوبصورت ۽ بيئر جي گلاس

ڪي سونو روپو ڪري ڇڏيو. ايوبيا ۾ مارچ مهيني ۾ بہ ٿڌ پئجي رهي هئي.

هو مسلسل ڪم ڪري ٿڪجي پيو آهي. ٿڪ ڀڃڻ لاءِ هٽ آيل آهي.

شام جو هن ٻارن سان فون تي، انهن جي هاسٽل تي ڳالهايو.

”ها پٽ!“

....

”بلڪل ....“

”ڏاڍو سٺو.“

....

”ايئن ئي محنت ڪيو. حقيقت ۾ توهان ڪي آرميءَ ۾ وڃڻو آهي. .... ها پٽ!..... “ لاءِ ٻلي سوچيو. ملڪ ڪي هوئڻ بہ بيوروڪريٽ ۽ آرمي آفيسر ئي هلائيندا آهن.“

....

”اهڙي؟“

”ها ها ....“

”ڊاڪٽر زواگو. مون بہ ڏٺي آهي. ناول ۾ آهي تہ. اسان ڪنيو حسن، عشق، ازل ۽ ابد. باقي دنيا بدلائڻ جا خواب ننڍن ماڻهن جي حوالي ڪيا.“

....

”ها ٺيڪ آ.“

”مري جي ڪيڊٽ ڪاليج گهمڻ جي ڪوشش ڪندس.... “

چوڌاري چپ چپات آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن پکيءَ جو هڪ جيتري وقفي ڪان پوءِ آواز اچي ٿو. يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جي

ريسٽ هائوس ۾ سندن سامهون، بخاري ۾ ڪاٺيون ٻرن ٿيون. ٻنهي شام جو گهمندي اهو محسوس ڪيو ته، هي علائقو انگريزن جي فوجي ڇانوڻي رهي آهي، تڏهن هن چيس.

"انگريز .... وڏا محنتي، سچا .... ڊيوٽيءَ ۾ ڪا سستي ڪونه ڪن .... مان ته لنڊن ۾ ڏٺو ته ڪوبه هڪ منٽ نه دير سان اچي نه ئي هڪ منٽ اڳ ڊيوٽي ختم ڪري .... اتان جي ٻارن کي به پنهنجي خبر آهي ته ڪين ڇا ڪرڻو آهي .... اسان ته ٻارن کي اسڪول کان گهر تائين اپاهج ٿا ڪريون .... ٽرانسپلانٽ کان پوءِ رڪوري روم ۾ آيم ته اخبار ۾ اسٽيفن هاڪنگ جو انٽرويو پڙهيو، B.B.C سان ڳالهائيندي چيائين، ڪيليفورنيا جي سافٽ ويئر انجنيئر جي سس بيمار هئي، جيڪا ڳالهائي ٻولهائي نه پئي سگهي. جنهن لاءِ هن اهڙو سافٽ ويئر ٺاهيو جو اک جي اشاري سان ڪرسر اسڪرين تي مطلب واري لفظ کي چوندي، ايئن ان مون کي به ڳالهائڻ سمجهائڻ لاءِ اهو سافٽ ويئر ڏنو ....، سچي اهي لفظ پڙهي وائڙو ٿي ويم، اسان ته پنهنجن پوڙهن کي چڙي چڙي مرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو آهي 'انڪري مون N.G.O ٺاهي' جيئن ڪجهه نه ڪجهه ماڻهن جي خدمت ڪري سگهان."

هوءَ جيڪا ٻيئر جي سپ پيري رهي هئي، تنهن جواب ۾ چيو هئس، "پل ته انگريز اسٽيفن هاڪنگ، ورڊس ورٿ ۽ شيڪسپيئر پيدا ڪيا هجن، پر مون کي ته لارڊ ڪلائيو ۽ مائونٽ بيٽن ذهن تي حاوي آهن". هيءَ جيڪا ڪنهن پروفيسر جي حوالي سان هن وٽ آئي آهي، جنهن کي هن سنڌ جي مختلف ڳوٺن مان ماڻهن جي نڪتل پراڻن فوٽن هٿ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي. جيئن هو ٿيسز لکي سگهي. هن گلاس مان سپ پريندي چيو هو. "اصل ۾ معاشري جي سماجي

جوڙجڪ، ڪلچر، نفسيات ان ڪان وڌ ان سماج جي ايڪاناميءَ ڪي اتان جي فوٽن مان ئي محسوس ڪري سگھجي ٿو.... هڪ ڏور آهي. ماٺهو منڊي ڏيڪارڻ لاءِ ڪاڏي تي مٺ رکي فوٽو ڪڍرائن، پوءِ حالت بهتر ٿيڻ سان واچ ڏيکارڻ لاءِ فون هٿ ۾ جهلي ۽ پوءِ ٿي وي تي هٿ رکي فرج پرسان بيهي .... ايئن سماجي تبديلي بہ اتان ئي محسوس ڪري ٿي سگھجي."

هن ڪٿيندي چيس، "فوٽو ڪڍرائڻ پٺيان نرگسيت نہ آهي؟"

ڪجھ پل چپ رهي چوڻ لڳي،

"ان سان گڏ اهو Accumulation کي رد ڪري نہ ٿو سگھجي .... منٽ جي 25 حصي ۾ هو ان منظر کي Still ڪرڻ ٿو چاهي جيڪو هن وٽ آهي. پل تہ سونهن، جواني .... ان کي پاڻ وٽ محفوظ ڪرڻ ٿو چاهي."

هن چيس، "ايئن تہ ناهي. ان گھڙيءَ کي ان ڪري محفوظ ٿو ڪري، جيئن اهو پلُ هن کي خوشفهميءَ ۾ رکي."

"ها، ايئن ئي آهي. ها ائين .... پر منهنجي مڙس وٽ ڪابہ خوشفهمي نہ آهي. عذاب ۾ آهيان .... منهنجو مڙس فوٽو نہ ڪڍرائيندو آهي ...." هن گلاس کي هڪ ڍڪ سان خالي ڪري ٽيبل تي رکندي چيو. "هو Impotence آهي .... ڏينهن جا ڏينهن نہ ڳالهائيندو آهي، ٻاهر هلندو تہ سوڙهين گهٽين مان گهمندو .... منهنجا ڪپڙا بہ هو استري ڪندو .... گهٽ ۾ گهٽ ايئن تہ نہ ڪري .... بس آزاد ڇڏيو اٿائين، ڊگري وٺي، نوڪري ڪري مان بہ اڪيلي رهنديس،" هوءَ سڏڪڻ لڳي .... "اڪيلي .... بس اڪيلي."

هو ڪيس اٿاري، بيڊ تي ويهاري، ڪنڌ جهوليءَ ۾ رکي، هن جي وارن ۾ هٿ ڦيريندي چوڻ لڳو.

”الائي ڪيترا ماڻهو اڪيلا آهن، ان تي پريشان ٿجي. دنيا ۾ ته حيرت ۾ وجهڻ جهڙي ڪا به ڳالهه ڪونهي، مان تنهنجي مڙس جو فوٽو نه ڪيرائڻ تي حيران نه آهيان. تون به پريشان نه ٿي. انگريزن وانگر صرف، صرف پاڻ لاءِ سوچجي، پاڻ لاءِ ئي جيئڻ گهرجي، ان خوبصورت واديءَ جي، هن حسين رات ۾ پاڻ گڏ آهيون. ماڻهو ته هونئن به Accumulation چاهيندو آهي .... هاڻ هي لمحا، جيڪي حال آهن سي ماضي ٿي ويندا. اهڙن لمحن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ميڙيون، گڏ ڪريون، محفوظ ڪريون. جيئن اهي صرف تنهنجي ۽ منهنجي ملڪيت هجن ۽ مستقبل ۾ گڏ رهن.“

”ڪيئن؟“

”ها.“

”ايئن!“

”هون! .... ها.“

باهه آهستي آهستي دکندي جهڪي ٿيندي، وسامي وئي.....

پاڻ ته ننڍپڻ کان دکندو رهيو آهي. جڏهن هي موڪلن ۾ پنهنجي مامي ڏي شهر ۾ اچي رهندو هو. جيڪو سئنيما تي پروجيڪٽر هلائيندو هيو، ان سان گڏ رهندي، هن جي دلچسپي مڱيرا ۽ ڳنڊيريون کائيندي. فلم ڏسڻ سان هوندي هئي. ان جي مامي جي دلچسپي ۾ صرف شام هئي، جيڪا هن جي زندگيءَ ۾ رنگيني آڻي چڙهندي هئي. شهر جي ويران حصي ۾ شام جو خوشبو، گل، هوٽلن ۾ پيهه، ۽ اوچتو هن جي مامي جي دلچسپي اتي شهر ۾ رهندڙ پرسان واري ڇوڪريءَ ۾ ٿي، يا

ڇوڪريءَ ھن ۾ پاڻ دلچسپي ورتي، يا صرف ھن جي ھارمونيم وڄائڻ جي سرن ۾ ھيس. ھن روڪڻ جي باوجود ھارمونيم بند نہ ڪئي تہ ھن کي قتل ڪيو ويو. حادثاتي نموني سان ساڳي ڇوڪري مڙس کان طلاق ورتي، ٻي شادي ڪئي. ٻئي مڙس طلاق ڏنس، ٽين شادي، ھنن جي خاندان ۾ ڪري چڙي چڙي مري وئي.

مامي جو قتل،

پيءُ جو رويو،

ڪتي ڪاتل ماسات جون رڙيون،

جيڪي ھن جي زندگيءَ جو نامن ڪليچر ھيو، جنھن ھن کي رد عمل ۾ ٻڇڙو ڪري وڌو. ھن تہ سوچي ڇڏيو ھو، ”ماڻھو حقيقت ۾ اڪيلو آھي. رڳو ھمدردي ۽ توجھ ٿو چاھي .... ڇا جو فلسفو، ادب ۽ ڇا جي سائنس، سڀ ڪجھ توجھ ڇڪائڻ ئي آھي. پل تہ توجھ ڏيندڙ ۽ ڇڪائيندڙ لمحن جي عمر ڪيتري ٿوري ڇو نہ ھجي. پوءِ بہ ھو سڄي زندگي ڪوشش ٿو ڪري. ان ڪري ئي جانور ٿو پالي جيئن اھي ھر وقت ھن ڏي ڏسن، سريندر کي ۽ اھو لمحو ئي اصل ۾ فاتح ھئڻ جو احساس ڏئي ٿو. پر .... اھا بہ بيوقوفي آھي ۽ مان ڪڏھن بہ بيوقوف نہ ٿيندس. “

۽

ھن تہ ڪڏھن اھو سوچيو بہ نہ ھو تہ اڄ ايئن اڪيلائي آڏو جھڪندو، جيئن ھاڻ ٿر ۾ ويٺو آھي. جنھن اوطاق ۾ رھيل آھي، پڪين ٻن ڪوٺين کان ٿورو پرتي ڇونرو آھي. ان کان پرتي باٿ روم، اوطاق دڙي تي آھي. جنھنجي ڇوڏاري لوڙھو. سندس سامھون واري ڪٽ تي اسسٽنٽ پلٽ ھٽي ويٺو آھي. وچ تي ڪرسي، ڪرسيءَ مٿان لالٽين

ڀري ٿي، پرتان پٽن مان ڪيڪڙو گذري ٿو. جنهن جي تيز روشني پٽن تي پوي ٿي، ڳم ٿئي ٿي، جولاءِ جي شروعات آهي، ٻه وسڪارا پئجي چڪا آهن، تڏهن سچو سائو ٿي ويو آهي. هن سوچيو هو ته منٿيءَ ڪان پوءِ ننگر پارڪر ويندو. ننگر جي پرسان ڪنهن ڳوٺ ۾ بيماري پئي هئي. جنهن ۾ مريض جا هٿ پير سڪي ننڍا ٿي وڃن، ڳلو سڄي ٿو وڃي ۽ سٺ ئي جهلي نه ٿو سگهي. ننگر ڏانهن ايندي جيپ جي گئس ڪٽ خراب ٿي پيس، گئس ڪٽ ۽ مستري لاءِ ڊرائيور نڪري چڪو هيو. هي اڄي ان دوست وٽ مهمان ٿيو، جيڪو ڪنهن ڏور ۾ اسپتال ۾ هن سان گڏ هيو. ڊائلاسس ڪرائيندي، عمر جي تفاوت هوندي ٻه، ساڳي تڪليف هجڻ ڪري هنن جو پنهنجائپ وارو رشتو جڙي ويو.

”اجيت ڪٿي آهي؟“

”ان کي انڊيا موڪلي ڇڏيو آهي .... احمد آباد ۾ ميڊيڪل اسٽور هلائي ٿو.“ اجيت جي وڏي ڀاءُ کيس ٻڌايو.

اجيت جيڪو ڪولهڻ جي عشق جي سزا ۾ جڻ جلاوطن ڪيو ويو هجي. جنهن جي کيس ڳالهه ياد اچي وئي، ”سر! .... اڄ ٻه ربياري ڪنوار کي ڪارو ڪٿو پارائن، سمجهن مارئي اجان ڪوٽ ۾ قيد آهي ....“ پرتان ٽين وڄڻ جا ڪڙڪا ٿيا، خبر پين ته ڦوڪٽي اچي وئي. پيئڻ بلا لاءِ ٻڌو هئائين ته ستل جو ساهه پي ويندي آهي. نه ايندي خبر پوي، نه ويندي، ٺڪاءُ پيچ هٽندي، ستل ماڻهوءَ جي سٿر تي، پيتل ماڻهو جي ڳلي ۾ ڳوڙهو ٿي ويندو. ساهه منجهندس، رڙيون ڪري نه سگهندو انڌو ٿي ويندو.

هي سچو ڦڪو ٿي ويو. هوا جي سوساٽ تي جسم مان ساهه ڇڏائجي ٿي ويس. ڦوٽاريل اکين سان هر هر پٽ ڏي ٿي ڏٺائين،

لوڙهي جي لڏندڙ ڪانئين کي ڏسي .... ”پيئڻ آهي ڇا؟ ” هوا تي لڏندڙ اڏندڙ ڳاهه ڇڻ پيئڻ، هوا تي اڏندڙ چادر تي چرڪ، ٻڪريءَ جي ٻيڪ تي چرڪ .... ”سمهندس تہ پيئڻ پي ويندي. ”

اوٻاسي ڏئي پنهنجي اسسٽنٽ کي چيائين.

”اسان پنهنجو سڪ، گهر ٻار انهن ڪري ڇڏي، ٽڪا ڪائون .... اڄ ڏنئي، مينگهواڙ، رڙيون پيو ڪري تہ، قرض ڏئي، قرضي ڪري ڇڏيو اٿو. وٺڻ مهل تہ ....”

اسسٽنٽ سوچي ٿو، ”غريب ڇو نہ رڙيون ڪن. ڏهن هزارن جي قرض تي پنج هزار وٺيڪ ڏين .... ”

”هي اسسٽنٽ سان ڳالهائي ٿو، ”اسان هنن کي ان ڪري قرض ڏنو تہ بک ٿا مرن .... ڪو هلڪو سلڪو ڪاروبار ڪن، ٻڪيون پالن .... پولٽري فارم کولين .... ڪن!؟” ”

۽ اسسٽنٽ سوچي ٿو، ”ڏهن هزارن مان ڇا ٿيندو؟! بيماري سيماري.... ٻوڙي ان ڪري قرض ڪنيو هونداٺون تہ ڪنيل قرض لاهي ڪنهنجي شادي ڪرائي، ڪجهہ انُ وٺي، بس .... پئسا آيا ويا. ”

هي ڳالهائي ٿو، ”جيڏو غريب ايڏو ٺڳ .... ڪيڏيون پيو رڙيون ڪري، جيل۾موڪلجيس .... ڇڱو ٿيو تہ پاڻ سان صحافي نہ آندا .... سوچيو هئم تہ فيچر لڪائيندس، ڊاڪيومينٽري ٺاهيندس.”

اسسٽنٽ سوچي ٿو. ”اڳ ٻہ پنجاهہ مايون هڪ هنڌ ڳڏ ڪري پئسا ڏئي، رلهيون ۽ پرت پريندڙ عورتن جا انٽرويو ڪرايائين، رٽيل جملا ڳالهرايائين. ”

هو ڳالهائي رهيو هو .... ”برم اچي ڦاٿو آهيان، بس صبح ٿئي .... وري نہ ايندس، وري نہ ايندس .... بس .... هو ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا آهن.“

ڳالهائڻ بند ڪري سوچڻ لڳو، ”بس صبح ٿئي تہ هن عذاب مان نڪران .... چڱو هو تہ مٿيءَ مان ئي واپس وچان ها. ننگر ڏانهن اجايو هليم .... ڪنهن کي موڪلي سروي ڪرايان ها .... هوءَ بہ ويچاري اڪيلي هوندي، سڄي زندگي مون کي ۽ منهنجي ٻارن کي ڏنائين، پاڻ لاءِ رڳو بيماريون ئي رکيائين. مان پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ هوءَ سڄو ڏينهن اڪيلي، ٻار بہ هاسٽل تي، ڪنهن سان ڳالهائي؟! ان اڪيلائيءَ تہ بلڊ پريشر ۽ شگر ڏئي ڇڏيس .... بس صبح ٿئي .... مون کي معاف ڪجانءِ“ زال جو ويچارو چهرو اکين آڏو اچي ويس، روئڻهارڪو ٿي ويو.

ان ڏينهن جڏهن هن جي وڏي پٽ کيس چيو.

”جنيد بي ڪام ڪري ويٺو آهي.“

....

”ڪا نوڪري توهان ئي ....“

هن اڌ ۾ ڪٽيندي چيو هئس، ”مان ڇا وٺي ڏيانس؟ ....اڄڪلهہ نوڪريون آهن ڪٿي؟.... اهي پراڻا دور هئا جو ڊگري ڏسي نوڪري ڏيندا هئا. مئٽرڪ آهي، ڏئيس ماستري، ڏئيس ڪلارڪي، بي اي آهي تہ وٺ هي نوڪري ... نہ هاڻ ايئن نہ آهي. هاڻ جنهن ۾ جيتري لياقت آهي اهڙي نوڪري. ايم بي اي ۽ ايم ايس سي ڌڪا پيا کائين .... ڊپلوما هولڊر نوڪريون پيا ڪن.“

”پر ....“

هن وري ڪٽيندي چيس. ”هاڻي رڳو مارڪيٽ آهي. ماڻهو تول آهي، جيترو سستو ملندو، اوترو. پر .... “ زال هن کي روڪيندي چيو. ”پر توهان هن کي ڪٿي لڳايو.“ منهن ڦيريندي چيائين، ”ڏسندس.“
جوٽس وري چوڻ شروع ڪيو. ”ٻئي هنڌ نہ تہ، في الحال پاڻ وٽ ....“
هن رڙ ڪندي چيو، ”پاڻ وٽ ڇا؟ .... مون وٽ ڪهڙا ڪارخانا آهن؟!
.... تون تہ ايئن ٿي سمجهين ڄڻ ملڪ جو مالڪ هجان، ايئن نہ؟
....“
”نہ .... نہ .... پر....“
”نہ .... نہ .... ڇا؟ .... منهنجا ملازم تہ منهنجي ٻارن جي بوٽ جون ڪهيون ٻڌندا آهن .... هي ٻڌندو؟“
”پر پائيٽيو.“
”بس نہ ٿي ڪرين؟“ هن رهڙ ڏئي بس ڪرائي ڇڏيس. هاڻ ڪيس ان مهل وارو چهرو ٿو ياد پيس، ”مون کي معاف ڪجانءِ.“
اوچتو سر سراهٽ ٿي تہ، ڇرڪ ڀريائين.
”ڇا آهي؟ .... هان ....“
ٻنهي لوڙهي ڏانهن ڏٺو، اتان ٻڪري گذرندي نظر آين. لوڙهي ٻاهران ڪنهن کنگهيو، نوڪر هو، ”سائين مالڪن موڪليو آهي .... توهان آرام ڪيو. مان جاڳان ٿو، توهان سمهو.“ ڪٿ ڪٽي هنن جي پيرانديءَ کان وجهي ان تي ويهي رهيو. هو ٻئي سمهي رهيا.
ڏسي ٿو. گهرءِ زال سان گڏ چانهہ پيئي ٿو، ٽي وي تي مزاحيا فلم هلي ٿي ..... ٺهڪ ڏئي ٿو .... اداڪار فرش تي ليٽي ٿو .... ۽ نانگءِ تبديل ٿي وڃي ٿو. نانگ ٽي وي مان نڪري هن ڏانهن تيزي سان اچي ٿو. در کولي ٻاهر ڊوڙي ٿو، ٻاهر اوندهہ آهي، ڊوڙي ٿو، ٻڪي نہ

ٿو سگهي. تيز ڊوڙڻ جي ڪري ٿو، پر ڊوڙي نہ ٿو سگهي، رڳو نڪري ٿي وڃيس، اڪ ڪلي پيس، سڄو پگهريل آهي، ٿريل، نستو، جسم ۾ سيءَ جي ڏرڙي ڊوڙي ويس، هن ڏٺو مٿي آسمان ۾ ستارا آهن. وڻنس ٿا. پرتان مور جي راڙ ۾ بہ زندگي محسوس ٿئي ٿي، اکيون بند ڪرڻ نہ ٿو چاهي.

اکيون تہ تڏهن کليس، جڏهن هن ساحره کي فورم ۾ پيپر پڙهندي ڏٺو. هاڻي ساحره جي سحر ۾ گم آهي. ساحره جيڪا ڪنهن آرڪيالاجي سيمينار ۾ پيپر پڙهندي ٿي وئي تہ هن ۾ سمائجندي وئي، ساحره جيڪا آرڪيالاجي کاتي ۾ ڪيمسٽ آهي، اڄڪلهہ لاهور جي ميوزم ۾ ٽريننگ تي ويل آهي، ان جي ڪجهہ وقت اڳ اِي ميل پڙهيائين، ”لاهور جي شاهي قلعي جي شيش محل جي فالس سيلنگ کي اڌوهي لڳي آهي. اڄ جو ليڪچر اڌوهي تي هليو تہ هو ڪهڙي ڪاٺ کي ميلن تان محسوس ڪري سگهندي آهي. لڳندي آهي تہ ان کي ختم نہ ٿو ڪري سگهجي جيستائين اڌوهيءَ جون ڪالونيون ختم نہ ڪري ڇڏبيون. ڇت کي ڏسندي اهو محسوس ٿيو تہ چاڻ ڪري .... چاڻ ڪري .... ڪري لڳو تہ مان بہ شاهي محل جي اڌوهي کاڌل ڇت هجان چاڻ ڪريس .... ڪريس، پر مان تہ رات ۾ تبديل ٿي رهي آهيان. مونکي يقين آ؟ اونداهي رات ۾ تون مونکي وڌيڪ محسوس ڪندين .... چاڪاڻ تہ توکي چانڊوڪي ۾ سڪل وڻ نہ وڻندا آهن“. هي ميل پڙهي اداس ٿي ويو، پرسان سندس زال هلڪا هلڪا کونگهرا هڻي

رهي هئي، ڪونگھرن جا آواز چوڌاري ڦرنس ٿا. آواز وڌندي پڙاڏو ٿي وڃن ٿا.
هن آوازن مان جان ڇڏائڻ لاءِ انٽرنيٽ تي ڏنو ساحره لائين تي هئي، لکيائين....
”جانان“
”جي.“
”جاڳو ٿا!“
”ها“
”ڇو؟“
”هاسٽل ۾ بيٺل انب جي وڻ ۾ ڪوئل جا آواز هيا. لڳي پيو ڪنهن باز پڪڙيو اٿس.“
”پوءِ ڇا آهي؟“
”مان اڪثر ساڳيو خواب ڏسندي آهيان. اونداهي رات جو آڪاش ۾ پٽڪيل ڪوئل کي باز چنبي ۾ پڪڙي ٿو، هوءَ رڙيون ٿي ڪري ۽ .... پوءِ هن جا کنڀ منهنجي اڱڻ ۾ ڪرن ٿا. سڄو اڱڻ کنڀ ئي کنڀ هوندو آهي.“
”سائين“
”جي جانان.“
”تنهنجو پهريون پيار فوزيہ هئي نہ .... ملندو آهينس؟“
”نہ جان. زندگيءَ ۾ پهريون پيار ايم ايس سيءَ جي پهرين سال ڪيو هو. آمر جو دور هو، چوڌاري خوف دهشت، وحشت، انهن ڏينهن ۾ ڪٿي بہ پناهہ وٺڻ سياويڪ هئي، دوستن سان آرٽس ڪائونسل جي ڪنهن فنڪشن ۾ ويٺو هوس، هوءَ بہ سامهون ويٺي هئي، اکيون

هر هر ملن، ٻائيس تي اچن وارن وارو اديب تقرير جا آخري جملا ڳالهائي رهيو هو. ”تون ظالم آهين، ڪوڙو آهين .... قاتل آهين، سچ ڳالهائيندس.

مون کي ڳلي جو ڪينسر آهي، ان ڪان اڳ جو آواز بند ٿي مان سچ ڳالهائي وٺان. تون پلي منهنجو ڳلو ڪپ .... مان نه مڙندس وڙهندس. مان سيد جو ٻچو آهيان .... ان جو ڳلو يزيد ئي ڪٽي سگهي ٿو.“

”پوءِ؟“

”پوءِ جان مون کي ته هن پنهنجي مرڪ جي تلوار سان ڪٽي ڇڏيو.“

”بس .... بس“

”ڇو؟“

”مونکي ساڙ ٿو ٿئي“

”فوزيا ته پوءِ آئي گهڻو وقت هلي نه سگهياسين.“

”ڇو؟“

”اصل۾هوءَ شادي ڪرڻ پئي چاهي.“

”ڪرينس ها.“

”ڪريانس به ها پر انهن ڏينهن۾مون تي هڪڙو خوف سوار هيو ته ان ماريو ويندس.... نوڪري نه ملندي، جي نوڪري ملي به ته ٻار پالي نه سگهندس .... هاڻي هوءَ وڏيڪ خوش آهي.“

”اڄ ڪلهه فوزيا سعيد آهي.“

”جانان ....“

”جي چوان.“

”سچ ٻڌاءِ .... اداڪار اياز لاءِ؟“

”ايئن .... مان ٽيڪسيلا ۾ ٽريننگ تي هيس، اتي ڪنٻرات جي پيتين ۾ وڏي آيل گاهه کي ختم ڪرڻو هو.... هو ڪنهن ٽي وي ڊرامي جي شوٽنگ لاءِ ايندو هو .... بس ڪڏ پئجي ويو. پر دوستي ته منهنجي مڙس سان رکيائين، پر هن جي غير حاضريءَ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ مون سان ڳالهائيندو هو. ملياسين به، گهمياسين به. ڪٿمنڊا ڪائيندو هو، نوان نوٽ کيسي ۾ وجهي گهمندو هو، الائي ڪيترا منهنجا فوٽو ڪڍيائين. بس .... شاعري ٻڌائڻ تائين محدود رهيو....“

”پوءِ؟“

”پوءِ .... جڏهن منهنجو مڙس مري ويو ته فون ڪيائين ”پاڻ هاڻ آزاديءَ سان ملي سگهنداسين.“

”بس جانان.“

”ڇو؟“

”بس“

”پر ڇو؟“

”مونکي ساڙ ٿو ٿئي“

”بس ان ڏينهن کان پوءِ اداڪار اياز مون لاءِ مري ويو. خود غرض هو.“

”بس ....“

”اڄ کان پراڻا باب بند“

”بند“

”اڄ ڏس اسان ته صحيح نموني اظهاري به نه ٿا سگهون.... پل ڪيڏا به ويجهو هجون .... هڪ خوف آهي، گهر جو .... سماج جو. لنڊن جي هائيڊ پارڪ ۾ ايڏي ته آزادي آهي جو هرڪو راڻيءَ کي به آرام سان

گاريون ڏئي سگهي ٿو.... اتي هڪ عجيب ڇوڪري ايندي هئي .... ڏاڍي سهڻي، چئي .... اڄ جو مرد مظلوم آهي.”
”ڇا مطلب؟“
ڪمپيوٽر بند ڪري هن سان فون تي ڳالهائڻ شروع ڪيائين، ڪمري ۾ ٽيبل ليمپ جي روشني هئي. بيڊ تي سندس زال ڪونگھرا هڻي رهي هئي.
”هيلو“

....

”پڻ .... مان ٻـ رات هڪ خواب ڏٺو“

....

”هڪ بند ڪمري ۾ ويٺو آهيان، ٻـ ڇوڪريون ۽ هڪ ڇوڪرو ڇانهه پيئندي ڪو ڇرچو ڪن ٿا.... ٺهڪ ڏين ٿا. ڇوڪرو شرمائي ٻاهر هليو ٿو وڃي. ان مان هڪ ڇوڪري مون سان مخاطب ٿئي ٿي ”هڪ ڊرامو اسٽيج ڪيو اٿم ... ڏسو“ ڏسان ٿو، سامهون پٽ ڪان ڌاڳو آهي جيڪو سرڪندو ٿو وڃي، ان ڌاڳي ۾ موتي جڙيل آهن ان مهل منهنجي ڪيفيت رومانٽڪ ٿي وڃي ٿي. آهستي آهستي ڌاڳو پٽ ڪان ٻاهر هليو ٿو وڃي. ٻاهر اچي ڏسان ٿو. ان ڌاڳي سان وڪريل ڏاڙهيءَ وارو ماڻهو لغڙ اڏائي ٿو. اوچتو لغڙ ٻولاٽيون کائيندو هوا ۾ پرتي اڏامندو ٿو وڃي. هو رڙيون ٿو ڪري تـ اوچتو ٺهڪ ٻڌان ٿو، اهو ساڳيو ڇوڪرو آهي جنهن هن جو لغڙ ڪٽيو ۽ هاڻ هن جي ڏور موتين سان جڙيل آهي. ٺهڪ ڏئي ٿو مان اتان هلان ٿو. هلندو ٿو رهان پرتي پرتي سڪل وڻن ۾ اهو لغڙ ڦاٿل هو.“
”خبر اٿئي مونکي سڪل وڻ ۽ چاندوڪي نـ وڻندي آهي.“

سندس زال پاسو ورائيندي پڇيو، ”ڪير آهي؟“ ورندي نہ ٿيو ڏئيس.
”ڪنهن سان ٿا ڳالهايو؟“
ورندي نہ ڏنائينس. هو ڳالهائي رهيو هو ۽ زال بدندي رهيس، ”بس گهڻو نہ .... ٿورو انتظار.“
”چيم بس ٿورو هڪ پروجيڪٽ پورو ڪرڻو آهي.“
....
”بس ايئن سمجهہ اهو پورو ٿيو تہ پوءِ بئي پاڻ ....“
”هان .... ڪير آهي؟“
هن زال کي بيڊ تان اٿندي ڏسي چيو، چڱو ”خدا حافظ.“
”ڪير هئي؟“
”ڪير بہ نہ .... دوست هو.“
”نہ دوست نہ، فوزيا پئي ڳالهايو.“
”ڪهڙي فوزيا؟“
”اها ئي يونيورسٽيءَ واري .... هاڻي هتي آهي، جنيد مونکي ٻڌائي ڇڏيو آهي .... تو سان ملي آهي؟“
”ها بلڪل مليو هو مانس، پبليڪيشن جي سلسلي ۾....“
ڪيس پاڻ کي بہ خبر نہ هئي تہ ڪٿي آهي؟ جڏهن اداري جي پبليڪيشن جي سلسلي ۾ مغل پرنٽرس ۾ پروجيڪٽ جي ڪم سان ويو تہ ڪن پل لاءِ بيهجي ويو. ڏٺل وائٺل چهرو، سنهي فريم واري بيضوي عينڪ پٺيان ساڳيون اکيون، ڪٽيل وار چپن تي واڱڻائي شيڊ جي لپ اسٽڪ لڳل. ايگريمينٽ ڪرڻ کانپوءِ گاڏيءَ ۾ پبليڪيشن آفيسر سان موٽندي هو خاموش هو. ٿيل ڳالهين کي ذهن ۾ ورجائي رهيو هو، ”مون اخبار ۾ پڙهيو هو توهان جي بيماريءَ جو ...

ان پيرڊ ۾ الائي بہ چو توهان سان نہ مليم .... پر پنهنجي طرفان ڪجھ نہ ڪجھ ڊونيٽ ڪندي رهيس .... مونکي سڄي چاڻ ملندي رهي. هرو پرو ايئن بہ نہ هو تہ ان۾مون دلچسپي پئي رکي .... توهان پوزيشن ڪنئي. يونيورسٽيءَ۾نوڪري ڪيو. پوءِ شادي ڪنهن گهريلو ڇوڪريءَ سان ٻار ڄڻڻ لاءِ .... اڳ تہ ٻار ڄڻڻ لاءِ شادي نہ پئي ڪيو .... ها .... ها مان ڏاڍي خوش آهيان. سلڇڻو مڙس سعيد شاعر آهي .... سٺو برنس بہ آهي. ”

پبليڪيشن آفيسر خاموشي ٽوڙيندي چيو

”سر! هن جي مڙس کي سڃاڻو؟“

”نہ“

”ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي. سٺو شاعر پڻ .... سعيد دراني منهنجو دوست آهي. عجيب ماڻهو. ڪيس ننڍ نہ ايندي آهي. پيڳڙن وانگر ننڍ جون گوريون چٻاڙيندو ان جي تيز ذائقي۾سگريٽ جو مزو وٺندو .... چوندو آهي ننڊ گورين سان نہ ايندي آهي. بس اوندهہ ڪري اکيون بند ڪري سوچيندو ويندو آهيان. هزارين بمن سان مشين گن سان ڪيمپ ۾ گهڙي فورس کي ماريندو ... اڏائيندو ويندس .... ڊاهيندو .... ماريندو .... ماريندي ماريندي ننڊ اچي ويندي آهي. سر! سعيد ٻڌايو: فوزيا سان ڪنهن پيار ڪيو هو. ڪيس ڇڏي ويو. هن يونيورسٽي ڇڏي ٻن سالن کان پوءِ هتان جي يونيورسٽيءَ۾داخلا ورتي. هڪ منجهند جو جڏهن ٽيچرس پوائنٽون هلي ويون. رهيل شاگرد آخري بس ڏانهن رڙهي رهيا هيا. تہ مان لائبريريءَ مان ستي روڊ تي ڏٺم تہ ناسي ڪپڙن۾ ڇوڪري روڊ تي ٽيڙ ڪائيندي هلي رهي هئي. تيز قدم کڻندي پرسان آيم تہ فوزيا هئي جا عامر سان گڏ گهمندي رهندي هئي.“

”فوزيا تون!؟“
سندس هٿ ۾ ڊائزيپام جي اڌ بوتل هئي، سٽ ڏئي ڦري مانس.
”ڇو؟“
”عامر مون سان شادي نہ ڪندو.“ سڏڪي پئي.
”نہ نہ، تون غلط آهين“ مان سڀ دليل گڏ ڪري کيس مطمئن ڪندو رهيس. ”عامر تو سان محبت ڪندو آهي شادي ضرور ڪندو....“
”نہ .... نہ ....“ هو ويهي روئڻ لڳي.
ڪاپو هٿ پويان ڏئي ساڄي هٿ جي آڱر ڪاڪڙيءَ ۾ هٽي الٽي ڪرائي مانس. سيمسٽر جا آخري ڏينهن هيا.
سڀ امتحان ڏئي گهر ٿي ويا. مان ريڊيو ٽرانسليٽر تي ڪم پئي ڪيو تہ فوزيا بہ اچي اتي جوائن ڪيو. ٻڌايائين، ”عامر ڏاڍا خواب ڏيکاريا .... خوبصورت گهر ۽ ٻارن جا ... پر هو تہ پينٽ لاءِ بہ پئسا مونکان گهرندو هو. اصل ۾ مان نيل ڪنٺ سان محبت ڪندي هيس پر مذهب ساڳيو نہ هو، عامر مونکي تنگ ڪيو .... ڏاڍو تنگ ڪيو. مون سندس بي عزتي ڪئي پر هو خاموش رهيو. هن جي خاموشي مونکي نہ وڻي، معافي ورتي مانس .... پوءِ بس پوءِ مان ۽ هو .... هڪ دفعي تہ نيل ڪنٺ چئي ڏنو، جڏهن عورت کي پرس ۾ خوابن بدران ڪنڊوم ملن تہ هوءَ ايتري ڪري چڪي هوندي آهي جو هو اٿي ئي نہ سگهندي .... ۽ مان واقعي اٿي نہ سگهيم. فوزيا کي سهارو ڏئي اٿاريم ۽ اڄ هوءِ منهنجي زال آهي. مونکي اٿاريندي ويهاريندي آهي.“
”سر! سعيد کي اڄڪلهہ مٿي جو سخت سور رهي ٿو. جيترو شڪل جو سادو اوترو وڏو شاعر آهي. کيس اڄڪلهہ بيماري ٿي پئي آهي تہ هو ماڻهن جو سچو چهرو ڏسي ٿو، باقي نڪ نہ.“

زال جي ڪونگهرن جي آواز تي سوچن جو سلسلو ٽٽي پيس. ڪونگهرن جا آواز پڙاڏو ٿي چوڌاري ڦرنس ٿا. هي پاڻ کي سسندي محسوس ڪري ٿو، ۽ پاڻ کي فوٽوءِ ۾ تبديل ٿيندي ڏسي ٿو. فريم ۾ مڙهيل پيت تي ٽنگيل آواز پونئر لڳنس ٿا .... هو آوازن کان جند ڇڏائڻ لاءِ پاڻ کي ساحره سان گڏ محسوس ڪري ٿو.

هاڻي هو پينگهي ۾ لڏندي هن جا چپ چمي ويٺو، مٿي آڪاش ۾ سنجها ڦهلجي وئي آهي. هنن ڏٺو پکي اجان بہ اڏاٽا پئي.

”ڏس! .... مٿي.“

”ڪبوتر آهن.“

”جي اهي چمڙا ٿي چنبڙي وڃنئي تہ!“

هن چاتي تي هٿ رکي چيو، ”هان .... هي ڇا؟!“

هن پينگهي ۾ لڏندي سامهون پيت تي ٽنگيل ڪئليندر کي ڏٺو، جو ڪڏهن ساڄي ڪڏهن کابي لڏندو. گهڙيال جي پئنڊوليم ۾ تبديل ٿي ويو.

ايئن مڙس سان پينگهي ۾ لڏندي هيس .... جڏهن ڪلب تان جوا ۾ هارائي نشي ۾ دت ٿي ايندو هو. چوندو هئو، ڪپڙا لاهہ ....، هر پيري هن صرف ڪپڙا لاٿا .... اگهاڙي. رڳو چڪ چماٽون. ايئن هڪ دفعو هو هارائي آيو .... صبح جو ڪپڙا پئي پاتم، هو چريو ٿي نہ، دل جي دوري ۾ هليو ويو .... اٿيو ئي نہ .... مان هارائجي ويس .... هاڻ هن جو هڪ هٿ ڇاتيءَ تي هو. هن هٿ هٿ ۾ وٺندي چيس

”جانان! مان جڏهن پهريون پيرو تنهنجي گهر ۾ داخل ٿيس تہ جيئن سوچيو هو .... ايئن تنهنجي گهر جو نقشو نہ هو. سڀ ڪجهہ بدليل ... اڳڻ جي کابي پاسي ڏاڪڻ، پر هت ساڄي پاسي آهي. سامهون

ڪمرن بجاءِ هڪ سامهون ٻيو پاسي ۾ آهي، ۽ وڏو اگهڙ، اگهڙ ۾ پينگهو.“

ساحره پينگهي مان اٿندي پڇيو ”چانهه پيئندؤ.“

”اڻو .... چانهه ٿا ٿاهيون.“

”هن ڪير وڌو، هن پتي، هن کنڊ وڌي، ته هن گهمائي.

۽

هاڻ پاڻ کي ساحره سان گڏ ٺٽي جي فارم هائوس جي سئمنگ پول جي ڊائيو واري ڏاڪڻ وٽ ليٽيل محسوس ڪري ٿو. چانڊوڪي ڦهليل آهي، چوڌس چپ چپات، ڪنهن ڪنهن مهل ڪارن جا آواز اچن ٿا. هي ڪجهه سوچي چوي ٿو، ”ساحري! مون کي سڪل وڻ ۽ چانڊوڪي نه وڻندي آهي.“

هوءَ اٿي، هن جي پاسي کان ليٽي ڪاٻي ٽنگ ۽ ڪاٻي ٻانهن ورائي هن جي مٿان رکي نڪ نڪ سان ملائيندي چيو

”ڏس! .... هاڻ ٻنهي جون دليون ٻه مليل آهن.“

”ها .... ڌڙڪن ٻه گڏ ٿيون.“

هوءَ اڌ کليل چپن کي چمي ٿي.

چوڌاري چانڊوڪي ڦهليل آهي، سئمنگ پول جو پاڻي چانديءَ جو سنهو پڙچ لڳي ٿو. ساحره آهستي اکين جون دريون کولي ڏسندي چيو.

”اڄوڪو وقت گذريل وقت کان گهڻو مختلف نه آهي.“

”نه.“

”پوءِ مونکي ايئن چو ٿو لڳي؟“

”وقت نه بدليو آهي .... پاڻ بدلجي ويا آهيون.“

”هاڻ تون ڪيئن ٿي محسوس ڪرين؟“

”لڳي ٿو تون ۽ مان، مان تون ٿي ويا آهيون.“

ٻئي ايئن محسوس ڪن ٿا تہ چارئي ڏسائون هڪ آهن، وجود بہ هڪ آهي. دور آڪاش ۾ چنڊ جو سڙهہ. پکي اڏامندي پئي ويا جن ڪي صرف آواز مان ئي محسوس ڪري پيو سگهجي پکين پٺيان پکي.

”ساحري! وقت وڏي ويساهہ گهاتي ڪئي آهي.“

”ڪيئن؟!“

”توکي مون وٽ اڳ اچڻ گهربو هو. هاڻ وقت ٿورو آهي .... ۽ اسان کي تمام گهڻو پيار ڪرڻو آهي.“

”جانان.“

”جيءُ“

”هٿ ڏيکار“

”ڏسڻ ايندو اٿو ڇا؟“

”ها“

هن هٿ وٺي هن کي چميو

”جانان ڏس .... تون بہ شادي شده آهين .... هڪ ڌيءَ اٿئي ۽ مونکي بہ پٽ آهن، تو کي مڙس ڪونهي ۽ مان بہ ....“

”ڇا مطلب؟“

”مطلب تہ زال هوندي بہ ڇڻ نہ آهي .... بلڊ پريشر، شگر .... انسولين تي .... ايئن بہ ناهي تہ هن کان مونکي ڪا شڪايت آهي، بس زندگيءَ ۾ عجيب کوٽ آهي، اڌورو، بي سڪون، بيزاري آهي، سڄي زندگي ايئن گذري آهي.“ هوءَ هن جي آلين اکين ۽ چپن کي چمي ٿي. هن کي لڳو هوءَ ندي ٿي پئي آهي، جبل تان ٻوڙندي سهڪندي هن

جي زندگيءَ جي بيابان ۾ پکڙجي وئي آهي. هاڻ هوءَ ٻيڙي ۾ هي سڙهه تي پيو آهي.

ٻيڙي هلي تي سڙهه هلي پيو.

زالهنس پاسو ورايو، هن ڏٺو. ڪجهه وقت ڪمري ۾ خاموشي ٿي وئي. ڪونگهرن جي آوازن جا پونئر قرڻ لڳا. هو ساحره جي ميل کي ذهن ئي ذهن ۾ ورجائي ٿو، ڏک ۾ شدت اچي ٿي وڃيس، پڙڪي ٿو، ”مان تو کي رات ۾ تبديل ٿيڻ نه ڏيندس .... سچ ته تو بنان جڻ مان ڪجهه به نه آهيان .... هن سان گڏ هجڻ به نه هئڻ آهي، هي ته منهنجي خوشين تڪليفن ۽ ڪامياٻين کي محسوس ئي نه ٿي ڪري، يا مان محسوس ڪرائي نه سگهيو آهيان، ڪڏهن ته ايئن لڳندو آهي ته هيءَ سڀ ڪجهه محسوس ڪري ٿي .... سمجهي ٿي .... پر شيئر ڪرڻ نه ٿي چاهي. مان ته اڪيلو آهيان .... ان اڪيلائي ۾ به زندگيءَ کي معنيٰ ڏيڻ جي بي معنيٰ ڪوشش ڪئي آهي .... هاڻ تون ئي منهنجي زندگيءَ کي معنيٰ ڏئي سگهين ٿي .... نه تون رات ٿيندينءَ ۽ نه مان اڌورو ....“

پر جيئن هن چاهيو، ايئن ئي ٿيو.

جنيد، سندس پائٽيو، جيڪو هن جي اداري ۾ ئي ملازم آهي، تنهن کي ڪالهه آخري پيرو ڳاڙيءَ ۾ گهمائيندي سمجهائيندي چيو هيائينس، ”ڏس تون به منهنجو پٽ آهين .... مان نه ٿو چاهيان ته تون هت پنهنجي زندگي ننڍي نوڪري ۾ ننڍي ملڪ ۾ ڪجهه حاصل ڪرڻ بنا ئي گذاري پوري ڪرين .... نڪر هتان .... ٻاهر وڃ، ٻاهر موڪلڻ لاءِ تنهنجو انتظام ڪيو آهي .... آمريڪا ۾ منهنجو ننڍپڻ جو دوست آهي.

اَرب پتي آهي پنهنجو بزنس اٿس، اهو توکي اتي سيٽ ڪندو، مان بہ هتان پئسا ڏيانءِ ٿو، .... سمجهين ٿو يا نہ؟"

"ها."

"بس! اهو ڪم ڪري ڇڏ، پوءِ هتان توکي ڪيڏ منهنجو ڪم .... توکي ڪجھ بہ نہ ٿيندو، باقي معاملا مان سنڀاليندس .... ڏس نہ، هونئن بہ تہ چڙ هن جي عمر پوري آهي. اٺڙ ويهڻ کان هلاڪ .... تو کي تہ ڪجھ بہ نہ ٿيندو .... ايئن نہ؟"

"ها."

"يا گهبرائين ٿو!؟"

"نہ .... نہ ...."

"اهو سڀ ڪجھ ڪري ڳوٺ هليو وڃجانءِ، چڙ ڪجھ ٿيو ئي ڪونہ .... گهبرائين تہ نہ ٿو؟"

"نہ .... نہ چاچا."

هاٽي پاڻ گهبرايل آهي، تڏي تي ويٺل پنهنجي پاسن کان بيحال پٽن کي ڏسي ٿو، ۽ هر هر ٿشوءَ کي ٻيٽو ٽيٽو ڪري ان ۾ نڪ سڙڪي ٿو، ويٺلن جا جملا جهٽي ٿو.

"سائين نہ، ڪنهن تي اعتبار ئي نہ ڪجي."

"بس سائين."

"قهر ٿي ويو."

"چاچيءَ کي ماريائين."

"سائين لالچ"

"وري بہ شاباس بورچيءَ کي، جنهن پڪڙيس، نہ تہ ڪنهنکي خبر ئي نہ پوي ها."

ڪالهہ رات، جڏهن هو شهر کان ٻاهر رات جو هوٽل جي ڪمريءَ ويٺو تاش پئي کيڏيو، ٻاهر روڊن تي ڪارون، رڪشائون، ٽيڪسيون، جيئن جو تيئن هلي رهيو هيون، سائن بورڊ ٻرن اجهامن پيا. ايئن پورٽ تي جهاز لهن ۽ اڏامن پيا. گل ڪٽي وڪٽندڙ ڳاڙهي بتيءَ جي ٻرڻ جي انتظار ۾ هئا. تہ هن سوچيو، ”هاڻ سڀ ڪجهہ ٺي ويو هوندو.“

”اصل قهر ڪري ڇڏيائين“، ڪنهن وڏي واڪي چيو، وري هن سوچڻ شروع ڪيو.

”ڪيئن چوري گهٽا ڏنا هوندس .... ڦتڪي هوندي .... ڇا سوچيو هوندائين! “

هن تہ ايئن سوچيو ئي نہ هو، معاملو ئي ٻيو ٿي ويو. هن کي تہ دوستن کي فونيون، ٻارن کي آٿت، ايمبولنس جو انتظام ڪرڻو هو، پر هن کي سڌو ٿاڻي تي وجڻو پيو، ٿاڻي تي پوليس آفيسر چيس.

”چورو تہ توتي ٿو بڪي.“

”پوءِ؟؟“

”پوءِ ڇا؟“

”نيٺ“

”پنج لک“

”نہ پنج وڏا آهن“

”خون توتي آهي“

”پنج نہ .... ٿي.“

هن اک هٽندي چيو.

”ڏي“

هڪ اک ڪليل.

”تي لڪ“

هڪ اک بند.

”سائين زمانو ئي نہ رهيو آهي.“ هن ڏانهنس ڏٺو جو چئي رهيو هيو.

”توهان تہ بچو ڪري پاليس.“

تصور ۾ اچيس ٿو.

چوري ڪي پوليس ڏاڍو ماريندي هوندي.

رڙيون ڪندو هوندو. ائي لي ڙي .... اباڙي .... سچو نيرو ٿي ويل، رڳو اڇيون اکيون ٻاهر نڪتل، نرڙ مان رت وهندڙ .... الف اگهاڙو هاٿي اٿندو، پچندو، اگهاڙو روڊن تي سڄي زندگي ڀوڙندو.....هن پرسان ويٺل ٻنهي پٽن کي ياڪر۾ پريو، جن جي اڏ وئڪيشن ڪاليج ٿوئر ۾ اڏ وئڪيشن ۾ هي ڪين ٿائيم ڏئي نہ سگهيو، سوچي ٿو.ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ٻارن کي ساڻ ڪري ڪاڏي گهمڻ نڪري ويندس، .ٿشوءِ ۾ پنهنجو نڪ سٽڪي سامهون ڏٺائين تہ سندس نظر شاعر سعيد تي پئي، کن پل ۾ سوچيائين، ”هن کي منهنجو چهرو تہ چٽو نظر ايندو هوندو .... سواءِ نڪ جي.“




## Akhlaq Ansari's Profile

Our well-known short story writer of Sindhi Language was born at Larkana (Lahori Muhalla) on 24th April, 1957, got his Primary education at Govt. P.C School, Larkana and his secondary at Govt. Pilot Secondary School, Larkana He did his Higher Secondary Education at Govt. Degree College Larkana in Pre-Engineering Group. He got his B.Sc (Hons) & M.Sc in Physics from University of Sindh.

Now adays he is working as Assistant Professor of Physics at Govt. Degree College Larkana.


The literary work of the Mr. Ansari was started in 1975 by writing a short st “RUNJ MAIN RABAIL” & many articles were published in various magazines of Sindhi language from time to time. His first book of short containing 13 stories published in 1984 named “RUNJ MAIN RABAIL”, his second collection was came in market in 2003 named “MAAN KAINAT AAHYAN”. The book containing 16 stories.




**Published by :**
**Marvi Kitab Ghar, Sukkur**

**Year : 1986**

**MAAN KAINAT AAHYAN**




**Published by :**
**Kanwal Publication, Kamber**

**July, 2003**

**RUNJ MAIN RABEL**

هن ۾ داخلي درد، ڇهندڙيون ۽ محسوسات ڀرپور طريقي سان سمايل آهن. جو پڙهندڙ کي پنهنجي دنيا، درد ۽ تجربا ياد اچيو وڃن.

ڊاڪٽر بدر اُجڻ

ڌرتيءَ جي هيٺان ۽ آسمان مٿان جيڪي اونهايون ۽ جيڪي وسعتون آهن. اهي سڀ فنڪار جي ادراڪ جو حصو بڻجي پونديون آهن ۽ اخلاق انهيءَ ادراڪ ۽ وجدان جو تخليقار آهي.

تاج بلوچ

نئين حساسيت **New sensibility** سان تعلق رکندڙ ڪهاڻيڪار آهي.

شوڪت حسين شورو

**He has taken the Sindhi short story furthr than the point where Manak took it.**

**Abbas Jalbani**

اخلاق انصاريءَ جي ڪهاڻين کي ميچوئر ذهن ئي سمجهي سگهي ٿو.

اسحاق انصاري

رڃ ۾ رابيل ۽ مان ڪائنات آهيان جهڙن شاهڪار ڪهاڻي ڪتابن کان پوءِ اخلاق انصاريءَ جو هي ناول وڏو ڪارنامو آهي. جيڪو يقينن عظيم سنڌي ناول ڏانهن پهريون ۽ سگهارو قدم ثابت ٿيندو.

محمد علي پٺاڻ

I.T SCHOLARS GROUP OF PUBLICATIONS